


Scanned with CamScanner

# ٿڪندو

(ناول)

## قبول ابڙو

جاڪوز پبليڪيشنس ڪراچي

پوسٽ باڪس نمبر 7219 ڪراچي. 74400

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

حق ۽ واسطا هٿيڪا


| | | |
|---|---|---|
| نالو | : | تڪندو (ناول) |
| ليکڪ | : | قبول ابڙو |
| ڇاپو | : | پهريون - ڊسمبر ١٩٩٣ع |
| ڇپائيندڙ | : | سورهيه سنڌي |
| پاران | : | جاکوڙ پبليڪيشنس ڪراچي، سنڌ. |
| تعداد | : | ٻه هزار |
| ٽائيٽل | : | قيوم منگي |
| قيمت | : | ويهه رپيا |

**TEKUNDO, (Novel) Written by, Qabool Abro-**
Published By
**JAKHOR** Publications, P.O Box 7219 Karachi 74400.
First Edition: December 1993. Price Percopy Rs. 20/=


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ليکڪ جا ڇپيا ڪتاب

١- شڪر آمڙس تہ مليو

٢- مون ڪي مڙس نہ کپي

٣- رات جو ٻارهين وڳي

٤- ۽ سنڌو وهندو رهيو (ٻہ ڇاپا)

(انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجيءَ پاران ايوارڊ يافتہ)

٥- ڌرتيءَ جي جنگ

٦- ڊنل اکين جا خواب

٧- جيون جيون سڏڪا سڏڪا

٨- سنڌين جو مستقبل ڇا ٿيندو؟

٩- سنڌين ۾ بي روزگاري ڇو؟

١٠- سندهيون کا مستقبل کيا هوگا- (اردو)

١١- پنهنجي گهر ۾ اجنبي (اڻ ڇپيل)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# يادن جا زرد گلاب

رات اگڻ ۾ ويٺو هئس. منهنجي جاءِ ۾، منهنجي گهر وارن جي چوڻ مطابق اگڻ آهي ئي ڪونہ. ڇو جو جنهن کي آءُ اگڻ چوندو آهيان، ان کي منهنجي گهر وارا لان چوندا آهن. پر جيستائين لان لڳي، تيستائين آءُ اتي پنهنجي نويڪلي کٽ رکي، بالم بڻيو ڪڏهن ويٺو تہ ڪڏهن ستو پيو هوندو آهيان. بالم آهي ڪهڙي بلا؟ مونکي تہ بالم جي معني! ڪڏهن بہ سمجهہ ۾ ناهي آئي. باقي لفظ "بالم"، سو منهنجو ڏاڏو سائين ڏاڍو استعمال ڪندو هو. منهنجو ڏاڏو سائين گهڻو ڪري لفظ "بالم" پنهنجي هڪ ڊاڪٽر دوست لاءِ استعمال ڪندو هو. اها ان زماني جي ڳالهہ آهي، جڏهن لاڙڪاڻي ۾ ٻن ٽن ڊاڪٽرن ڪانسواءِ ٻيو ڪوبہ ڊاڪٽر ڪونہ هو. ان زماني ۾ ماڻهن جي دلين ۾ ڊاڪٽرن لاءِ عزت ۽ احترام هو. هو ڊاڪٽرن کي پنهنجو هڏڏوکي ۽ همدرد سمجهندا هئا. هو انهن سان دوستيون رکڻ ۾ فخر محسوس ڪندا هئا. غريب ماڻهو گهڻي ڀاڱي ڊاڪٽرن کي دعائن سان ياد ڪندا هئا. وڏي ڀيهہ هوندي هئي ڊاڪٽرن جي ڪلينڪن تي- ٻهراڙيءَ جا ماڻهو ڏاند گاڏين ۽ گڏهہ گاڏن تي پنهنجن مريضن کي کڻي ايندا هئا. وڏو نالو هوندو هو ڊاڪٽرن جو- انهن ڏينهن ۾ ڊاڪٽر خوشامد نہ ڪندا هئا. مريضن سان لڙڪي نہ پوندا هئا. هو علاج ڪندا هئا. دوڪانداري نہ ڪندا هئا. وڏو فرق هو ان زماني جي ڊاڪٽرن ۽ اڄوڪي زماني جي ڊاڪٽرن ۾- اڳ ڊاڪٽرن ۾ ڪوڪو ڪاسائي هو ۽ اڄ ڊاڪٽرن ۾ ورلي ڪو ڪاسائي ناهي- بحرحال منهنجي ڏاڏي جي دوست ڊاڪٽر بالم جو بہ ڏاڍو نالو هو. هن جو نالو انڪري بہ هو، جو سندس دوستي هئي هڪ ڊاڪٽرياڻيءَ سان. واه جي محبت هئي ٻنهي جي وچ ۾- اصل ليلي مجنون هئا هڪٻئي جي لاءِ - گهڻي ڀاڱي ماڻهو سمجهندا هئا تہ انهن ٻنهي لڪي ڇپي شادي ڪري ڇڏي آهي. پر ڊاڪٽر بالم ڏاڍو پڪو ماڻهو هو. هن ڪڏهن منهنجي ڏاڏي سان بہ سچي نہ ڪئي هئي. سدائين ڳالهہ لنوائي ويندو هو. هو ڊنل هو ماڻهن کان، ماڻهن جي نفرت کان. ڊاڪٽر بالم، جنهن جو اصل نالو ڪو ٻيو هو. ادبي سوچ رکندڙ ڊاڪٽر هو. ان زماني ۾ عشق تي تالو لڳل هو. فوني تي جيوتيءَ جا گانا ٻڌي آهون ڀريون هيون. اڄ ڪلهہ تہ عشق حاضر ناظر آ- نہ جهل نہ پل.

خير، مون ڳالهہ پئي ڪئي تہ رات جو ٻاهر اگڻ ۾ ويٺو هئس. ڪجهہ لکيم پئي. جڏهن رات جا چار ٿيا- اندر سمهڻ واري ڪمري ۾ گهڙي ويس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شاعري جيئن پوءِ تيئن بازاري ٿيندي پئي وڃي.“

اهو ٻڌي هو ڪاوڙيو نہ هو، پر ويجهو اچي چيو هئائين، ”مان نٿو ميان تہ منهنجي شاعري بازاري ٿيندي پئي وڃي.“

جواب ۾ مرڪي هڪ ڏينهن اڳ جون سندس واتان ٻڌايل سٽون ٻڌايون هيون مانس، ”هلي آ...... هلي آ....... ڪيئن بہ ڪري هلي آ.........

”ان شاعريءَ ۾ ڇا آهي؟“

جواب نہ ڏنو هئائين. خاموش ٿي ويو هو. استاد بخاري شانائتو ماڻهو هو. هن جي شاعريءَ کي پنهنجي خوشبوءِ آهي. هن جي ڪجهہ شاعري سطحي ۽ هلڪڙي مزاج واري ضرور آهي، پر ان جي باوجود سندس طاقتور شاعريءَ کي رد نٿو ڪري سگهجي. جيئن اڄڪلهہ جي ماڻهن کئي اها وائي ورتي آهي، جو ڪنهن شاعر جون ڪجهہ شعري اوڻايون يا فڪريءَ مشاهدي جون ڪوتاهيون هٿ ڪري، وٺي ٿا ”ڏاڙڏاڙ“ ڪن تہ وارو ڪيو، عظمت جو ڇٽ هاڻي اسانجي هٿن تي رکو.

استاد بخاري بيماريءَ سان هڪ وڏي لڙائي لڙڻ ڪانپوءِ لاڙڪاڻي آيو هو، ۾ هڪ شاعر جي ڪتاب جي مهورت جي سلسلي ۾ - ميونسپل هاءِ اسڪول ۾ انتظام ٿيل هو. مونکي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو هو. ڏاڍي خوبصورت تقرير ڪئي هئائين. مونکي پهريون ڀيرو، هو هڪ وڏو آرٽسٽ لڳو هو. هن جيڪو بہ پئي ڳالهايو، پيار ۽ درد مان پئي ڳالهايو. هو جيڪڏهن ڪجهہ وقت وڌيڪ زنده رهي ها تہ سنڌي شاعريءَ ۾ لازوال واڌارو ڪري وڃي ها.

رات اگهڻ ۾ وينو هئس. قبول ابڙي جو اڻ ڇپيل ناول ”تڪنڊو“ پئي پڙهيم. قبول ابڙي جو ناول سنڌي ادب ۾ هڪ خوبصورت اضافو آهي. ناول ۾ ڪم آندل ٻولي جاندار ۽ زندگيءَ سان ڀريل آهي. ناول جو مک ڪردار هڪ پڙهيل ۽ بيروزگار نوجوان آهي، جيڪو نوڪري نہ ملڻ سبب هڪ انتهائي قدم کئي ڌاڙيلن جي گروهہ ۾ شامل ٿئي ٿو، پوءِ آهستي آهستي قبول ابڙو ناول جو تاڃي پيٽو اڻي ٿو ۽ وڏيرن، پيرن، سياستڪارن ۽ پوليس جي عملدارن جي ڪول ڪري ٿو ۽ جيڪو ڪجهہ زندگيءَ ۾ ٿئي ٿو، ان جي تمام وڏي فنڪاريءَ سان اُپٽار ڪري ٿو.

قبول ابڙي ”تڪنڊو“ ناول ۾ پنجابي فلمن وارا ڪرتب ناهن ڏيکاريا، جهڙا ڪرتب ڪجهہ سنڌي ناول نگارن پنهنجن ناولن ۾ ڏيکاري نالو ڪمايو آهي. قبول ابڙي اهڙي زبان بہ استعمال ناهي ڪئي، جو ناول جا ڪردار ڪتب آيل زبان کي ”ڊِس اون“ ڪندا نظر اچن. سندس ناول ۾ اجائي لفظي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بازيگريءَ ڪان بہ لنوايو ويو آهي. شايد هن کي اهو شوق بہ ڪونهي تہ ڪيس ڪو چوي، "هو ڏس، قبول ابڙو تو وڃي، جنهنکي لفظن جي سنڌي ڊڪشنري آهي" جيئن اڄڪلهہ سنڌي ڊڪشنري جي مارا ماريءَ ۾ سوچ ۽ خيال جي روح جي بہ نفي ڪئي ٿي وڃي. ليکڪ صاحب کي وڻيو آهي ڪراچيءَ تہ نڪري ٿو وڃي چولستان.

قبول ابڙو سنڌي ادب جو تيز ليکڪ آهي. هر ست لکڻ ڪانپوءِ ساهي نٿو پٽي، جيتوڻيڪ ادبي ڪمرو ۽ ڊپارٽمينٽ جي ڪم ۾ رات ڏينهن جو فرق آهي. اُن فرق کي ڪيس سمجهڻ ڪپي. پنهنجي تخليق سان ڪيس زيادتي نہ ڪرڻ ڪپي. هوُ جيڪڏهن ايڏي تڪڙ جو مظاهرو نہ ڪري ۽ ڏيرج سان سوچي سمجهي لکي تہ شايد سنڌي ادب ۾ اهڙين شين جو واڌارو ڪري وڃي، جن جي سڌ ۾ ليکڪن جون زندگيون ڳري وينديون آهن.

قبول ابڙي ۾ اهڙين عظيم ترين تخليقن کي سرجڻ جي قوتضرور موجود آهي، پر قبول ابهرو آهي، سندس رويو پنهنجي تخليقي قوت ڏانهن ائين آهي، جيئن ڪنهن سونن آنن واري ڪڪڙ لاءِ سندس لالچي مالڪ جو هجي. پر شايد ان ۾ بہ سندس ڀلائي آهي. اُن ۾ بہ ڪو راز رکيل آهي. هوَ جيڪڏهن سنجيدگيءَ سان هر مسئلي تي سوچي ها ۽ عمل ڪري ها تہ يقيناً مقابلي جو امتحان پاس ڪري ڊنگ آفيسر بڻجي ها. هاڻي جنهن هنڌ بيٺل آهي، اُن هنڌ نہ هُجي ها، پر ڏهن ٻارهن ڪروڙن جو غبن ڪري جيل اندر هُجي ها ۽ مان پنهنجي دوستي نڀائڻ خاطر اخبار ۾ ڪالم لکان ها. پر قبول ملنگ ماڻهو آهي. آءٌ جڏهن ڪراچيءَ ويندو آهيان تہ ڪيس فون ڪندو آهيان، پوءِ پل تہ ڪراچي ۾ موٽر سائيڪل تي ڊبل سواريءَ جي منع هجي، پاڻ ٻئي سڄو ڏينهن موٽر سائيڪل تي گهمندا وتندا آهيون ۽ پوليس وارن کي ڏسي ائين رستو بدلائي ويندا آهيون، ڄڻ تہ اسان کي وڏا ڏوهي هُجئون.

ڪراچيءَ ۾ قبول ابڙي کانسواءِ ٻيو بہ هڪ شخص آهي، جنهن کي آءٌ بيحد پيار ڪندو آهيان. اُهو آهي بدمعاش تاج بلوچ، جنهن جو فوٽ بال جهڙو گول مُنهن آهي. تاج بلوچ سنڌي ادب جو دادا رهيو آهي- تاج بلوچ سنڌي ادب جي زنده تاريخ آهي- تاج ڪيترن ئي نون اديبن کي وڏو اديب ۽ ڪيترن ئي وڏن اديبن کي ڪانئرتاجي ڏيڻ ۾ غرق ٿيندي ڏٺو آهي- تاج پنهنجي خوبصورت شاعريءَ ۽ خوبصورت نثر سبب سنڌي ادب ۾ هڪ منفرد حيثيت رکي ٿو- تاج جڏهن "سوجهرو" رسالو ڪيندو هو تہ ڪيترائي اديب ڪيس فل سوٽ سبرائي ڏيندا هئا ۽ موٽ ۾ "سوجهرو" رسالي ۾ پنهنجا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وڪٽي، امڙ لاءِ پاڙي جي هڪ ڊاڪٽر کي وٺي آيس. ڊاڪٽر جي وڃڻ بعد، مان ڪيتري دير تائين دوائن جو ڪاغذ هٿ ۾ جهليو، امڙ جي چهري کي ڏسندو رهيس.

ڪيڏي نه شرم جي ڳالهه هئي جو سندس لکيل پڙهيل سڪيلڊو پٽ هن جي سامهون لاچار ۽ بي وس ويٺو هو. جنهن ماءُ پنهنجي پٽ خاطر، پاڻ کي فنا ڪري ڇڏيو هو، اهو پٽ هن لاءِ ڪجهه به ڪو نه ٿي ڪري سگهيو. علاج به ڪو نه.

"امان" مون سندس اٿين اچن وارن تي هٿ ڦيريندي پٽڪيو "مان دوائون ته وٺڻ وڃان. تون دل نه لاهجانءِ. مان اجهو ٿو واپس اچان" .

امڙ جو ڏڪندڙ ڳهنجيل هٿ مون ڏانهن وڌيو ۽ هن ڪنبندڙ آڱرين سان منهنجو هٿ وٺندي پڏندڙ آواز ۾ چيو "پٽ دوا جو وقت گذري ويو. تون رڳو منهنجي اکين اڳيان تي ويهه".

پنهنجي اندر جي بيوسيءَ تي اکين مان بي اختيار ڳوڙها ٿمي پيم. پر اندر جو اڌمو روڪي، ڏک لڪائيندي پيار مان سندس سڪل هٿ تي ٿڦڪي ڏيندي چيم "نه امان! ايئن نه چؤ. تون مونسان هوندينءَ. تون ته چوندي هئينءَ ته تون منهنجي ٻارن کي پنهنجي هنج ۾ ويهاري کيڏائيندينءَ. هاڻي ٿي همت هاري ويٺينءَ ڇا. مون کي جلد ئي سٺي نوڪري ملي ويندي. پوءِ مان تنهنجو شهر جي ڪنهن وڏي ڊاڪٽر کان علاج ڪرائيندس".

منهنجو ڳلو پرجي آيو. ڳيت ڏيندي چيم "تون جلد خوش ٿي ويندينءَ." ڏٺم، هوءَ پنهنجي وسامندڙ اکين سان مون ڏانهن تڪي رهي هئي. سندس چپن جون ڪندون ڪنبڻ لڳيون هيون.

مون وٽ پيو ڪجهه ته ڪو نه هيو باقي خبر نه هيم، الائي ڪڏهن کان ڪيسي ۾ پائلي پئي هئي. مگر پوءِ به سمجهيم پئي، ڪيئن به ڪري ڪنهن نه ڪنهن کان دوائن جيترا پئسا ضرور ملي ويندا. صبح کان منهنجي پيٽ ۾ نالي ڪاڻ ڪک به ڪو نه ويو هو. پر مون کي پنهنجي بک کان وڌيڪ پنهنجي امڙ جي زندگي پياري هئي. مون ماٺ ۾ امڙ کي خدا حافظ چيو ۽ گهران ٻاهر نڪري ويس. ذري گهٽ هر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سچائوءَ وٽ ويس. هر ڪنهن کان اوڌر گهريم. پر ڪو بہ مون کي سؤ روپيا ڏيڻ لاءِ تيار ڪو نہ ٿيو. هڪ مهربان ايتري مهرباني ضرور ڪئي جو ڏهين جو نوٽ منهنجي هٿ ۾ ڏنو. منهنجي لاءِ تہ اُهي ڏهہ روپيا بہ وڏا هئا. پر پوءِ بہ الائي ڇو نوٽ هٿ مان ترڪي هيٺ ڪريو ۽ مان نوٽ مٿان اورانگهي اڳتي وڌي آيس. مون ڪڏهن بہ پاڻ مٿان ڪنهن کي رحم ڪائيندي پسند ڪو نہ ڪيو هو. خيرات جو تصور منهنجي لاءِ بي وقتو رهيو آهي. ان گهڙيءَ مون کي پنهنجي دل جون سڀ رڳون ٽٽندي محسوس ٿيون. لڳم تہ دل ٽٽي پوندي ۽ مان اتي ئي غش کائي ڪري پوندس.

شهر مان مايوس ٿي ڳوٺ جو رخ ڪيم. ڳوٺ ٽن ڪوهن جي پنڌ تي هو. جڏهن اتي پهتس تہ سج لهي چڪو هو. مامي ۽ چاچي جي گهر ڏاڍو اپاٽڪو ويٺو رهيس. ڪنهن کان پيسن گهرڻ جي خيال کان ئي دل منجهيو ٿي ويئي. نہ ٿي چاهيم، هتي بہ مونکي ڪو اهڙو جواب ملي، جنهن سان سڄي زندگي ڪنهن پڇتاءَ هيٺ گذري وڃي. جڏهن ماسيءَ جي گهران موڪلايم تہ هن زوريءَ ڏهہ روپيا خرچيءَ طور منهنجي هٿ ۾ ڏنا. ٻاهر در تي زينت اڳ جهليو بيٺي هُئي. هوءَ پنهنجي خرچيءَ مان ميڙيل ويهہ روپيہ منهنجي هٿ ۾ ڏيئي وني ڀڳي. دل چاهيو، هيانءَ ڦاڙي روئڻ شروع ڪريان. زينت جي سادگيءَ ۽ خلوص منهنجي ڇڪندڙ ڦٽن مٿان ڄڻ ڦُهو رکي ڇڏيو. جي منهنجي پنهنجي ڳالهہ هجي ها تہ شايد ڏک جو وڏو حصو وسري وڃيم ها. پر امڙ جي موت ۽ زندگيءَ جي ويڙهاند جو منظر ڪو نہ وسري سگهيو. پوءِ بہ اندر ۾ سورن جي طوفان کي ڪي گهڙيون سانت جون ضرور مليون.

موٽي واپس شهر پهتس تہ رات جا ٻارنهن ٿي ٿيا. سوچيم، هنن ٽيهن روپين مان دوائون تہ ڪو نہ ايندين، ڇو نہ امڙ لاءِ صابو داڻا ورتيون وڃان. مون جيئان امڙ بہ الائي ڪڏهن کان پيٽ ٻکي هئي.

گهر ڏانهن وڌندي منهنجا قدم ٿاٻڙجي رهيا هئا. دماغ ۾ رکي رکي هڪ ئي خيال ٿي آيو تہ شرافت ۽ پاڪائيءَ جا سڀ لفظ بلڪل فضول آهن. جيڪا دنيا منهنجي ڪم جي نہ هُئي، ان سان مون کي ڪا دلچسپي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نہ هئڻ گهرجي. منهنجي ماءُ بک ۽ بيماري ۾ فقط ان لاءِ دم ٽوڙي رهي هئي جو سندس گريجوئيٽ پٽ هن جي ڪنهن ڪم نہ ٿي اچي سگهيو. هونئن تہ ملڪ ۾ بيروزگاري عام هئي، پر مون مٿان ان جون مهربانيون مڙئي ڪجهہ سرس ئي هيون.

گهر ۾، جنهن کي گهر چوڻ گهر جي توهين ٿيندي، داخل ٿيس تہ امڙ بستري تي بي حس ۽ بي خبر پئي هئي. سندس اکيون دروازي ۾ ائين کتل هيون ڄڻ منهنجي واٽ ڏسندي اُتي ئي ڄمي ويون هجن. پهرين نظر ۾ شڪ پيم. امڙ دنيا جي ڏکن ڏولائن کان ڇوٽڪارو وٺي، ٻيءَ دنيا هلي ويئي. ڇيلهہ جون هڏيون هڪ ٻئي پويان ٽٽندي محسوس ٿيم. گهبرائجي سندس ويٺي جهلي، نبض ڏٺم تہ سندس نبض ذري گهٽ پوري ٿي چڪي هئي. گهٽ ۾ گهٽ بدحواسيءَ ۽ گهبراهٽ ۾ مون کي تہ ائين ئي لڳو. سوچيم، مٿان جيڪو ڇپر هيو، سو اچ ڪري پيو ۽ هاٿي اس ۽ مينهن کان منهنجي لاءِ ڪو بچاءُ ڪو نہ رهيو. اکين ۾ ڳوڙها تري آيم ۽ بي اختيار مون پنهنجو سر امڙ جي سيني مٿان رکيو.

ان وقت امڙ جي چپن ۾ ڪجهہ چرپر آئي. هن پنهنجو ڪنڌ ڦيري مون کي ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي. پر ڪجهہ ڏسي ڪو نہ سگهي. سندس اکين جون ماڻڪيون ڦري ويون ۽ هن جون اهي سفيد اکيون مون کي ڏاڍيون ڀوائتيون نظر اچڻ لڳيون. هن ڪجهہ چوڻ چاهيو، پر سندس زبان سات ڪو نہ ڏنو. سندس منهن مان اهڙي قسم جا آواز نڪرڻ لڳا، جيئن ڪو اپاهج شخص تڪڙ ۾ پاڻي جا ٽنڊا ڍڪ پنهنجي نڙيءَ مان هيٺ لاهيندو هجي.

مون کي خبر ڪو نہ هئي تہ سڪرات ڇا ٿيندي آهي. زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو امڙ جي مٿان ويٺو اڪيلو ڪيس دم ڏيندي ڏسي رهيو هوس. اچانڪ سندس جسم ائين سيٽجڻ لڳو جيئن ڄڻ سندس هڏائين جسم ۾ ڪو ڪنڊا ٽنبي انهن کي سندس نڙيءَ ڏانهن ڇڪي رهيو هجي. سندس جسم جي ڪنبڻيءَ کي ڄڻ ڪنهن نظر نہ ايندڙ شئي دٻائڻ جي ٿي ڪئي. امڙ هوش ۾ نہ هوندي بہ ايتري هوش ۾ هئي جو هن ڌڪندڙ ۽ ڪنبندڙ هٿن سان جيئن تيئن ڪري منهنجي هٿ کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪولهي ورتو. منهنجي هٿ کي ونڊي هن هڪ زوردار هڏڪي ڏني. مون کي اڳ خبر ڪو نه هئي، اِها هڏڪي هن جي زندگي جي آخري هڏڪي هئي.

امڙ گذاري ويئي. منهنجي زندگيءَ جو هڪ وڏو حصو ڪپجي الڳ وڃي ڪريو. تمنائن ۽ خواهشن جي دنيا، واريءَ جي طوفان ۾ لٽجي ويئي. مون پاڻ کي وڻ جي چوٽيءَ تان هيٺ سارنهن مٿان ڪرندي محسوس ڪيو. مون وٽ ايترا پيسا به ڪو نه هئا جو هڪ ويلي جي ماني‌ءَ جو بندوبست ڪري سگهان. پوءِ اهڙي حالت ۾ امڙ جي ڪفن دفن جو بندوبست ڪيئن تي ڪري سگهيس. ڪي گهڙيون لاش مٿان خالي سوچ سان ايئن ويٺو رهيس جو پنهنجي سوچ به اوپري لڳم. مان بزدل ڪو نه هوس، پر ماءُ جي لاش مٿان ايئن ڏنو ۽ وائڙو ٿيو ويٺو رهيس، ڇڻ ڪيس مون پاڻ ئي ماريو هجي. دل ۾ آيم، هتان اٿان ۽ وڃي سڄيءَ دنيا کي ويران بڻائي ڇڏيان. اندر ۾ رت ٽهڪڻ لڳو ۽ اکين اڳيان رنگ برنگي ستارا ٽٽڻ لڳا. سمجهه ۾ نه ٿي آيم، امڙ مري ڪري مون کي عذاب ۾ مبتلا ڪيو هو يا ان کان نجات ڏياري هئي. بحرحال جو ڪجهه به هو، سندس موت غلط وقت تي ٿيو هو. ايئن به ته نه هجي جو موت زندگيءَ کي جتي ۽ جنهن مهل چاهي ڪهي ڪائي وڃي.

مان اٿي بيٺس. مون ۾ ماڻهن جي مهڻن سهڻ جي همت ڪو نه هئي. مون کي نه ڪنهن جي همدرديءَ جي ضرورت هئي ۽ نه وري دشمنيءَ جي. مون ماءُ کي قتل ڪو نه ڪيو هو. منهنجو ڏوهه فقط ايترو هو جو پنهنجي بيروزگاريءَ جي سبب وقت تي هن جي دوا ڪو نه ڪرائي سگهيس. جنهن سڄي عمر مون کي بکي پيٽ ڪو نه سُتو هو. پاڻ بکي پيٽ مون کان رُسي هلي ويئي. مون کي شهر اهڙو جهنگل نظر آيو جنهن ۾ بي حس، ڪلور ۽ ڇترون ڪندڙ جانور ٿي رهيا.

منهنجا قدم خود بخود دروازي ڏانهن وڌي ويا. امڙ جي لاش مٿان آخري نظر وجهي، ٻاهر نڪري آيس. ان وقت رات جا ٽي ٿي رهيا هئا. پڪ هيم، صبح جو ڪنهن به وقت اوڙي پاڙي وارن کي امڙ جي موت جي خبر پئجي ويندي ۽ هو پاڻ ۾ چندو ڪري ڪيس ڪفن ڏيئي دفنائي ايندا. پڪ هيم، هو هڪ مسلمان جي لاش کي ايئن گهر ۾ سڙڻ ڪو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نہ ڏيندا. مان چڱي دير تائين شهر جي سنسان گهٽين ۾ خالي روڊن تي رولو ڪُتي جيئان ڦرندو رهيس. مان ڪنهن اهڙي جاءِ جي تلاش ۾ هوس، جتي گهڙي ڪن ليٽي پنهنجي چيلهہ سڌي ڪري سگهان. اکين ۾ امڙ جو چهرو تري ڦريو. هن جڻ چيو تي پٽ مون کي تو مان اها اُميد ڪو نہ هئي جو پنهنجي هٿن سان قبر ۾ بہ ڪو نہ لاهيندين. مان ڪيس کيڻ پڌايان ها، منهنجي لاءِ ڪيس قبر ۾ لاهڻ ڪيڏو نہ مشڪل هو. سيني ڄاڻو سڃاڻو يارن دوستن ايئن اکيون ڦيري ڇڏيون هيون، جڻ سائن ڪڏهن ڏيٺ ويٺ بہ ڪو نہ رهي هئي.

پنهنجي خيالن ۾ وڃي رهيو هوس تہ روڊ جي ڪناري، مارڪيٽ ٻاهران سڙيل سڪل ميوي جو ڍڳ نظر آيم. ڦٽل فروٽ کي بہ ڏسندي، منهنجي اندر بک جو احساس جاڳيو. ڍڳ مٿان ويهندي، قميص جي آڳي سان ڪجهہ ميوي کي صاف ڪري کائڻ ۾ لڳي ويس. ٿن ويلن جي بک بعد، پيٽ ۾ کاڌي جي ڪا شيءِ وئي تہ جسم ۾ هڪ هلڪي غنودگي طاري ٿي. چڱي دير تائين تہ ميوي جي ذائقي جو احساس ئي ڪو نہ ٿيم. جڏهن سڪل سڙيل ۽ ڦٽل ميوي جو احساس ٿيم، تہ اڌ کان مٿي فروٽ کائي چڪو هوس. بک ۾ تہ مردا کائڻ جي بہ اجازت آهي. مان تہ وري بہ ان کان گهٽي سٺي شئي کائي رهيو هوس.

پيٽ ڀريو تہ اتيئي آهلي اکيون بند ڪري سوچڻ لڳس، آخر هن انسانن جي دنيا ۾ ڪنهن غريب انسان کي زنده رهڻ جو ڪو حق بہ آهي يا ڪو نہ. اعليٰ تعليم مان بہ ڪجهہ ڪو نہ ٿو ٿئي. جن کي بک ۾ مرڻو هوندو، سي امڙ جيئان ڇڙهيون هٿندي مري ويندا. پوءِ ڀلي مون جهڙا ڪين پڙهيل پٽ چو ڪو نہ هجن. منهنجي اڳيان بہ صورتون هيون. يا تہ اهڙيءَ طرح ڪُتن پاسن ۾ گند ڪچري ۾ پيل شين کي کائي زندگي گذاريان يا وري درياءَ ۾ ٽپو ڏيئي خودڪشي ڪريان.

مان بزدل ٿي پيو هوس، پر ايڏو بہ ڪو نہ جو پاڻ ماري ڇڏيان. خودڪشي تہ اُهي ڪن، جن کي هر طرف اونداهہ ئي اونداهہ نظر اچي. مون وٽ تہ بي.اي جي ڊگري ۽ ايتري همت هئي جو وڏي آسانيءَ سان ايئن ٿي کيل شيون کائي زندگي گذاري سگهان. جيڪي شيون ڪتن ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هڪ نئين ارادي سان منهنجا قدم انهيءَ گهر ڏانهن، جنهن ۾ پنهنجي مَئل ماءُ ڇڏي ويو هوس، وڌڻ شروع ٿيا. سوچيم، هن مهل تائين، پاڙي وارن کي سندس موت جو پتو پئجي چڪو هوندو ۽ هنن سندس ڪفن دفن لاءِ پاڻ ۾ چندو ڪري ورتو هوندو.

پر سائين، شهر جا ماڻهو به خوب آهن ڪين پتو ئي ڪو نه پوي ته پاڙي ۾ ڇا ٿو پيو ٿئي يا ڇا ٿي چڪو آهي. گهر پهتس ته امڙ جو لاش ان ريت ئي پيو هو ۽ سندس ڇهري مٿان مکين مڙڻ شروع ڪيو هو. ڪنهن کي به سندس موت جي خبر نه پئجي سگهي هُئي. هونئن به اها اهڙي ڳالهه به ڪو نه هئي، جنهن تي تعجب ۽ حيرت ظاهر ڪئي وڃي. پاڙي ۾ اسان جي ڪنهن سان ايتري اچ وڃ به ڪو نه هُئي. ايندي ويندي رستي ۾ ڪڏهن ڪڏهن ٻن چئن ماڻهن سان سلام دعا ٿي ويندي هُئي ۽ بس. ان صورت ۾ ڪنهن کي پئي هئي جو هو صبح سوير امڙ جي خبرچار معلوم ڪرڻ آيو هُجي.

امڙ جي قسمت وري به سٺي هُئي جو مان موٽي آيس. نه ته ان وقت تائين هن جي موت جو ڪنهن کي ڪو پتو ئي ڪو نه پئي ها. جيستائين لاش سڙي ڌپ نه ڪري ها.

مون امڙ جي ڇهري تان مکين کي اڏاري سندس مٿان چادر وجهي ٻاهر نڪتس. منهنجو رُخ پاڙي جي مسجد طرف هو. مسجد جو ملان، پڌر ۾ ويٺو ٻارن کي سيپارو پڙهائي رهيو هو. مان هن جي پاسي ۾ پهچي، ادب سان کيس سلام ڪندي ٻڌايو ته مان رات کان بکيو آهيان، ۽ مون وٽ ايتري رقم به ڪونهي جو ماءُ جي ڪفن دفن جو بندوبست ڪري سگهان.

منهنجي ڳالهه ٻڌي ملان ويچاري جي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا. ٻارن کي موڪل ڏيئي، مون کي وڏي پيار مان پاڻ سان گڏ وٺي، مسجد کان ٻاهر نڪتو. سڀ کان پهريون هو پنهنجي حجري ۾ ويو ۽ پنهنجي گهر واريءَ ۽ ڌيءَ کي منهنجي گهر پهچڻ لاءِ چيو.

"پاڻ سان گڏ ٻانگي جي گهر واريءَ ۽ پنهنجي ماسيءَ کي به ورتيون وڃجو" ملان صاحب پنهنجي گهر واريءَ کي هدايت ڏني.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ملان ويچاري جنهن به گهر جو در کڙڪايو ته طاقت آهر هر گهر مان ڪيس ڪجهه نه ڪجهه ضرور مليو. ڪنهن ٻه روپيا ڏنا ته ڪنهن ڏه روپيا. ٿوري دير ۾ مون وٽ ڏيڍ سؤ روپين کان مٿي رقم جمع ٿي ويئي. ملان صاحب چيو.

"في الحال اها رقم ڪافي آهي. قبر کوٽڻ وارو منهنجو واقف آهي. مان ڪيس هاڻي ئي تو قبر کوٽڻ لاءِ موڪليان. تون گهر وڃ ۽ ماءُ جي ڪفن جو بندوبست ڪر. ٻن پهرن جي نماز بعد، سڀني نمازين کي وٺي تنهنجي گهر پهچي ويندس. دل لاهڻ جي ڪا ڳالهه ڪونهي. دنيا ۾ اهي لاهيون چاڙهيون ايندي يون ئي رهنديون آهن. ڪڏهن راتيون وڏيون ته ڪڏهن ڏينهن وڏا" هو قرب ۽ همدرديءَ مان آٿت ڏيندو رهيو.

"مون کي يقين آهي، جلد ئي تنهنجي بيروزگاريءَ جا ڏينهن به ختم ٿي ويندا. مان پنج ئي وقت نماز ۾ تنهنجي نوڪريءَ لاءِ دُعا گهرندو رهندس. تون پاڻ به اڄ کان پابنديءَ سان پنج ئي وقت نماز شروع ڪري ڏي. صورت ۽ شڪل مان نيڪ ۽ شريف تو نظر اچين. چڱو هاڻي وڃ، الله مڙئي سولي ڪندو".

ملان ويچاري کي منهنجي نيڪ ۽ شريف هجڻ جو صحيح اندازو ته ان وقت ٿيو هوندو جڏهن هو ٽيجهي جي مانيءَ لاءِ مون وٽ آيو هوندو. ان وقت ڪيس پوري ڄاڻ ٿي هوندي ته ڪائنس موڪلائڻ بنا ڀڄي ويو آهيان. هونئن به منهنجي لاءِ هاڻي اتي رکيو ئي ڇا هو. اها رات مون امڙ جي قبر مٿان ويٺي گذاري ڇڏي. پر اکين ۾ ڳوڙها جڻ ڄمي ويا هئا. روئڻ چاهيندي به روئي ڪونه سگهيس. پر روئان به هان ته ڇا لاءِ. مون کي روئڻ جو ڪهڙو حق هو. پٽ مون جيئان ٿيندا آهن ڇا جو ماءُ جي ڪفن لاءِ ٻين جا در ڪڙڪائيندا وتن. ڇا مائرون ان لاءِ پٽ ڄڻينديون آهن ته هو ڪين بي ڪفن دفنائي ڇڏن.

ويچارن جو هر سلسلو امڙ ۽ سندس تمنائن جي موت تي پهچي ٿي ٿي پيو. جي منهنجو موت انهيءَ حالت ۾ ٿئي ها ته امڙ روئي روئي پاڻ کي چريو ڪري ماري ڇڏي ها. امڙ جي ان ريت موت منهنجي ڪچي ذهن ۾ عذابن جو ٻرندڙ کورو پيدا ڪري ڇڏيو. منهنجي وجود



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۾ نفرت جو اڻانگو رستو، ڦٽي نڪتو. زندگي منهنجي لاءِ هڪ خالي ڪاغذ هئي. مون ان ۾ ڪونه ڪو ليڪو ڪڍڻ ٿي چاهيو. پوءِ ڪٿي اهو ليڪو نفرت جو ٿي چو ڪونه هجي. خالي ڪاغذ ۾ پيلا ڪهڙي سونهن ؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ٢

ٻيلي اندر ٻٽي ميل پنڌ ڪرڻ بعد جڏهن منهنجا پير ڏڪڻ لڳا تہ واپس ورڻ جي سوچيم. ٿورو اڳتي ويو هوندس تہ سامهون هڪ ڳوٺاڻو ايندي نظر آيم. ويجهو ايندي پڇيائين ”ڪير مڙس آهين ۽ هتي ڪيئن تو پيو ڦرين؟“

”ائين ئي“ ڪيس رکو جواب ڏنم“ رستو ڀلجي هتي اچي پهتو آهيان.“ سمجهيم، هو وڌيڪ ڪو سوال ڪونہ ڪندو. پر منهنجو خيال غلط نڪتو. هن مون کي اکيون ڦوٽاري ڇيو.

”سي آءِ ڊيءَ وارو آهين ؟“

”نہ“ مون انڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻيو“ هن جولهجو هڪدم بدلجي ويو. هڪ هٿ منهنجي ڳچيءَ ۾ وجهندي ٻئي هٿ سان پستول ڪڍي منهنجي سامهون ڪيائين.

”شايد توکي اها خبر ڪونهي تہ هتان جي مخبري ڪرڻ وارو ڪو جيئرو واپس ڪونہ موٽيو آهي.“

مان پهريون پريشان تہ ٿيس، پر پوءِ خوشي ٿيم تہ صحيح هنڌ تي اچي پهتو آهيان. سندس اکين ۾ اکيون وجهندي چيم.

” اشتهار تو ئي ورهايا آهن.“

هن منهنجي ڳچيءَ کي زور سان جهٽڪو ڏيندي چيو ”ڇا تو بڪين؟ ڪهڙااشتهار؟“

”بي روزگار ماڻهن کي پنهنجي ٽولي ۾ شامل ٿيڻ جو دعوت نامو، ٻيو ڪهڙا اشتهار.“

هن هڪ پل لاءِ مون کي گهوري ڏٺو. پوءِ هن منهنجي جهڙتي ورتي. ڪيس ڇپن ۾ مرڪندو ڏسي، منهنجي همٿ وڌي.

”توئي ورهايا آهن نہ“ پڇيو مانس.

هن جي مرڪ اتيئي ئي رڪجي وئي. چهري تي ساڳي سختي آڻيندي چيائين ”ياد رک جي تون ڪنهن جي طرفان آيو آهين تہ پنهنجو لاش



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مان هلئو پيو. وات تي هيڪڙ پيڪڙ جن ماڻهن سان ملاقات ٿي، انهن مون واري همراهه کي جهڪي سلام ڪري ٻڌايو ٿي ته اڳتي سڀ خير آهي. ڏسڻ وائسڻ مان اهي به ڳوناڻا ٿي لڳا. پر حقيقت ۾ هئا سڀئي هڪٻئي جا ساٿي.

انهيءَ ريت هلندي، اسان جهنگ جي ان حصي ۾ اچي پهتاسين، جيڪو وڏيڪ صاف ۽ کليل هو. وڻن جي آڙ ۾ ڪي ماڻهو اسان ڏانهن رائفليون تاڻيون تيار بيٺا هئا. ٻيءَ گهڙي هنن جون رائفليون هيٺ ٿيون ۽ هو وڻن جي اوٽ مان ٻاهر نِڪِرندا نڪري آيا.

"پڙهيل بي روزگار آهي. سردار جي سڏ تي هتي پهتو آهي." مون واري همراه کين ٻڌايو. منهنجي چپن تي مرڪ تري آئي، غم ۽ خوشيءَ گاڏڙ مرڪ. رائفل وارن مان هڪ ڄڻي چيو." اشتهار جو وڏو اثر ٿيو آهي. هاڻي تائين يارنهن پڙهيا لکيا نوجوان بي روزگار پهچي چڪا آهن ."

"يارنهن نه، نو" ٻئي همراهه چيو "ٻه ته سي آءِ ڊي جا ماڻهو هئا."

"اهي هاڻي آهن ڪٿي؟" مون تڪڙ ۾ پڇيو.

منهنجي ان سوال تي هنن ايڏو ته زوردار ٽهڪ ڏنو، ڄڻ مون کين ڪو لطيفو ٻڌايو هجي. پوءِ انهن مان هڪ ڄڻي، اڳتي وڌي منهنجي ڪلهي تي بي تڪلفيءَ مان هٿ هڻندي چيو.

"اوڏانهن هليا ويا، جيڏانهن توکي به وڃڻو پوندو." ۽ مرڪيو "پوليس جو ماڻهو ناهين ته پوءِ سڀ خير آهي."

ٿوريءَ دير ۾ مون کي هڪ وڏي مَنهن ۾ وٺي ويا، جنهن ۾ هٿيارن جو ڍڳ لڳو پيو هو. آرام جون سڀ شيون اتي موجود هيون. هڪ ڪنڊ ۾ رنگين ٽي وي ته ٻيءَ ڪنڊ ۾ فرج، حيرت ٿيم، هن جهنگ ۾ بجلي ڪٿان آئي؟ ان جو پتو، ٻن ڏينهن بعد پيو ته اتي ٻه وڏا جنريٽر لڳل هئا. خراب ٿي پوڻ جي صورت ۾ شهر مان اليڪٽريشن ايندا هئا، جن کي معاوضو سندن مرضيءَ کان متي ملندو هو.

ان وڏي منهن سان گڏ هڪ ٻيو ننڍو منهڙو هو، جنهن ۾ چار بجليءَ جا پکا لڳل هئا. وچ ۾ وڏين مُڇُن ۽ ڳاڙهين اکين وارو هڪ بي پرواهه شخص چپن تي هلڪي مرڪ سان ويٺو هو. ڪيس ڏسندي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سمجهي ويم، هو ئي سردار هوندو.

مون کيس جهڪي ادب سان سلام ڪيو.

"اشتهار پڙهي آيو آهين؟" پڇيائين.

سندس آواز ۾ وڏو رعب هو. مون هيسجي چيو "جي سائين."

"ڏاڙيل ٿيڻ ٿو چاهين ؟"

منهنجي اکين ۾ ڳوڙها ٻرجي آيا. "انسان بڻجڻ ڏاڍو مشڪل هو."

هو کلڻ لڳو.

"نالو ڇا ٿئي ؟"

"جنهن نالي سان سڏيو. اهو ئي منهنجو نالو هوندو." وراڻيم "مان پنهنجو نالو هميشه لاءِ وسارڻ ٿو چاهيان."

هن مرڪي مون کي ويهڻ جو اشارو ڪيو. مان زمين تي ويهڻ لڳس ته چيائين.

"نه نه، مٿي ٿي ويهه."

مان مٿي ڪرسيءَ تي ٿي ويٺس.

"پڙهيل آهين؟"

"ها" وراڻيم "يونيورسٽيءَ جو گريجوئيٽ آهيان. هر ممڪن ڪوشش جي باوجود نوڪري ڪونه ملي سگهي."

هن هلڪو ٽهڪ ڏنو. "تو جهڙن نوجوانن جي خدمت لاءِ اسان جو وينا آهيون."

مان ڦڪي کل کلڻ لڳس. "توهان جي وڏي مهرباني."

هن سگريٽن جو پاڪيٽ مون ڏانهن وڌائيندي چيو "اچي پيءُ."

مون هٿ ٻڌندي چيو "مان گهٽو پئيان ڪونه. بس ڪڏهن ڪڏهن."

هن پاڪيٽ منهنجي جهول ۾ اڇليو. "پاڻ وٽ رک. جڏهن دل چوئي پيئجانءِ. ڪنهن ڇڳي گهر جو ٿو لڳين."

مان هن وٽان اٿي آيس. مون سان گڏ ٻي همراهه هئا. خيال هيم، هو مون کان وڏي آڏي پڇا ڪندا. پر ائين ڪونه ٿيو. هنن منهنجي ڏاڍي خدمت ڪئي، مون کي نوان ڪپڙا ڏنائون ۽ آرام ڪرڻ لاءِ هڪ ننڍڙي جهوپڙي. هنن کائڻ پيئڻ جون شيون ان ۾ ئي پهچايون. ان سان گڏ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مون کي تنبيهہ ڪيائون تہ جي مون ٻيهر نڪرڻ جي غلطي ڪئي تہ مون کي ٻيلي اندر ڪنهن نہ ڪنهن شخص جي گوليءَ جو نشانو بڻجڻو پوندو.

مان ٻيهر نڪرڻ جي نيت سان اتي ڪونہ پهتو هوس. مان تہ پنهنجيءَ ڪوجهيءَ زندگيءَ کان بيزار ٿي اتي پهتو هوس. معلوم هير، ان جاءِ کان سواءِ دنيا جي ڪنهن ٻئي حصي ۾ مون لاءِ ڪو ٺڪاڻو ڪونہ هو. مان دنيا جو ٺڪرايل اهو شخص هوس، جنهن جي آخري پناهہ گاهہ اهو ٻيلو ئي ٿي سگهيو ٿي. مهذب انسانن جي مهذب دنيا ۾ هڪ اهڙي شخص لاءِ ڪا گنجائش ڪونہ هئي، جنهن جي پنيرائي ڪرڻ وارو ڪو آفيسر يا ڪو وڏيرو ڪونہ هجي.

سڄيءَ عمر ۾ ڪاٺ ٻيٺ جون ايتريون نعمتون ڪونہ مليون هيون جيتريون مون کي اتي ٻن ڏينهن ۾ مليون. دل وندرائڻ لاءِ ٽي وي، ريڊيو کان علاوه اخبارن ۽ ڪتابن جو ڍڳ آڻي ڏنائون. ٽين ڏينهن صبح جو ناشتو ڪري واندو ٿيس تہ سردار جو سڏ ٿيو.

"اسان تنهنجي مرحوم ماءُ جي قبر پڪي ٻڌرائي ڇڏي." چيائين.

حيرت مان هن ڏانهن ڏسندي چيم " ڇا؟"

چيائين "تون واقعي بي اي پاس آهين. پوين ڏينهن ۾ تنهنجي ماءُ فوت ٿي تہ تو وٽ ايترا پئسا بہ ڪونہ هئا جو تون سندس ڪفن دفن جو انتظام ڪري سگهين. ان لاءِ مسجد جي پيش امام کي چندو ڪرڻو پيو."

"جي" مون کان هلڪو ٿڌو شوڪارو نڪري ويو.

"ڏک ڪرڻ جي هاڻي ڪا ضرورت ڪونهي." چيائين "اسان امام صاحب ڏانهن پنج هزار موڪليا آهن. هو انهن مان تنهنجيءَ مرحوم ماءُ جي نالي خيرات ڪندو ۽ باقي جيڪي رقم بچندي سا پاڻ نذر طور قبول ڪندو."

"مهرباني" مون ڪنبندڙ آواز ۾ چيو.

مون کي حقيقت ۾ لٽڻ ڦرڻ واري اهڙي شخص مان ان ڪرم نوازيءَ جي ڪا اميد هئي ئي ڪونہ. ڏاڙيل ۽ خدا ترسي!

"اسان کي توجهڙن نوجوانن جي ضرورت آهي." هو چوندو رهيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"توکي خوش ٿيڻ گهرجي، اسان توکي اڄ کان پنهنجي ٽولي ۾ شامل ٿا ڪريون. اڄ کان تنهنجو نالو بهادر هوندو. ڪيئن نالو وڻيو؟"
"چڱو آهي" چيمر.
" ٻڌ بهادر" هن چيو "هميشه ياد رکجانءِ ڌاڙيل ماڻهو جو ڪو دوست، ڪو مٽ مائٽ ۽ ڪو ڄاڻ سڃاڻ وارو ڪونه ٿئي. جنهن تي به اعتبار ڪندين پيرن ڪيڻ جي ڪندو.. پر انهن سڀني کان وڏو هڪ ٻيو دشمن آهي. وڏو خطرناڪ، وڏو بي اعتباريو. خبر ٿي ڪير؟"
"پوليس ؟" چيمر
سردار کان وڏو ٺهڪ نڪري ويو. "پوليس ته پاڻ سرڪاري ڌاڙيل آهي. اسان جي دشمن ڪيئن ٿيندي."
مون ڪنڌ ڌوڻيندي چيو "وڏيرو ۽ پاٽاريدار."
"نه بهادر، پليو آهين" چيائين "وڏيرو ته ڌاڙيل جو خالق آهي. هو پنهنجي تخليق جو دشمن ڪونه ٿيندو. اسان نه هجون ته وڏيرن جي اها هٿ ٺوڪي وڏيرڪي هڪ ڏينهن به ڪونه هلي سگهي."
مون پنهنجي هار مڃيندي چيو " پوءِ توهان پاڻ ئي ٻڌايو."
"سڀ اسان جا دشمن آهن. ايتريقدر جو پنهنجي پاڇي جو به اعتبار ناهي ڪرڻو. " هن چيو "ڌاڙيل ٿيو آهين توکي ان دشمن جي خبر هئڻ گهرجي، جنهن جي هٿان اڄ تائين سوين ڌاڙيل مري چڪا آهن."
"اسان جو اصل دشمن خوبصورت چهري ۽ نماڻي آواز واري حسين عورت آهي. نانگ جو ڏنگيل بچي وڃي، پر هن جو ڪونه."
مرڪندي چيمر" دلجاءِ ڪريو، منهنجي زندگيءَ ۾ پنهنجي امڙ کان علاوه ڪنهن جو دخل ڪونه رهيو. ۽ نه وري ڪنهنجو دخل چاهيندس."
"ماءُ عورت نه آهي بهادر. هوءَ ته جنت آهي، جنت، جنهن کي ملائڪ به سجدو ڪندا آهن." هن ڌيمل آواز ۾ چيو ۽ ميز مٿان، رکيل شين کي ڏسڻ لڳو.
گهڙي ڪن خاموشي رهي. پوءِ هن مون ڏانهن ڏسندي چيو" بهادر ڪڏهن دولت آباد ويو آهين ؟"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

" نہ سائين . نالو ٻڌو اٿم."

" تہ پوءِ ٺيڪ آ. تنهنجا ساٿي توکي اتي ڇڏي ايندا. تون ڳوٺ ۾ پاڻ کي مسافر ظاهر ڪندين. ڳوٺاڻا پنهنجي فطرت کان مجبور، تنهنجي سٺي مهمانوازي ڪندا. هو توکي اوطاق يا مسجد جي حجري ۾ ٽڪائيندا. سانجهيءَ جو اسان جو ٽولو ان ڳوٺ ۾ ڌاڙو هڻندو. تون پري کان سڄو نظارو ڏسندين. ڪنهن کي ڪو شڪ ڪونہ پئي. توکان بہ ڌڙهن تنهنجو سامان ڦريو ويندو تہ تون بہ ٻين جيئان هاءِ گهوڙا ڪندو رهندين. صبح جو سڙڪ تي ايندين تہ ڪٿي نہ ڪٿي توکي تنهنجا ساٿي هتي وٺي اچڻ لاءِ ملي ويندا."

منهنجي اندر رت تيزيءَ سان ڊوڙڻ لڳو. اميد ڪونہ هيم، ايترو جلدي ڪنهن وڏي مهم تي ويٺو پوندو.

" تو اڃان سيڪڙات آهين." هو چوڻ لڳو " گهٽ ۾ گهٽ مهيني ٻن تائين توکي اهڙي ٽريننگ ملندي رهندي. توکي تہ رائفل جهلڻ بہ ڪونہ ايندي هوندي. آهستي آهستي سيکڇهہ سکي ۽ سمجهي ويندين."

مون کي ڌاڙي جو ڪو تجربو ڪونہ هو. نشانو چٽڻ تہ پري جي ڳالهہ هئي، مون تہ رائفل بہ هٿ ۾ ڪونہ کنئي هئي. بهرحال قسمت مون کي چڱن ماڻهن وٽ پهچايو هو، دير يا سوير سڀ ڪجهہ ٺيڪ ٿي ويندو.

سردار چيو " هاڻي تون وڃ ۽ وڃي پنهنجي وڃڻ جي تياري ڪر، منجهند جو هي توکي پاڻهي ڳوٺ جي ٻاهران ڇڏي ايندا."

مان پنهنجي ڳنڍڙِ ٺاهي رهيو هوس تہ بچل آيو. هو اهو پهريون شخص هو جيڪو پيلي ۾ مليو هيم.

" ڏاڍو خوش آهين." هن بي تڪلفيءَ مان ڪلهي تي هٿ هڻندي چيو "ايترو جلدي خاص ماڻهن ۾ شامل ٿي ويو آهين. ڇا ڳالهہ آهي؟ هتي تہ . آزمائش ۾ ئي مهينا لڳي ويندا آهن."

وراڻيم "مان بہ تہ اڃان آزمائش هيٺ ئي آهيان."

" نہ " بچل چيو "توکي تہ باقاعدي ٽريننگ ٿي ملي. نہ تہ تون ايترو تڪڙو ڪنهن ڌاڙي ۾ وڃي ها."

پوءِ مرڪندي چوڻ لڳو. " پلا ڇُڪي پيئندين؟"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"نہ، ياءُ بچل" وراڻيم "مون کي ان ڪان پري رک، اڄ تائين تہ هٿ ڪونہ لاتو اٿم. اِڪتي بہ خير ٿيندو. ٻڌو اٿم، اهو ڪم بخت انسان کي حيوان ٺو بڻائي."

بچل کلڻ لڳو. "نہ، حيوان کي انسان ٿو بڻائي. تون اڃان ٻار آهين، ڇا ڄاڻين انهن ڳالهين مان. ڪجهہ ڏينهن رهندين تہ سڀ ڳالهيون اڏري وينديء."

"مان بہ اصل اهڙو نيڪ ڪونہ آهيان چيم" پر ڪنهن اهڙيءَ برائيءَ جو عادي ٿيڻ ڪونہ چاهيندس، جا مون کي پنهنجو غلام بڻائي ڇڏي. هاڻي تہ هونئن بہ دولت آباد ويجهو اٿم."

"ڪڏهن سوچيندو آهيان" جي دنيا ۾ هي نہ هجي ها تہ پتو ناهي منهنجي زندگي ڪهڙيءَ ريت گذري ها." هن مرڪي چيو "مان تہ هن بنا هڪ ڏينهن بہ ڪونہ رهي سگهان."

"مان تہ ان بنا زنده آهيان. ڪيس مشڪندي چيم "۽ باقي زندگي بہ سواءِ ان جي زنده رهي سگهندس."

نرم لهجو ڪندي چيائين" گهٽ ۾ گهٽ چکي تہ ڏس." ۽ بوتل مون ڏانهن وڌايائين.

"دولت آباد ويجهو اٿم" ڪيس ياد ڏياريم " جي پهريون ئي قدم ٿا ٿڙجي پيو تہ پوءِ اِڪتي ڪهڙي اميد رهندي."

بچل ضد ڪئي "ٻن ڍڪن پيئڻ سان بيهوش تہ ڪونہ ٿي ويندين."
چيائين "اڇي وٺ"

"مجبور نہ ڪر" ڪيس هٿ جوڙيندي چيم " جي دولت آباد نہ ويجهو هجيم ها تہ يقين ڪر تنهنجو چيو ڪونہ موٽايان ها."

هڪدم بچل کلندي، اِڪتي وڌي ڪلهي تي هٿ هڻندي چيو "مبارڪ ٿي بهادر. تون هن آزمائش ۾ بہ ڪامياب وئين."

"جي تون پيئڻ تي راضي ٿئين ها تہ توکي دولت آباد ڪونہ موڪليو وڃي ها." هن کلندي ٻڌايو. "سردار شرابين مٿان گهٽ اعتبار ڪري. ڇو تہ هو نشي ۾ ڪٿي ڪو الٽو ڪم نہ ڪري وجهن."

"ان جو مطلب مون کي هتي زاهد ۽ عابد ٿي گذارڻو پوندو."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"نہ اهڙي ڪا ڳالهہ ڪونهي. اسان بدمعاش آهيون ۽ بدمعاشن واري ئي زندگي گذاريون ٿا." بچل مون کي سنجيدگيءَ سان سمجهائيندي چيو "جڏهن ڪنهن واردات تي وڃڻو ڪونہ هوندو آهي تہ سردار طرفان اسان لاءِ بهترين قسم جي شراب جو انتظام ڪيو ويندو آهي. هر شخص دل کولي پنهنجي مرضيءَ تي پيئندو آهي."

بچل بوتل بغل ۾ هٽي روانو ٿيو . ان وقت مون کي ڪنهن يونيورسٽيءَ جي امتحان ۾ پاس ٿيڻ کان بہ وڌيڪ خوشي محسوس ٿي. ۽ٽن ڏکن پيئڻ سان کو هوش ڪونہ هليو وڃي ها، پر الائي ڇو ان وقت پيئڻ مناسب ڪونہ لڳم. اڻ ڄاڻائيءَ ۾ اهو فيصلو ٿي ويو، جو ڪنهن ذميوار فرد کي ڪرڻ کپندو هو. چڱو ٿيو جو نہ پيتم. نہ تہ ٿي سگهيو ٿي، رکو ٻيلي اندر هنن جي ٽپالن پچائڻ ۾ خرچ ٿي وڃان ها.

انهيءَ ڏينهن منجهند جو هڪ جيپ ۾ زردي پلاءَ جون ٻتي ديڳيون پرجي آيون. خبر پيم، هڪ وڏيري کي پٽ ڄايو هو، جنهن پنهنجي خوشيءَ ۾ اسان کي شامل ڪرڻ بہ ضروري سمجهيو. مون کي تہ هنجو نالو ٻڌي ڏاڍي حيرت ٿي. هو ڪو ننڍڙو سنڍڙو وڏيرو ڪونہ هو. وڏيون وڏيون سياسي پارٽيون بہ سندس ڳالهہ ڪونہ موٽائينديون هيون. حڪومت جا ڪارندا، سندس اشاري تي نچندا هئا. ايڏو وڏو وڏيرو، ڌاڙيلن جي دعوت ڪري، منهنجي لاءِ تہ حيرت جي ڳالهہ هئي.

"هتان جي هر ڳالهہ عجيب ۽ نرالي آهي، ڪهڙيءَ ڪهڙيءَ ڳالهہ تي وينو حيران ٿيندين." بچل چيو "وڏيرو ڄاڻي ٿو، حڪومت سان گڏ، اسان کي خوش ڪرڻ هن لاءِ ڪيترو اهم آهي."

مون ڪڏهن اهو سوچيو بہ ڪونہ هو، جن ماڻهن کي ڌاڙيل ۽ ڦورو ڄاڻي انتهائي حقير ۽ ڌوهي ٿي سمجهيو ويو، انهن جي سرپرستي ۽ خوشامد ڪو اهڙو ڳنڱ وڏيرو ڪندو هوندو. ان کان وڌيڪ حيرت تہ ان وقت ٿيم، جڏهن دولت آباد وڃڻ لاءِ جيپ ۾ سوار ٿي ٿيم، هڪ ماڻهو اچي سردار کي چيو

"صوبيدار صاحب چيو آهي، توهان ڪو فڪر ڪونہ ڪجو. ڪا بہ شيءِ توهان جي آڏو ڪونہ ايندي. جڏهن توهان ڌاڙو هٽي رهيا هوندا،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ان وقت تائي جو سچو عملو ٻتي ڪوهہ پري ڪنهن ڳوٺ ۾ ويل هوندو يا گشت تي هوندو."

مناسب ٿيندو. جي مان توهان کي اها ڳالهہ بہ ٻڌائيندو هلان تہ امڙ جي موت، پريشانيءَ بي روزگاريءَ ۽ دربدرائي سبب مان ڌاڙيل تہ ٿيو هوس، پر دل ۾ پوءِ بہ هڪ اهڙو چور ويٺو رهيو هو. جيڪو بار بار چٽي رهيو هو. مان جيڪو ڪجهہ ڪري رهيو آهيان. سو صحيح ڪونهي. سيني اندر مسلسل چڻ ڪاشٺي چيي ڪري، مون کي احساس ڏياري رهي هئي تہ مان چاٽي واٽي ڏوهہ ڪري رهيو آهيان. پر جڏهن وڏيري ۽ پوليس جي ڌاڙيلن سان سچيءَ دوستيءَ ۽ خير خواهي جي چاڻ ٿيم، منهنجي اندر ڏوهہ جو احساس گهٽجي ويو. ائين لڳم، چڻ مان ڪنهن سرڪاري ڪاتي ۾، ڪنهن اهم عهدي لاءِ چونڊيو ويو هجان. وڏيرو زردو پلاءُ ڪارائي رهيو هو. پوليس پاڻ پيغام ڏئي رهي هئي. اهڙيءَ طرح غريب ڳوٺاڻن کي لٽڻ ڦرڻ جي پوري آزادي مليل هئي.

مان پنهنجي ڳنڙي ڪلهي تہ لڙڪائي ڳوٺ ڏانهن روانو ٿيس. جنهن وقت ڳوٺ ۾ پهتس تہ ٽيپهريءَ جي آذان ٿي آئي. هڪ شخص کان پڇيم.

"هي ڪهڙو ڳوٺ آهي؟"

"دولت آباد " هن وراڻيو.

" رتي جي وانڊ ويڃو اٿم، هتان ڪيترو پري ٿيندي."

"رتي جي وانڊ ؟ هن ورجايو. "گهٽ ۾ گهٽ ته چار ڪوهہ پنڌ ٿيندو."

"سانجهيءَ تائين پهچي ويندس؟" ڪانئس پڇيم.

"سانجهي تائين ؟ نہ. اڌ رات تي ويندءِ " هن وراڻيو.

"چڱو اول نماز تہ پڙهي وٺان، پوءِ ٿو سوچيان ان ڳالهہ تي."

رستي ۾ همراهہ چيو." جي ايڏي تڪڙ نہ هڪجئي تہ رات ڪٿي هتي ترسي پوءِ. صبح جو نماز پڙهي تڏ ۾ روانو ٿجانءِ."

" ڪا اوطاق يا ڪو هوٽل هوندو؟"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”شهر جو ٿو لڳين.“ هو ڪليو ”ڳوٺن ۾ هوٽل وري ڪٿان آيو. اهي شهرن جا ڪم آهن. اوطاق ته ڪونهي، باقي مسجد جي حجري ۾ مهمانن ٽڪڻ جي جاءِ آهي.“

”مانيءَ ٽڪيءَ جو فڪر نه ڪجانءِ“ هن وري چيو ”اسان ڪان جيڪو پڄندو، حاضر ڪنداسين.“

مسجد ۾ امام صاحب سان گڏ، سيئي نمازي مون ڏانهن ائين تڪي رهيا هئا، ڄڻ قدرت طرفان کين هڪ مهمان جي خدمت ڪرڻ جو اڄ هڪ سونهري موقعو هٿ آيو هو. نمازين جي سوالن کان بچڻ لاءِ مون اٺي ڪري مسجد جي جاري مان قرآن شريف ڪڍي تلاوت شروع ڪئي. اندر ۾ هڪ نئي پڙاڏو هو، اڄ سانجهيءَ جو هن مهمانواز ڳوٺ جي مهمانواز ماڻهن کي ڦريو ۽ لٽيو ويندو. ان ڦرلٽ ۾ الائي ڪيترا ويچارا ڌاڙيلن جي گولين ۾ اچي ويندا. جڏهن وري ڌاڙي جي خبر ٿاڻي تي ويندي، ته ٿاڻي جو عملو غائب هوندو. جي حاضر هوندو به، ته هنن کان ٿي آڏي پيچا ۾ لڳي ويندو. جيتوڻيڪ مونکي ڪنهن سان ڪا ڏيٺ ويٺ ڪونه هئي، پوءِ به الائي ڇو، دل چاهيو ٿي، هن ننڍڙي ڳوٺ کي لٽيو ڦريو ڪونه وڃي.

امام صاحب مون کي تلاوت ڪندي ڏٺو ته ماٺ ۾ مسجد کان ٻاهر هليو ويو. جڏهن ڏٺم ته اڪيلو آهيان ته قرآن شريف ٻيڪي، چمي ڏيئي واپس جاري ۾ رکيم. مسجد جي ننڍيءَ پٽ جو پاڇو وڌندو ٿي ويو. شام جا پاڇا گهاٽا ٿيندا ٿي ويا ۽ مان صحن ۾ ويٺو ڳوٺ جو جائزو وٺي رهيو هوس.

سانجهيءَ جي نماز جون اڃان سنتون ٿي پڙهي رهيا هئاسين جو اوچتو ڳوٺ جي هڪ پاسي کان گوڙ جو آواز اچڻ شروع ٿيو. ان ۾ گولين جو آواز به شامل هو. نمازين لاءِ سنتون پڙهڻ ڏکيون ٿي پيون. ڪي ته نماز ڇڏي، وٺي ان گوڙ ڏانهن ڀڳا. ڪن تڪڙ ۾ پنهنجون سنتون پوريون ڪيون ۽ ڪي بنا پڙهڻ جي ئي ٻاهر نڪري ويا. مان سمجهي ويس، ڌاڙو لڳڻ شروع ٿي ويو آهي.

مان مسجد جي ديوار سان لڳو ويٺو رهيس. ڪي ڳوٺاڻا لٺيون ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

کھاڙيون ڪٽي ڊڪندا آيا. پر رائفلن ۽ ڪلاشنڪوفن اکيان هنن جي لٺين ۽ ڪھاڙين جو ڪھڙو ڪم. پوءِ منھنجي نظر هڪ وڻ هيٺان بيٺل سردار تي پئي. هو آرام سان پنھنجي ماڻھن جي ڪاروائي ڏسي رهيو هو. اوچتو هن جي واتان هڪ فحش گار نڪتي ۽ هن هڪ پاسي گاريون ڏيندي ڊڪ پري. سردار جنھن پاسي ڀڳو هو، سو چٽيءَ طرح نظر ڪونہ ٿي آيم. مسجد ڪان ٿورو ٻاهر نڪري اوڏانھن ڏٺم تہ سردار هڪ ننڍڙي نينگريءَ کي هنج ۾ کڻي پرچائڻ جي ٿي ڪئي ۽ سندس ڳوڙها پنھنجي اجرڪ جي پلو سان ٿي اگھيا. پوءِ پٽ تان ڀڳل هنجي ڳڏي ڪٽي، صاف ڪري، ڪيس مٿي تي هٿ گھمائي، هٿ ۾ ڪجھہ نوٽ ڏنا. هو وري اچي ساڳيءَ جاءِ تي بيٺو.

اوچتو احساس ٿيم، مون کي هيئن بي فڪر ٿيل ڏسي ڳوٺ وارن کي منھنجي ٻاري ۾ ڪو شڪ ٿي سگھي ٿو. ڳوٺ جي ٻين ماڻھن جيئان مون کي بہ تہ گھبراهٽ ۽ پريشانيءَ جو ڏيک ڏيڻ گھربو هو. مان تيزيءَ سان موٽي مسجد ۾ آيس ۽ پنھنجي ڳنڍ کڻي ڀڄڻ جي ڪيم. ان وقت ٻئي ڏاڙيل امام صاحب جي گھر ۾ داخل ٿي ٿيا ۽ امام صاحب ويچارو ڪين اندر گھڙڻ کان روڪڻ لاءِ ايلاز منٿون ٿي ڪيون. هنن مان هڪ جيئن ئي مون کي ڀڄندو ڏٺو تہ وڏي ڪري مون کان ڳنڍ کسيندي پٺيءَ ۾ رائفل جو ٻٽ هنيو. پر آهستي. امام صاحب جيڪو ٿوري جھٽ اڳ ۾ ايلاز ڪندو ٿي رهيو، مون کي رائفل لڳندي ۽ ڳنڍ ڦرجندي ڏسي، سينوٽائي ان ڏاڙيل کي هٿ کان وٺي چيو تہ مهمان کان تہ نہ ڦريو. ايتري ۾ امام صاحب جي مغز ۾ رائفل جو ٻٽ لڳو ۽ هو ويچارو ٿاٻڙجي هيٺ ڪريو.

مان امام صاحب کي اٿارڻ لڳس تہ جو سوال مون کي هن کان پڇڻ گھربو هو، هن ڪان مون کان پڇي ورتو. "ڌڪ تہ ڪونہ لڳا ٿي نہ".

هو ڪھڙو نہ عجيب ماڻھو هو. سندس مغز مان رت ٿي وهيو، گھر لٽجي ويو هوس پوءِ بہ مون کان، هڪ اهڙي شخص کان، جو هڪ تماشائي هو، پڇي رهيو هو تہ ڪيس ڌڪ تہ ڪونہ لڳا آهن.

ڏهن منٽن اندر ڦر ڪري ڏاڙيل جنھن طرف کان آيا هئا، رائيفلون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لوڏيندا، جيپن ۾ سوار ٿي هليا ويا. هنن جي وڃڻ بعد، ڳوٺ جا لٽيل ڦريل ماڻهو، سيڪجهه وساري، هڪٻئي جي خبر چار ۽ زخمين جي سارسنڀال ۾ لڳي ويا. ٻن ماڻهن کي ٽاٽي تي موڪليو ويو.

ان ڌاڙي ۾ ٻه ماڻهو مئا. هڪ ڳوٺ جو وڏيرو، جيڪو پوليس جو ٽائوٽ هو. ٻيو هڪ ڇوڪرو جيڪو ڌاڙيلن جي دٻ کان وڻ تي چڙهي ويو هو ۽ هوائي فائرنگ ۾ مري پيو. باقي زخمين مان ڪنهن جي به حالت نازڪ ڪونه هئي. ڪجهه ڏک انهن کي سرس لڳا هئا، جن ٿوري گهڻي مزاحمت ڏيکاري. روچ راڙي ۾ ڳوٺ جون عورتون تيز هيون. هڪ مائيءَ ته هڪ ڌاڙيل جي ٻانهن ۾ پوري زور سان چڪ وڌو. پر پوءِ به ڪنهن عورت کي ڪا معمولي نهنڊ وري به ڪونه آئي هئي.

ڳوٺ وارن سڄي رات اوجاڳي ۾ ڪاٽي، پر ايڏي وڏي حادثي جي باوجود مون کي ڪنهن ڪونه وساريو. امام صاحب کي پنهنجي لٽجڻ جو ايترو غم ڪونه هو، جيترو ڪيس ڳوٺ ۾ قسمت سان آيل هڪ مهمان جي لٽجڻ جو هو. جڏهن ته هنجي گهر جا سڀ ڳهه ڳَنا ۽ اوکيءَ سوکيءَ ويل ڪم اچڻ لاءِ بچايل رقم ڦرجي وئي هئي.

صبح جي آذان کان ٿورو پهرين مؤذن رڙيون ڪندو ڊڪندو ڳوٺ ۾ داخل ٿيو. هو رات جو حادثي ۾ هڪ زخميءَ کي تعلقي جي اسپتال پهچائي موٽي اچي رهيو هو ته هن ڳوٺ ٻاهران قبرستان جي ڪنڊ ۾ هڪ جيپ بيٺل ڏٺي. جيپ مان هڪ ماڻهو لهي ڪري، وڻ هيٺان ٽڙيل پکڙيل سامان ڏانهن اشارو ڪندي کيس چيو.

"ڳوٺ وارن کي وڃي ٻڌاءِ ته هو پنهنجو سامان کڻي وڃن. ڪين اهو ضرور ڇنڊجان، جيڪڏهن ڳوٺ ۾ وري ڪنهن اهڙي ڪچر دلال وڏيري کي رهڻ ڏنو اٿائون ته پوءِ اهڙو ڌاڙو لڳندن جو ڪجهه به سلامت ڪونه هوندن. اسان فقط انهيءَ ڇهڙي وڏيري جي مارڻ لاءِ آيا هئاسين. جي ڳوٺ وارا سامهون ڪونه ٿين ها، ته ڪين ڪجهه ڪونه ٿئي ها. باقي اهو ڇوڪرو ويچارو پنهنجيءَ غلطيءَ سبب مئو آهي. اسان کي کهڙي خبر ته هو ڪو مٿي وڻ تي ويٺو هو. جڏهن هيٺ ڪريو ته ڏٺوسين.

ڳوٺ وارا ڊڪندا وڃي قبرستان ڏانهن پڳا. ڇڙڻ وارن ۾ امام صاحب



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بہ هو. ماڻهو ڪچڙيءَ منجهند تائين پنهنجو سامان ڪٽندا رهيا. ڪل رقم هڪ ٿيلهي ۾ پيل هئي. ڪيترن ويچارن کي پنهنجا پئسا ياد ڪونہ هئا. جنهن جيڪا رقم ٻڌائي ٿي، امام صاحب ڪيس بنا جرح جي ڏيندو ٿي ويو. آخر ۾ پتو پيو، هر شخص پنهنجي پنهنجي رقم گهٽ ٻڌائي هئي. جڏهن امام صاحب پنهنجا ست سئو الڳ ڪيا تہ اڃان چار سئو بچي پيا. ڪوبہ ان بچيل پيسن کي وٺڻ لاءِ تيار ڪونہ هو. نيٺ فيصلو ٿيو، في الحال اهي پئسا امانت طور امام صاحب وٽ هوندا. جيڪڏهن ڪو دعويدار ڪونہ ٿيو تہ اها رقم مسجد جي خير ۾ شامل ڪئي ويندي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ٣

منهنجيءَ زندگيءَ جو گهڻو حصو شهر ۾ گذريو هو. جنهن ايمانداريءَ ۽ خلوص جو مظاهرو مون ان ننيڙي ڳوٺ جي ماڻهن ۾ ڏٺو، شهر ۾ ان جو مثال ملي ڪونه ٿي سگهيو. افسوس ٿيم، هڪ وڏيري خاطر سڄي ڳوٺ کي ڦرڻ جو ڪهڙو ضرور هو.

"توکي خبر ڪونهي بهادر "سردار وراڻيو" ڪين اها وڏيري سان همدرديءَ جي ننڍي سزا هئي. چاڻان ٿو هو دل سان وڏيري جا دوست نه هئا نه اسان جا به دشمن ڪونه هئا. هنن کي لٽڻ وارا اسان کان علاوه ٻيا به گهڻائي آهن، هنن ويچارن الائي ڪهڙن حيلن بهانن سان ٻڪري ڏوڪڙ ميڙيا هوندا. هنن جي اها حلال جي ڪمائي ڦري مان سونو ڪونه ٿي ويندس. مان نه فقط حرام کائڻ جو موت آهيان. اهي ويچارا غريب وڏيري جي خلاف ڪري به ڇا ٿي سگهيا."

"شاهو ڪير آهي" پڇيم.

"چو؟" پڇيائين.

"ڳوٺاڻن چيو ٿي، شاهوءَ جو ٽولو ڪنهن تي اجايو ظلم ڪرڻ وارو نه آهي."

"مان شاهو آهيان." هن اداسيءَ مان وراڻيو "مان ئي اهو منحوس شاهو آهيان. مگر بهادر مان مجبور هوس. يقين ڪر مان جي اڄ ڌاڙيل نه هجان ها ته هن دنيا ۾ اڄ منهنجي لاءِ ساهه کڻڻ به مشڪل ٿي پوي ها."

"جيئڻ مان مجبوريءَ ۾ هتي آيو آهيان." چيم

"نه، تنهنجي ۽ منهنجي درد ۾ رات ڏينهن جو فرق آهي." چيائين "توکي محنت ۽ مزدوري ڪري جيئڻ جو وسيلو ته ملي سگهيو ٿي، پر منهنجي جيئڻ جو وسيلو تمام تنگ هو. خير، ڪو موقعو مليو، ته اهي ڳالهيون ڪبيون."

مان ويڙهه لاءِ اٿي بيٺس ته چيائين "ويهه"

لانڍيءَ ۾ خاموشي ڇانئجي رهي ۽ اها خاموشي تڏهن ٽٽي جڏهن هڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ساٿي، عبدالقادر آيو.

"سرڪار، مان معافي ٿو وٺان، وري اهڙي غلطي ڪونه ٿيندي." عبدالقادر ايندي شرط هٿ ٻڌي چيو

سردار اٿيو ۽ ڪاوڙ مان چيو "جي وري اهڙي غلطي ٿي ته هن زمين مٿان ڪٿي ٺڪاڻو ڪونه ملندءِ!."

عبدالقادر ڪنبندي چيو "سائين پتو ناهي ان وقت الائي ڇو هوش ئي ڪونه رهيو هو."

سردار جون اکيون ڳاڙهيون لال هيون "وسري ويو هيئه ڇا ته ٻارن ۽ ننگن جا اسان ڪڏهن به مندا ڪونه رهيا آهيون يا سمجهيئي ٿي ته اڄا پنهنجي پيءُ خيروءَ جي ٽولي ۾ آهين وڃ ٽر هاٽي."

سردار ڪاوڙ مان منيون پيڪوڙيندي وري چيو " ياد رکي ڇڏ. جي تو وري ڪڏهن ڪا اهڙي حرڪت ڪئي ته منهنجي گولي ميچالي مان هلي ويندءِ خبر ٿي نه، منهنجو نشانو گسي ئي ڪونه ."

عبدالقادر هليو ويو، مون وري اٿڻ جي ڪئي.

" ڪير ٿو چئي مون کي اها رتوچاڻ سڻي ٿي لڳي." هو پنهنجي منهن چوڻ لڳو "جي اهي وڏيرا ۽ پوليس وارا به انسانن جيئان سوچڻ لڳن ته مونکي ڪهڙي پئي آهي جو سندن رت وهائيندو وتان، باقي مان غريب ڪهڙي حساب ۾ ماريندس."

لانديءَ ۾ هڪ ڀيرو وري ڏکي خاموشي ڇانئجي وئي، ڪيترا پل ان حالت ۾ گذري ويا. پوءِ سردار هلڪي آواز ۾ مون کي چيو.

" دولت آباد وارن جو تو مٿان ڪو شڪ ته ڪونه ويو نه؟"

" نه" وراڻيم.

" ڏنئه ڏاڙو ڪيئن لڳندو آهي؟"

"چڱي طرح ڏٺم."

"سڪينه کي به ڏٺئه؟" پڇيائين.

"جنهن کي عبدالقادر جي نوڪر لڳي ۽ توهان ڪيس هنج ۾ ڪري پيار ڪيو هو. اها ڇوڪري؟"

" ڏاڍي پياري ڇوڪري هئي" سردار ائين چيو ڄڻ پنهنجو پاڻ کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مخاطب هجي. پوءِ وري ڌيمي آواز ۾ چيائين

"بهادر، هڪ پيرو وري مسافر ٿي تون اها خبر لهي اءِ ته سگهين

ڪنهن جي ڌيءُ آهي؟ پر ڪنهن جو ان ڳالهه ڏي ڪو ڌيان ڪونه ويچي."

"ٺيڪ آ" چيم.

"جي مون کان سڃاڻڻ ۾ غلطي ڪونه ٿي آهي ته يڪ سان سگهين

منهنجي وڏي ڀاءُ جي آخري نشاني آهي."

مون ڪجهه پڇڻ مناسب ڪونه سمجهيو ۽ ماٺ ۾ سندس چهرو

تڪيندو رهيس.

هن وري ڳالهايو. "مان پنهنجي ڀاڄائيءَ جي مدد ٿو ڪرڻ چاهيان."

منهنجون نظرون، سردار جي چهري مٿان ڄميون رهيون، سندس

چهري جا تاثر لٿا ۽ اپريا ٿي. هو چوڻ لڳو. "منهنجي ڀاڄائي وڏي

غيرتمند عورت آهي. هوءَ ڪنهن جي مدد وٺڻ لاءِ ڪڏهن به راضي ڪونه ٿيندي.

"مان چاهيان ٿو ائين جو آهي؟" هو چوندو رهيو "تون اهو ظاهر ٿيڻ

نه ڏجانءِ ته اها رقم ڪنهن موڪلي آهي. شايد قبول ڪري."

"چو ؟" ڪانئس پڇيم.

"مٿان ڳالهه لڪي ڪونه سگهي ۽ پوليس کي پتو پئجي ويچي." هن

وراڻيو "جي ڪين خبر پئي ته پوءِ مان نئين سر ويل ۾ اچي ويندس."

سردار هڪ پيرو وري گهريءَ سوچ ۾ ٻڏي ويو.

"ڏاڍو مشڪل ڪم ٿي. هوءَ وڏي غيرتمند آهي. توسان ملڻ ته پري

رهيو، پر ڳالهائڻ به پسند ڪونه ڪندي."

چيم "اهو سڀ ڪم مون مٿان ڇڏيو. مان پنهنجي پوري ڪوشش ڪندس."

پنهنجي لانڍيءَ ۾ پهتس ته عبدالقادر کي اڳ ۾ ئي اتي ويٺل ڏٺم.

"تنهنجو ئي انتظار پئي ڪيم" عبدالقادر چيو "تون بن ڏينهن ۾ ئي

هن جو دادلو بڻجي ويو آهين. مان هن جي ٽولي ۾ ٽن مهينن کان آهيان.

پر ڪيس پوريءَ ريت اڃان سمجهي ڪونه سگهيو آهيان."

"سردار انسان پهريون پوءِ ڊاڙيل آهي" کيس چيم "جي ايتري ڳالهه

به تنهنجي سمجهه ۾ ڪونه ٿي اچي ته منهنجي خيال ۾ ان کي سمجهڻ

۾ ڪا ڏکيائي به ڪونهي."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هو پنهنجيءَ ڏن ۾ ڳالهائيندو رهيو.

” مون کي تنهنجي سردار جو اهو طريقو پسند ڪونهي. “هن چيو ”اسان ڏاڙيل آهيون اسان کي ڏاڙيلن جيئان رهڻ گهرجي. پر هتي تہ لڳيم ٿو، ڄڻ مان مولوين جي ڳوٺ ۾ اچي رهيو آهيان.“

مون ڪلندي چيو ”تون پلا خيروءَ کي ڇو ڇڏيو؟“

” ان لاءِ جو تنهنجي هن جو نالو وڏو هو. “ هن وراڻيو ”سمجهيم ٿي وڏي نالي واري ڏاڙيل وٽ ٿو وڃان، سٺي آجيان ٿيندي. خيرو پڪ سان منهنجي ڪوٽ محسوس ڪندو هوندو. جي هتان جون اهيئي ڳالهيون رهيون تہ پوءِ شايد مان هتي ڪونہ رهي سگهيس.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هو ڳوٺ جي پنجن نوجوانن کي ڌاڙيلن جو ساٿي ڄاڻائي ٿاڻي موڪلي چڪا ۽ صوبيدار جو ڇوٽڻ هو تہ جيڪڏهن شام تائين ڌاڙيلن جي باري ۾ ڪو ڏس پتو ڪونہ مليو تہ هو سڄي ڳوٺ کي ٻارين ٻچين وچي لاڪپ ۾ وجهندو.

"قانوني طور هو ائين ڪونہ ٿو ڪري سگهي." مون ڪنڌ لوڏيندي چيو پر ڇا جو قانون ؟ سڄي ڳوٺ کي ڪٿي سوگهو ڪيائون. لاڪپ ۾ ايتري گنجائش ڪونہ هئي جو ڪٿي پير ڊگها ڪري ويهجي. ماڻهو سڄي رات ٻڪٽي پيٽ رهيا. جن ماڻهن جي ڪڪڙين، ٻڪرين ۽ ڳئن کي زوريءَ کُهي هنن پنهنجو پيٽ ٽي ڀريو، تن جي ٻک ۽ اڄ جي ڪنهن کي ڪا پرواهہ ڪونہ هئي. مان بہ هنن سان گڏ لاڪپ ۾ هوس. انسانن جي روپ ۾ مون ڀرپور ڀيرو ٻگهڙن کي ڏٺو. حقيقت ۾ ماڻهن جي مخالفت جي باوجود، پوليس جي باري ۾ منهنجا خيال سٺا رهيا هئا. سمجهندو هيس. ماڻهن کين مفت ۾ بدنام ڪيو آهي. پر هاڻي پنهنجي اکين سان سندن ظلم ۽ بي واجبي ڏسي پڪ ٿي تہ جيڪو ڪجهہ پوليس وارن لاءِ ٻڌو هيس، اهو تہ ڪنهن پتيءَ ۾ بہ ڪونہ هو.

مکين، مڇرن ۽ الائي ڪهڙن عجيب ۽ غريب جيتن، ڪُولين ۽ ماڪوڙن سان ويڙهہ ڪندي رات گذري. صبح ٿيو تہ پوليس جمعدار اسان جو وڏو همدرد بڻجي اسان وٽ آيو. ڇوٽڻ لڳو، صوبيدار صاحب ڏهہ هزارن ۾ هڪ ٻانهن ڇڏڻ لاءِ تيار ٿيو آهي. هڪ ماڻهو اهڙو هو جيڪو پنهنجي پٽ لاءِ ڏيڻ تي آماده ٿيو. سندس پٽ کي ٿڏي تي ئي آزاد ڪيو ويو. جڏهن ڪو بيو راضي ڪونہ ٿيو تہ اگهہ پنج هزارن تي اچي پهتو. چار ماڻهو پاڻ ڇڏائي ويا. اگهہ وري هيٺ ڪريو. ڪجهہ ماڻهو ٻيا ڇٽي ويا. آخر ۾ اگهہ وڃي هڪهزار تي پهتو ۽ لاڪپ ۾ ماڻهو وڃي پنج رهيا، جن ۾ هڪ مان شامل هوس.

اسان کي صوبيدار اڳيان پيش ڪيو ويو. هن اسان کي ڏاڍو دٻايو. ڊيڄاريو ۽ ڌاڙيلن جي ساٿي هجڻ جي الزام هيٺ جيل موڪلڻ جي ڌمڪي ڏني. پر سڀ سچا سڪتا هئا. هزار رپيو ڪٿان آڻن. منهنجو وري اهو خيال هو، مون کي پرديسي ڄاڻي ڇڏي ڏيندا. پر پڇاڙيءَ ۾ مون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ضرورت ڪونهي."

"ادي مون کي ڪير موڪليندو." مون حيرت مان پڇيو.

"سڪينه چئيس، هن کي جنهن به موڪليو آهي، ان کي وچي چئي، اسان کي وڏيڪ تنگ نه ڪري، اسان سک سان ڏڌ ماني ڪائي وقت گذاريون ٿا. پنهنجي حرام جي اها دولت پاڻ وٽ سنڀالي رکي. اسان هن جي ڪري گهڻو ئي پوڳيو آهي." هن جو ڳلو ڀرجي آيو ۽ هوءَ ماٿ ٿي وئي.

سردار بلڪل سچ چيو هو. هوءَ واقعي ذهين ۽ غيرتمند عورت هئي.

"ادي تون ڇا ٿي پئي چئين؟" ڪوڙ ڳالهاير "مون کي اها خبر به ڪونه هئي ته ڪو هن معصوم نياڻيءَ جو پيءُ گذاري ويو آهي."

وڏيڪ ڪجهه چوڻ جي، دروازي بند ٿيڻ جو آواز آيو. لڳم اندران ڪڙو ڏنو ويو. مان ڪجهه گهڙيون بيٺو بند دروازي ڏانهن ڏسندو رهيس. سڪينه جي ماءُ جي رويي ۽ ارادي مان صاف چٽو هو. هوءَ ڪابه امداد قبول ڪونه ڪري ها. هوءَ واقعي هڪ خوددار عورت هئي. هن پنهنجو پاڻ جيئڻ ڄاتو ٿي.

جنهن ڏينهن شام جو اسانجي مخبر ساٿين سردار کي تر جي هڪ وڏي سياستدان جي گهر پوٽي ڄمڻ جي خوشيءَ ۾ هڪ وڏي جشن ملهائڻ جي خبر ٻڌائي، ان شام جو سردار پنهنجي لانڍيءَ مان ٻاهر نڪتو ۽ مون کي ساڻ ڪري. ٻري هڪ وڻ جي ٿڙ تي هلي ويٺو. رستي ۾ هن هڪ اکر ڪونه ڳالهايو. هو ائين ماٺ هو، جيئن طوفان پنهنجي جاءِ ٺاهيندو هجي. مون به ڳالهائڻ مناسب ڪونه سمجهيو.

پوءِ هن ڏک ڀري لهجي ۾ چوڻ شروع ڪيو "بهادر، منهنجي سيني مٿان هڪ اهڙو پهاڙ آهي، جنهن جي بار هيٺ مان دٻيو پيو آهيان."

"اسان ٽي ڀائر هئاسين. اسان مان ڪو اسڪول ۾ ڪونه پڙهي سگهيو. اول ته ماستر  کي وڏيري طرفان موڪل هئي. هو سال ۾ هڪ ڏينهن اچي يا هڪ مهينو پر ڪيس پگهار سان گڏ سال جي ڪٽڪ ۽ چانور گهر ويٺي ملي ويندا هئا. وڏيرو اسان ماڻهن کي جانورن جئيان پائيندو هو. هن جو خيال هو، جيڪو مان هاٿي سمجهان ٿو، جي اسان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

غريب ماڻهن تعليم حاصل ڪري ورتي ته هن جي وڏيرڪي خطري ۾ پئجي ويندي. اسان هن جي غلامي قبولڻ بجاءِ هن جي برابري ڪرڻ لڳنداسين."

"وڏيري جي مال ۽ گهر جو ڪم اسان سڀئي پائر ڪندا هئاسين. ذري ذري تي دياڻڻ، چڙبون، ۽ گاريون ڏيڻ ۽ ذليل ڪرڻ هن جي وندر هئي." هن جي آواز ۾ سختي هئي.

"هڪ ڏينهن، اسان جي ننڍي ڀاءُ، وڏيري جي ڪچيءَ گار تي وڏيري کي ورندي ڏئي وڌي. وڏيري کي جڻ ککر چنبڙي پئي. سڄي بدن ۾ ڏنگ لڳي ويس. در جي ڪتي کي به جي بار بار ٻوٽ جي لت هڻبي ته هو به هڪ اڌ دفعو ضرور گرندو. اسان ته وري به انسان جي اولاد هئاسين. ڏٿي بخش کي ان غلطيءَ جي سزا ۾، وڏيري پاڻ ته لتن ۽ لهڪڻ سان ڪٽيو، پر پنهنجي دل ٺارڻ لاءِ هن کي اسان جهڙن ٻين نوڪرن جي حوالي ڪيو. پوءِ هن جي مٿان چوريءَ جو الزام هڻي، ٿاڻي تي موڪلي ڏنو."

"ٽن ڏينهن بعد هو جڏهن گهر موٽي آيو ته سڃاڻڻ ڪان پري هو. ان ڪان پوءِ هو هڪدم غائب ٿي ويو. بعد ۾ خبر پئي هو ڪنهن شهر ۾ مزدوري ڪري پيٽ پاليندو تو رهي. هن اتي شادي به ڪئي. وڏو ڀاءُ الاهي بخش به پنهنجي ٻارن کي وٺي ڪيڏانهن هليو ويو. منهنجي دنيا وڃي محدود ٿيندي. مايوسيون پاڇي جيئان منهنجي ڪڍ پئجي ويون. مان، منهنجو پوڙهو پيءُ ۽ پوڙهي ماءُ، ٻه جوان ڀينرون، سڀ جڻ دوزخ جي ڪناري تي ويٺل هئاسين. ٿوري به لاپرواهي، اسان سڀني کي باهه جي آڙاهه ۾ ڪيرائي ٿي سگهي. اندر جي سورن کي اندر ۾ لڪائي، مون پنهنجيءَ زندگيءَ کي اڳتي ڏڪڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي، پر اڳيان وڏا وڏا پٿر منهنجون سڀ راهون روڪي بيٺا."

"مون کي پوريءَ طرح نڌازو ٿي ويو، جيستائين ڪنڌ جهڪائي هلبو، وڏيري ۽ پوليس جي چار مان ڪڏهن جند ڪو نه ڇٽي سگهندي. پنهنجي پوڙهي پيءُ کي هڪ ڏينهن چيم، اسان جو پهريون دشمن اهو وڏيرو آهي پوءِ پوليس. بابو وڏو سياڻو ۽ تجربيڪار شخص هو. پر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي پٽ متان پئي. هڪ ڏينهن هو ٻيلي مان ماڪي لاهڻ ۾ درياهہ ۾ وهنجڻ ويا. وڏيري جو پارو صفا مٿي چڙهي ويو. عليءَ ڏني جون ڪوڪون اڄ بہ منهنجي ڪنن ۾ گونجنديون آهن تہ لڳن ۾ ڪنبڻي وٺي ويندي آهي.

"ڳالهہ ڪا وڏي بہ ڪونہ هئي. هڪ جيڏا ٻانڌ ۾ ڪيڏندا ڪڏندا تہ آهن سهي. ٻارن کي ڪير روڪي؟ پر وڏيري کي اها ڳالهہ ڪير سمجهائي تہ هرڪو پنهنجو سن ڳولهندو آهي. بس هن جي ڪاوڙ تہ هاريءَ جو پٽ، وڏيري جي پٽ جو سنگتي چو."

"جڏهن وڏيري جون لتون ۽ لهڪڻ هن جي متان وسڻ لڳا تہ هو ويچارو رڙيون ۽ ڪوڪون ڪندو، وڪڙ کائيندو، ٻاڏائيندو رهيو."

"سائين رڪيل مون کي بچاءِ. ادا شاهہ بخش مون کي ڇڏاءِ! مون توبهہ ڪئي. مان وري ڪونہ ويندس. هن جون رڙيون اسان سيني جي اندر مڏيءَ ڪاتيءَ وارا چير ڏئي رهيون هيون. پر وڏيري جي دل کي ذري برابر بہ لوڏي ڪونہ سگهيون."

"سندس پيءُ اکين کي هٿ ڏئي ڏبيل سڏڪن سان گونگا ڳوڙها ڳاڙيندو رهيو. دل چاهيم، وڏيري کان لهڪڻ کسي کيس ئي ڪٽڻ شروع ڪريان. پر وڏيري جي پالتو ڪتن جو وڏو ٽولو موجود هو، جيڪو منهنجي ٻوٽي ٻوٽي ڪري ڇڏي ها. هر اک آلي هئي. پر پنهنجي ڪل لهرائڻ جي ٻوَ کان ڪير ڪڇي."

"پوءِ بہ انهيءَ بي وسيءَ جي حالت ۾ اسان جو هڪ نوجوان همٿ ڪري اڳتي وڌيو ۽ وڏيري جي لهڪڻ کي جهليندي چيائين

"بس وڏيرا، ڇوڪرو مري ويندو."

"ڇڏ مون کي" وڏيري اکيون ڦوٽاريندي، ڳف وهائيندي، گار ڏئي چيو "هي حرامي ڦر مئو تہ ڪتو مئو."

" پر لهڪڻ ۾ قابو هٿ ڍلو ڪونہ ٿيو. وڏيرو نانگ جئيان ڦوڪاريندو سيٽبو ويو. ڪٿي وڃ پنهنجي رنڊيءَ جي پٽ کي." وڏيري سندس پيءُ کي رهڙ ڏئي چيو .

"حاضر سرڪار" سندس پيءُ سڏڪو روڪي نماڻي آواز ۾ چيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"سرڪار جو رحم ٿئي." ڇوڪرو سڄي رات مارجي آڪڙ ۾ بيهوش رهيو. سڄو بدن، نيرا ڏنا ٿي پيس اٿين ڇڻ ڪنهن مٿان ليريءَ مس جون ليڪون ڪڍيون هجن. ڪچڙيءَ منجهند جو هن آخري ساهه کنيو. ڳوٺ مان ڪنهن کي همت نه هئي جو وڃي پنهنجو ڏک ظاهر ڪري. اُلٽو وڏيري ڇوڪري جي قتل ۾ مراد عليءَ کي اڙايو. اهو هو منهن زور گهوڙي کي روڪڻ جو نتيجو."

"منهنجو نالو شاهدن ۾ ڏنو ويو. منهنجو ته ڄڻ رت ئي ڄمي ويو. جوان پيءُ جي پٽ جون رڙيون منهنجي اندر هڪ طوفان هيون. سوچيم مان بي غيرت ڪونه آهيان. فيصلو ڪيم، مراد عليءَ کي ڄاتي واڻي بي گناهه سزا ڪونه ڏيڻ ڏيندس پڇتاءُ جو ڪندو ته اڳ ۾ ئي سڄي بدن ۾ چٻي رهيو هو. ٽانڊا هئا، جيڪي پنهنجي جسم سان لڳايون گهمي رهيو هوس.

"منهنجو خيال هو، پوليس اصل معاملي کان بي خبر آهي. شام جو ٺاڻي پهچي صوبيدار کي رازداريءَ ۾ سڄي حقيقت ٻڌايم. سمجهيم ٿي، پوليس قانون جي محافظ آهي.هوءَ مراد علي سان ناحق ڪونه ڪندي. پر ڳالهه ڪرڻ، منهنجي لاءِ ويل ٿي پيو. ان ڏينهن پهريون ڀيرو سچ معلوم ٿيو وڏيرو ۽ پوليس هڪ ئي تازازيءَ جا ٻه پڙ آهن.

" مون کي اتيئي ويهاري، وڏيري ڏي پوليس وارو موڪليو ويو. تون اندازو ڪونه لڳائي سگهندين، وڏيري جي اچڻ سان مون سان ڪهڙو حشر ٿيو. مون کي ايترو ماريو ويو جو ڪنن ۽ نڪ مان رت وهڻ لڳو. هي جيڪي ٻه ڏند ڀڳل ڏسين ٿو، اهي انهن ڏينهن جي نشاني آهن، مراد علي ته ڇٽي ويو، قتل جو ڏوهه مون مٿان پيو. انهيءَ گهڙيءَ قسم کاڌم، هنن پنهي رهزنن کان حساب ڪتاب نه چڪايم ته پنهنجي پيءُ جو پٽ ڪونه هوندس، مون کي پنهنجيءَ غيرت تي يقين هو، ته هڪ ڏينهن وڏيرو ۽ پوليس منهنجي پيرن جون تريون چٽيندا."

هو گهڙي کن ماٺ ٿي ويو. پنهنجي اندر چڪيل يادين جي زخمن کي سهڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو. سندس چهري تي ڪارن ڪڪرن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

واري خوفائتي گهگهه اونداهي ڇانيل هئي.

"بابي سائينءَ هٿ پير هڻي ڪجهه پئسا هٿ ڪيا ۽ ڪجهه پئسا امڙ ۽ ادڙيءَ جون چوڙيون ۽ ايرنگ ڳاري منهنجي ضمانت ڪرائي. ٽن سالن بعد جڏهن جيل کان ٻاهر آيس تہ سوچيم، دنيا گهڻي بدلجي چڪي هوندي. وڏيرو تڏو ئي چڪو هوندو. ڪيس بيگناهہ ايذاءَ ڏيڻ جو احساس ۽ پڇتاءُ هوندو. پر نہ دنيا بدلي هئي، نہ وري وڏيرو. دنيا بدلي هئي تہ رڳو منهنجي پنهنجي گهرجي. وڏي ڀاءُ الاهي بخش جو ڪو ڪر پتو ڪونہ هو. ڏکن ۽ بدبختيءَ اسان جو گهر لڏو هو ۽ ان مان نڪرڻ جو نالو ئي ڪونہ ٿي ورتائين. امڙ روئي روئي پاڻ کي مٽي جهڙو ڪري ڇڏيو. پيڻ جوانيءَ ۾ ئي پوڙهي ٿي چڪي هئي. اميدن ۽ آسرن جا گل ٽڙڻ کان اڳ ڪومائجي چڪا هئا.

"بابو ان انتظار ۾ هو تہ منهنجي جيل کان ڇٽي اچڻ بعد ڪٿي ٻئي هنڌ لڏي وڃي، محنت مزدوري ڪري عزت جي روٽي ڪمائبي. ڌاڙن جي پاڙي ۾ غريب ڪيستائين پنهنجي ڪل لهرائيندو رهندو."

"اسان جي لڏڻ جي سنيت ۾ مهينو کن بہ ڪونہ گذريو هوندو جو وڏيري مون کي چوريءَ جي ڪوڙي الزام ۾ ڦٽرايو. نہ رڳو ايترو پر منهنجي وڏي ڀاءُ الاهي بخش کي بہ مون سان گڏ ڦاسايو ويو. اسان ٻنهي کي ڊور جيان ڪٽيو ويو. انهي مار منهنجي اندر جي نفرت کي اجان وڌيڪ وڌائي ڇڏيو. وڏيرو لاڪپ ۾ آيو. ڇپن جي مرڪ لڪائيندي، ڪوڙي آٿت ڏيڻ جي ڪيائين.

"بابا، مان پوليس کي چيو آهي، توهان کي ڇڏي ڏيندا." هن چيو پر بابا گهٽ ۾ گهٽ مون کي تہ ڇاڻ ڪندا ڪريو. مان چاچي لاءِ آهيان منهنجو راڄ آهيو، مان ئي توهان جي ڏکئي وقت ڪم نہ ايندس تہ پيو ڪير ايندو."

"وڏو دلو تون آهين." منهنجي اندر نفرت انتها تي پهچي چڪي هئي. مون کان ماٺ ڪونہ ٿي سگهي. چيم "تو سان پڇي وٺبو وڏيرا. هڪ واري رڳو ڇٽڻ ڏي." ۽ هنجي منهن تي ٿڪ وهائي ڪڍيم.

"ڏکندا ڏوهہ آهن، نہ کي ماڻهو، منهنجي جوش کان وڏيرو هڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

واري سڄو ڏکي ويو. منهن مان رت ڇڏائي ويس. پوءِ پاڻ سنڀالي شوخائي رکيائين.

" ڪمينا ڇورا، تنهنجي اها مجال" چئي، ٽڪرين وکون کڻندو هليو ويو.

پرسان سور کان ڪنجهندڙ ادي وڏي جي چپن تي مرڪ تري آئي. چيائين جي هاڻ مئس تہ پرواهہ ناهي. شاهہ بخش عزت جي موت ۾ بہ مزو ٿي. جي زنده رهين تہ عزت سان مڙس ٿي رهجانءِ. باقي جي ڪتي جي زندگي گذارڻي اٿي تہ پوءِ هاڻي ٿي وڃي وڏيري جا پير لڪ."

" رهندس تہ عزت سان سوچيم " نہ تہ جيئڻ تي ئي لعنت هوندي."

وڏيري جي منهن تي لڳل ٿڪ ڦهلجي ويرڪي ٿي وئي. ايتري ويڪري جو ان ۾ منهنجو وڏو ڀاءُ الاهي بخش لڙهي ويو. اسان کي پوليس ٽن ڏينهن تائين اونڌو لٽڪائي ڪٽيندي رهي. ننگن کي ڇڪي ٿاڻي ۾ آندائون. امڙ، ادڙيءَ، ڀاڄائيءَ بابي جي سامهون اسان کي اگهاڙو مارينداا رهيا. اسان جي مار جو تاءُ نہ سهي امڙ بيهوش ٿي وئي. بابي ڊوڙي وڃي مسجد مان قرآن ڪٽي وڏيري جي هنج ۾ ڏنو. هن ان کي ڇمي پر سان ڪٽي رکيو. وري بابي صوبيدار جي هنج ۾ رکيو. پر هن بہ ڇمي سپاهيءَ کي رکي اڇڻ لاءِ ڏنو. ڇڻ تہ هو قرآن شريف کان واقف ئي ڪونہ هئا. هنن ايترو ضرور ڪيو جو قرآن بخشائڻ جا ڏهہ روپيا ڪيدي منائي ورهائڻ لاءِ ڏنا. ڏهين ريئي ۾ هنن قرآن بخشائي پاڻ آجو ڪيو. جيترا ڳوڙها امڙ ۽ ڀين جي اکين ۾ هئا. سي وهي خشڪ ٿي ويا. هنن جون اکين ڳوڙها وهائي سڄي ويون.

"جي توکي ڇڏيم، پنهنجي ماءُ جي يار کي ڇڏيم." صوبيدار کي ڏند ڪرٽيندي ڇڏيم "هتان نڪرڻ ڏي تہ پوءِ تنهنجي ان دلي وڏيري کي بہ ناهي ڏسندس. ٻچا نہ روليامانس تہ پيءُ لڳي."

ادو وڏو تہ مار ۾ ئي مري ويو. ٻئي ڏينهن هنن هن کي پوليس مقابلي ۾ مارجي ويل ڏيکاري لاش دفن ڪري ڇڏيو. وارثن کي آخري ديدار بہ نصيب ڪونہ ٿيو. ان ڏينهن کان ڀاڄائيءَ جي دل ۾ منهنجي لاءِ اهو وهم ويهي ويو. هنجي مڙس جي موت جو سبب مان آهيان. هنجي اندر جي ڪاوڙ اجان ڊري ڪونہ ٿي آهي. منهنجي اندر اڳ ۾ ئي ڪو ڪهت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سردار گهڙيءَ کن لاءِ چپ ٿي خلاءَ ۾ گهورڻ لڳو. ائين لڳو، ماضيءَ جا ورق رت ۾ ترڻ لڳا هئا.

"اهو ڏينهن اڄ جو ڏينهن. مان شاهه بخش مان شاهو ڌاڙيل بڻجي ويس. مان هاڻي ٻيلي جي زندگي گذاريان ٿو. پر پوليس ۽ وڏيرا جيڪي ڪڏهن منهنجا جاني دشمن هئا، اڄ منهنجي ڪري لوسي ڪتي جيئان لور لور ڪندا ٿا رهن. هنن جو ڪم هاڻي منهنجي خوشامند ڪرڻ ۽ مون کي راضي رکڻ آهي. اهو ئي سبب آهي جو وڏيري پنهنجي پٽ جي خوشيءَ جو بهانو بڻائي اسان ڏانهن ديڳيون ڏياري موڪليون. پوليس ٻه ڪنهن نه ڪنهن بهاني اهو ٻڌائڻ چاهيندي آهي، هوءَ اسان جي خيرخواهه آهي، اهي ٻئي اسان جي خوشامند ڪري غريب عوام کي لٽڻ ۽ ڦرڻ ۾ رڌل رهن ٿا. هنن کي ڪنهن جي غريبيءَ، ڪنهن جي ڏک سک جي ڪا پرواهه ئي ڪونه ٿي رهي. ڪو ڦٿڪي مري يا سڏڪي، هنن کي ته ٿهڪن ڏيڻ ۽ لٽڻ ڦرڻ سان ڪم."

"پر مان هنن جا اهي ٿهڪ ڪسي، غريبن کي موٽائي ڏيندس. هنن کي ايترو روئاريندس جو سڏڪو ٻه ڪونه پري سگهندا."

مون ڍلي آواز ۾ پڇيو. "پر مون کي پوليس ۽ وڏيري جو اهو ڪڌو ڪم سمجهه ۾ ڪونه آيو."

"ڪنهن جي ٻه سمجهه ۾ ڪونه ايندو." وراڻيائين "جنهن هنن کي سڃاتو، تنهن چڻ اصل نفاق کي سڃاتو. هي ڪنهن جا دوست نه ٿين ڪونه. پهريون اهي ٽئي پارٽيون مون کي وڏو ڪمينو ۽ ذليل انسان سمجهنديون هيون. اڄ منهنجي خوشامند ۾ سڀ کان اول آهن."

"وڏيرو چاهي ٿو، هن کي منهنجي مدد حاصل رهي ته جيئن هو پين نندن وڏيرن ۽ غريب هارين ۽ راڄ مٿان پنهنجو ڌاڪو ڄمائي رکي. پوليس چاهي ٿي ته منهنجي همدرديءَ سان هن جو ڀرم قائم رهيو اچي."

"تون ڇا ٿو چاهين؟" ڪانئس پڇيم.

"مان انهن جي وجود کي هن دنيا مان متائڻ ٿو چاهيان. دنيا ۾ هن وقت جيڪي ٻه خرابيون ۽ برايون ڏسين ٿو، رڳو انهن جي طفيل آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اهي چور کي چوُن چوري ڪري ۽ پاڳيءَ کي چوُن وڃ ڌاڙي تي. جي دنيا مان انهن جي پاڙ پٽي وڃي ته غريبن جي هن ڏکويل ۽ بي رونق دنيا ۾ حسن اچي وڃي. اهي ٻئي موت، ڏک ۽ پريشاني جا سوداگر آهن. هنن وٽان ڏک، بيچڙائي ۽ غربت کان سواءِ ٻيو ڪجهه ڪونه ملي سگهندو.

هو چپ ٿي ويو. مان چپ. ماٺ جو پاڇو اسان جي مٿان ڇانئجي ويو. سردار پنهنجي ماضيءَ جي ڏکندڙ پيچرن ۾ گم هو ۽ مان حال جي بي حال نوڪرن ۽ رولڙي جي ويچارن ۾ اٽڪي پيو هوس.

شام جا پاڇا وڌندا ۽ آسمان جا ڪنارا ڏندلا ٿيندا ويا. سردار ۽ منهنجي خيالن ۾ ٿورو گهڻو فرق ته ٿي سگهيو ٿي پر ان کان انڪار اصل ڪو نه هو ته جن دنيا جون واڳون پنهنجي هٿن ۾ قابو جهلي رکيون هيون سي اسان جهڙن غريب ۽ اپوجهه انسانن جي زندگين سان پتلين واري راند ڪيڏي رهيا هئا. نتيجي ۾ سردار باغي ٿي ڌاڙيل بڻيو ۽ مان اچي سندس ٽولي ۾ شامل ٿيو هوس. پر ٻنهي جي بيچينيءَ ۽ بيقراريءَ ۾ ڪا گهٽتائي ڪو نه آئي. ايترو سو اطمينان ضرور ٿيو جو اسان پتلين بڻجڻ ۽ سندن هٿن ۾ موت ۽ زندگي جي راند ڪيڏڻ کان صاف انڪار ڪري ڇڏيو.

اسان کي اهو احساس ضرور هو، مجبور ٿي اسان جيڪو قدم کنيو آهي اهو ڪنهن به طرح سان موزون ۽ مناسب ڪونهي. ڌاڙيل پوءِ به ڌاڙيل آهي. ماڻهن جي نظر ۾ اسان جي حيثيت ڏوهارين کان گهٽ ڪو نه هئي. پر ڪريون به ته ڇا ڪريون ها؟ اڳيان وڌي ڪاهي هئي ته پويان کوهه. هن ظالم دنيا جي انهن ظالمن اسان کي ڪنهن قابل ڇڏيو ئي ڪو نه هو. بچل جي آواز اسان جي ماٺ جي آواز کي ٽوڙيو. هن خوش ٿيندي چيو

”سائين، صوبيدار اڄ رات ڏکڻ طرف نڪري ويندو. اسان چاهيون ته راتوڪي رات ۾ ٻئي ڳوٺ لٽي سگهون ٿا.“

سردار اٿي بيٺو ”خبر ڪير ڪٿي آيو آهي؟“

”خبر ته مان ئي ڪٿي آيو آهيان“ هن وراڻيو.

”تو کي پاڻ چيائين؟“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"ايئن ٿي سمجهو" هن چيو "مون کي ڏسندي جنهن نموني هن سپاهين کي وڏي واڪ چيو ان مان ظاهر هو، هُنَ مون کي ٿي ٻڌائو ٿي ڪيو."
"هيٽ هل" سردار ڪيس چيو "رستي ۾ مون کي تفصيل سان ٻڌاءِ."
سردار پنهنجي لانڊيءَ ڏانهن قدم وڌائيندي چيو "صوبيدار اسان جون همدرديون تہ حاصل ڪرڻ چاهي ٿو، پر اسان جي ياري ڏاڍي ڏکي پوندس."
"جي سائين" اسان وراڻيو.
"مان غريب جو دشمن تہ آهيان ڪو نہ منهنجا دشمن تہ اهي ظالم آهن. وڏيري وٽان رقم هٿ ڪبي ۽ پوليس کان اسلحو. ٻنهي مان جنهن ٻہ ٽوري ٽڻ ڦڻ ڪئي تہ ميچالو متي کان ٻاهر هوندس."
"جي سائين" اسان وراڻيو.
"بچل" سردار ڪڙڪ لهجي ۾ چيو "ساٿين کي خبر ڪر، ڏکڻ طرف اڄ انهن حرامن سان مقابلو ٿيندو".
پوليس ابتيون سبتيون گوليون هلائي، هٿيارن ڦٽي ڪيا. سندن پنج سپاهي زخمي ٿيا. اسان مان هڪ ساٿيءَ جي ڪلهي ۾ گولي لڳي ٻيلي اندر انهيءَ خوشي ۾ وڏي ڌماچوڪڙي لڳي. راڳ ڳايا سين. بي ڊنگي، بي سري ڊانس ڪئي سين. بچل سان گڏ ڊانس ڪندي الائي ڇو دل ۾ هڪ ننڍڙي ڇهندڙي محسوس ڪيم. سوچيم، جي بچل ڇوڪري هجي ها تہ ڪيترو نہ سٺو لڳي ها. بچل جهڙي لمبي بوش سان نچڻ ۾ ڪا شرافت هئي. پر ناچ ۽ جهمر ۾ اهڙا مست هئاسين جو لڳو ٿي اهو ناچ منهنجي موڙن ٻڌڻ جو ناچ هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ٥

پٺي ڏينهن عبدالقادر سان گڏ مون کي بہ سيڊو سامان وٺڻ لاءِ شهر موڪليو ويو. بس جي اڳين حصي ۾ هڪ سانوري ڇوڪري ويٺي هئي. ڪڏهن ڪڏهن هن ڪنڌ ورائي مون کي ڏٺو ٿي تہ سندس چپن تي هلڪي مُرڪ هئي. بس هڪ هنڌ بيٺي تہ ٽي ڄڻا مٿي چڙهي آيا جن ۾ هڪ اڇيءَ ڏاڙهيءَ سان بزرگ ماڻهو بہ رهو. مون اٿي ڪري ڪيس پنهنجي جاءِ ڏني ۽ پاڻ اڳتي وڃي ويس. منهنجي ان حرڪت کي ڪنهن بہ همدرديءَ يا بزرگ جي عزت ڪرڻ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ ڪو نہ سمجهيو. بس ڏهن منٽن بعد هڪ هنڌ بيٺي تہ اها ڇوڪري. هيٺ ڪنڌ کيون مُرڪندي، هيٺ لهي وئي.

ڪجهہ دير بعد، اوچتو پاسي واري ڪيسي کي هٿ لڳم تہ خالي لڳو. غور ڪري وري هٿ لاتم تہ واقعي خالي هيو. دل ۾ ڇڻ مڪ لڳي. پرس ۾ گهٽ ۾ ٽي هزار روپيہ هيا. جيڪي مون پنهنجي ذاتي خرچ لاءِ ڪنيا هئا. بچل مون کي پريشانيءَ مان ڪيسي کي هٿ هڻندو ڏسي ٽهڪ ڏيئي چيو.

"يار بهادر، خير تہ آهي"

پٺي پاسي هن عبدالقادر جي ڪَنَ ۾ ڦسڪو ڪيو ۽ هو ٻئي ٽهڪ ڏئي کلڻ لڳا. شهر ۾ عبدالقادر ڪلهي تي هٿ رکي ڪيسي ڪٽجڻ جي مبارڪ ڏني.

"پيسا ويا تہ ويا، دلگير نہ ٿيءُ." هن چيو. "ڇوڪريءَ جي مرڪ مهانگي پئي نہ؟"

"جيڪو ٿيو سو ٿيو" ورائيم "وري اهڙي غلطي ڪو نہ ٿيندي."

"ڏسنداسين" هنن ٻنهي ورائيو.

ايتري ۾ بچل ٽيڪسي واري کي بيهاريو. ٽيڪسيءَ ۾ ويهندي ڪين چيم "منهنجو اچڻ نہ اچڻ جي برابر ٿيو.. سوچيو هيم، شهر مان پنهنجي لاءِ ضروري شيون وٺندس پر ..........."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

" يارن هوندي ڳڻتي ٿو ڪرين" بچل پيار مان سمجهايو " جيڪي پيسا چئين، حاضر ڪريون" ٻيءَ گهڙي اسان شهر جي هڪ وڏي هوٽل تي اچي لٿاسين. ٽيڪسي ڊرائيور پنجاهه روپيه وٺي ۽ ٻتا سلام ڪندو هليو ويو. ڏهن روپين جي ياڙي جا هن کي پنجاهه روپيه مليا ته چو ڪو نه خوش ٿيندو. هوٽل مئنيجر بچل جو واقف هو. گهڙي کن آرام ڪرڻ بعد چانهن پيئندي بچل چيو.

" بس جي سفر ۾ تون ٿڪجي پيو هوندين. تنهن ڪري تون هاڻي هتي آرام ڪر ته مان ۽ غلام قادر هيٺان چڪر هڻي موٽي ٿا اچون. دير ٿي وڃي ته فڪر نه ڪجانءِ."

" توهان ڪو نه ٿڪيا آهيو باقي مان ٿڪجي پيو هوندس. "ڪين چيم. عبدالقادر چيو " دراصل تنهنجو ٿڪ ڪيسي ڪنجڻ جو به هوندو. هتي آرام ڪري ذهن کي ڪجهه هلڪو ڪندين ته اهو تنهنجي لاءِ پاڻ سٺو ٿيندو اسان کي چاهي."

پوءِ بچل مرڪندي، پنهنجي کيسي مان مون وارو پرر ڪڍي سَوَ سَوَ جا نوٽ منهنجي هٿ تي رکيا.

چيائين " هي پيسا پاڻ وٽ رک. بازار هتان گهڻو پري ڪو نه آهي. جي اسان کي اچڻ ۾ دير ٿي وڃي ته هيٺان ڪجهه خريد ڪري اچجانءِ."

مان پنهنجي گم ٿيل پرس کي ڏسندو رهيس. هن ٻنهي جي زوردار ٺهڪ ڏري گهٽ منهنجو مغز ڦاڙي وڌو.

" جي مان توهان سان گڏ هلان ته چاهي. هاڻِ ته پيسا به اٿم."

" نه يار" غلام قادر کلندي چيو "تون آرام ڪر"

مان به ڪو ننڍڙو ٻار ڪو نه هوس جو هن جي چوڻ تي اتي ويهي رهان ها. گهٽ ۾ گهٽ ايترو ته سمجهه ۾ اچي، آخر منهنجو آرام هنن لاءِ ايترو ضروري چو هو.

مون ٿورو بگڙجندي چيو " صاف چو ڪو نه ٿا ٻڌايو، منهنجو هلڻ توهان کي پسند ڪونهي"

بچل منهنجي منهن ۾ ٽڪيندي چيو "بهادر، تون اجايو ننڍڙيءَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ننڍڙيءَ ڳالهه تي ڪاوڙ جي ٿو پئين. تون اسان جي ڳالهه سمجهين ٿو ڪو نه ٿو "مرڪندي چوڻ لڳو" دراصل اسان بازار ۾ چني ڀائيءَ جو گانو ٽا ٻڌڻ ويون. ٿي سگهي "رات اتيئي" ترسي پئون.

"هلندين اسان سان گڏ؟" غلام قادر کلندي پڇيو.

مان پلنگ تي سڌو ليٽي پيس. سوچيم جنهن ڪم کان سردار منع ڪري اهو ڪم ڇو ڪريان. پنهنجو به ذاتي تجربو هيم. اهي ڪم ڏاڍا تلخ ٿين. تجربن مان سبق نه حاصل ڪرڻ شرافت ڪو نه هئي.

"توهان ڀلي وڃو" ڪين چيم "مان جي بيزار به ٿيس ته هيٺ لهي ويندس."

هو ٻئي ڄڻا هليا ويا. مان پلنگ تي ليٽيو پاسا ورائيندو رهيس. بس واريءَ جو چهرو اکين ۾ ڦرندو رهيو. خيالن ۾ اک کلي ويم. اک کلي ته ڪمري ۾ هلڪي اوندهه پکڙجڻ شروع ڪيو هو.

ٻيلي ۾ پهچڻ شرط مون انهيءَ وڏين سرمي ڀريل اکين واريءَ سانوريءَ ڇوڪريءَ کي هميشهه لاءِ وساري ڇڏيو. پڙهيل هئڻ سبب، سردار مون کي مخبريءَ جو ڪم حوالي ڪيو. هو مون مٿان ڀروسو ڪرڻ لڳو. هو. مون کان اڳ ۾ ٻيا به ڪيترائي ان ڪم تي لڳل رهيا هئا. انهن مان به ڄڻا پوليس مقابلي ۾ مارجي ويا هئا ۽ ٻن کي ٻيلي اندر ٽولي جي کاڌو پيتي جي بندوبست تي مقرر ڪيو ويو هو. مان جڏهن کان دولت آباد کان موٽيو هوس، سردار جي دل ۾ خاص جاءِ ٺاهي چڪو هوس. هو مون کي پنهنجي دل جون ڳالهيون ٻڌائي خوش ٿيندو هو. هن جي دل جو بار هلڪو ٿي مون کي پنهنجي اندر جي ڳالهين ٻڌائڻ سان ٿيندو هو. سمجهيائين ٿي، مان سندس جذبن ۽ احساسن کي ٻين جي مقابلي ۾ وڌيڪ بهتر سمجهي سگهيس ٿي.

وسارڻ جي باوجود به ڪڏهن ڪڏهن چانڊوڪي راتين ۾ ٻچل سان گڏ گهمندي يا ڪاري غلام قادر سان ڊانس ڪندي انهيءَ بس واريءَ ڇوڪريءَ جي ياد هڪ پل لاءِ موٽي ايندي هئي ته دل ۾ ڇهنڊڙي پوندي هيم. هونئن ڪٿي ياد نه به اچي، پر جي ڊانس ۾ ساٿي ڪارو غلام قادر هجي ته پوءِ پاڻ سان ظلم نه هوندو ته ڇا هوندو؟

انهن ڏينهن ۾، جڏهن مان اڃان نشاني بازيءَ ۾ رڌل هوس، ٻچل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هڪ ماڻهوءَ کي ٻيلي ۾ وٺي آيو. هن ان کي سردار جي اڳيان پيش ڪندي چيو "سائين هي چوي ٿو ڪيس وڏيري پورل خان موڪليو آهي، توهان لاءِ ڪو پيغام اٿس.

همراهه هن ڏانهن ڏسندي چيو "هن ٻيلي جي قانون موجب، دوست ٻڌجي اچڻ واري جو قدر ڪيو ويندو ۽ دشمن هتان زنده واپس موٽي وڃي ڪڏهن ٿيو ئي ڪو نه آهي، ٻڌاءِ پورل خان ڪهڙو پيغام موڪليو آهي."

همراهه مون ڏانهن ڏسي هيٺ ڪنڌ جهڪايو.

"سڀ پنهنجا آهن" سردار ڪيس چيو "تون بنا ڪنهن هٻڪ جي ڳالهه ڪر. ڪهڙو پيغام آهي."

"سائين، پورل خان توهان ڏي سلام موڪليا آهن ۽ توهان جي خيريت معلوم ڪئي آهي."

سردار مشڪيو "هتي سڀ خير آهي. هن جي سار لهڻ جي وڏي مهرباني. ٻيو ڪو ڪم؟"

"سائين، پورل خان توهان سان ملڻ ٿو چاهي جي حڪم ڪريو ته هو هتي اچن يا توهان ڪڏهن اچي پير پري وجو خطري جي ڪا ڳالهه ڪو نه هوندي."

"پورل خان کي تڪليف ڪرڻ جي ضرورت ڪونهي." سردار چيو "ڪنهن ڏينهن اسان پاڻ پهچي ويندا سين، پر ٻڌ اسان سان ڌوڪو ڪرڻ وارو سلامت ڪو نه رهيو آهي."

"نه سائين، ايئن ڪو نه ٿيندو پوتار سائين مڙس ماڻهوءَ جو ته ٻڌو ٻانهو رهيو آهي."

"نيڪ آ، اسان جا به سلام چئجانءِ. ڏيکين جي به مهرباني."

"بهادر، معلوم ته ڪر وڏيرو پورل خان اسان سان ڇو ٿو ملاقات ڪرڻ چاهي. اهو به جاچي اچجانءِ ته هن جي گهر ۽ اوطاق جو نمونو ڪيئن آهي ۽ ڪنهن ويساگهاتيءَ جي صورت ۾ اسان لاءِ بچي نڪرڻ جو امڪان ڪيترو هوندو."

گهبرائڻ جي ڪا ڳالهه ڪو نه هئي. سردار جي دوستي حاصل ڪرڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لاءِ وڏيرو واقعي سچو هو. هن پنهنجي تر ۾ مشهور ڪيو هو. سردار هن جو ماڻهو آهي. ان کان علاوه هن وٽ ٻيا به ننڍا وڏا پالتو بدمعاش هئا. سردار کي ايترو اندازو ته هو وقت نه وقت هو تحفا ۽ دعوتون ڇو تو ڪري. وڏيري هرويرو سردار سان ڦڏائڻ نٿي گهريو. پندرنهن ڏينهن بعد رات جو تقريبن اٺين وڳي وڏيري جي اوطاق تي پهتاسين. اوطاق ۾ ماڻهن جو وڏو ٽولو موجود هو ۽ وڏيرو موڙي تي ٽيڪ ڏيون ويٺو هو. ايترن سارن ماڻهن جو خيال ذهن ۾ آڻيندي منهنجي دل ۾ ڪجهه ڊپ محسوس ٿيو. سوچيم هتي سيني سان منهن ڏيڻ اسان ٻن ماڻهن جي وس جي ڳالهه ڪو نه هئي. سردار ته وري به پاڻ بچائي ٿي سگهيو، پر مون کي پوريءَ طرح نشانو لڳائڻ ٿي ڪو نه ٿي آيو. ايئن ٿي لڳو، مون کي پنهنجي موت اتي ڇڪي آندو هجي. پر سردار اطمينان سان هو. سندس چهري مان ڪنهن قسم جي گهٻراهٽ يا پريشاني ظاهر ڪو نه هئي.

"بهادر، ڇا حال آهي؟" هن مون کا پڇيو.

"سردار مون کي ته ڊپ ٿو پيو ٿئي. جي مقابلو ٿيو ته اسان ته فقط ٻه ڄڻا آهيون."

"ان جي نوبت ڪو نه ايندي" سردار مُرڪندي چيو "تون اندر وڃ ۽ وڏيري کي منهنجو ٻڌاءِ."

مان اندر ويس ۽ وڏيري جي مٿان پهچي ڪيس سلام ڪندي جهڪي آهستي چيم "شاهو توهان جي ملاقات لاءِ آيو آهي."

"شاهو ڪير ؟" هن وراڻيو ۽ پنهنجي ماڻهن مٿان نظر وڌائين. ٻيءَ گهڙيءَ ڪيس ياد آيو ته هڪ دم ٽپ ڏئي اٿي بيٺو. سندس اکين ۾ چمڪ اچي وئي ۽ چهري تي خوشيءَ جي اهڙي لهر ڊوڙي وئي ڄڻ هن پنهنجي ڪنهن ويجهي عزيز جي اچڻ جو ٻڌو هجي. هو ڊوڙندو ٻاهر آيو. اسان اوطاق جي خاص ڪمري ۾ وڃي ويناسين. ٻاهر دالي ۾ راڄ ويٺو ڳالهيون ڪندو رهيو.

"جيتوڻيڪ اسان پاڻ ۾ پهريون ڀيرو ملي رهيا آهيون، پر يقين ڪر، مون توکي هميشه پنهنجي ويجهو سمجهيو آهي. اصل پنهنجو سمجهيو اٿم. تڏهن ته ڪڏهن به دعوت يا ڪنهن ٻئي خوشيءَ جي موقعي تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تو کي ڪو نہ وساريو اٿم."

وڏيري جي خوشي ڏسڻ وٽان هُئي. هن وري چوڻ شروع ڪيو "تون اندازو ئي نہ ٿو لڳائي سگهين تہ تو کي پنهنجي سامهون ڏسندي، مان ڪيترو خوش ٿيو آهيان. پاڻ وٽ مڙسن جو قدر آهي. جي هن وقت ملڪ جو صدر بہ چوو نہ اچي ها، ايتري خوشي ڪو نہ ٿئي ها."

سردار مختصر نموني وراڻيو "تنهنجي وڏي مهرباني."

"مهرباني ڇا جي؟ تون منهنجو پنهنجو آهين". وڏيري هڪ دم وراڻيو "وڏن وڏن وزيرن، فوج ۽ پوليس جي اعليٰ عملدارن تائين رسائي اٿم. منهنجي جيئري، تنهنجو ڪو وار بہ ونگو ڪو نہ ٿو ڪري سگهي."

۽ وڏيري اوچتو واڪو ڪري ڪمدار کي چيو "اڙي ڪمدار، تڪڙ ڪر پنج اٺ ڪڪڙ تيار ڪرائي وٺ ۽ پيو بہ جيڪو ڪجهہ حاضر هجي هڪ دم تيار ڪراءِ. متان يار جي خدمت ۾ ڪا ڪسر رهائين."

سردار کلندي چيو "ان جي ڪهڙي ضرورت آهي. اسان اڳ ۾ ئي پيريا پيا آهيون، بس رڳو ملڻو هو."

وڏيري وڏي بي تڪلفيءَ مان سردار جي اکين ۾ ڏسندي چيو "چپ، هتي تنهنجي نہ منهنجي مرضي هلندي. هن وقت تون منهنجي تڏي تي آهين، جي اڪوات خبر ڪرين ها تہ ڇيلا ڪسجي وڃن ها."

"ڀلا ڀلا" وڏيري ڪجهہ سوچيندي چيو "حڪم ڪر ڪو ماڻهو اندر هجي تہ ڇيڻيءَ تي ڪيرائي ڏيانءِ.

سردار مُرڪندي وراڻيو "منهنجا ماڻهو پڪڙجڻ کان وڌيڪ مقابلي ۾ مري وڃڻ پسند ڪندا آهن."

وڏيري ٽهڪ ڏيندي چيو "اها ئي مڙسن جي دليري. مون کي هميشهہ تو جهڙن دلير مڙسن جي دوستيءَ تي ناز رهندو."

پوءِ الائي ڪهڙو خيال آيس ۽ اٿي ڪري ڪمري جي هڪ ڪنڊ مان پوتيءَ ۾ ويڙهيل قرآن شريف کڻي پنهنجي اکين سان لائي چمي سردار ڏانهن وڌايو.

"شاهو، هي خدا جو ڪتاب آهي. تنهنجو منهنجو ۽ اسان سڀني جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ان مٿان ايمان آهي. مان هن قرآن تي چوان ٿو، ڪڏهن به تو سان دغا ۽ ڌوڪو ڪو نه ڪندس. هميشه تو کي پنهنجو سچو دوست سمجهندس. وس آهر تو کي ۽ تنهنجي ماڻهن کي پوليس جي هٿ چڙهڻ ڪو نه ڏيندس."

سردار آهستي وراڻيو "وڏيرا، خدا جي ڪتاب کي وچ ۾ نه آڻ. مون کي تنهنجي ڳالهه تي يقين آهي. مرد جي زبان ئي ڪافي آهي.

وڏيري اچانڪ قرآن شريف سردار ڏانهن وڌائيندي چيو " اچي وٺ تون به هن تي هٿ رکي قسم کڻ ته تون به منهنجو هميشه وفادار دوست ٿي رهندين."

مون سردار کي اڳ ڪڏهن ايترو گهبرائيندي ڪو نه ڏٺو هو. سندس چهري تي اڻ چاڻ خوف جو احساس ابري آيو. هن ڏڪندڙ آواز ۾ چيو " وضو ڪو نه اٿم. مان الله جو ڪتاب هٿ ۾ ڪو نه ٿو کڻي سگهان."

"قرآن پوتيءَ ۾ ويڙهيل آهي." وڏيري چيو "خبر اٿم، بنا وضوءَ به کڻي سگهجي ٿو."

سردار چيو "مان وڏو گنهگار آهيان. يقين ڪر، مون کان تو کي ڪو نقصان ڪو نه پهچندو. تون قرآن پاڪ کي پنهنجيءَ جاءِ تي رکي اچ."

"پوءِ به ................" وڏيري ڪجهه چوڻ چاهيو.

"منهنجي زبان تنهنجي قسم کان مٿي آهي" سردار چيو "وڏيرا ڪنهن ياڙي يتي جي زبان سمجهي ٿي چا؟" جڏهن ماني کائي بس ڪئي سين ته وڏيري کلندي چيو.

" هاڻي يقين ٿيو، تون واقعي ئي منهنجو دوست آهين." چياٿين هڪ ڪم اٿم." وڏيرو گهڙي کن ايئن چپ تي ويو ڄڻ سوچيندو هجي. وري چياٿين.

"منهنجو دشمن سيچپور ۾ تو رهي. نالو رمضان اٿس. منهنجي پويان هن وڏي خواري مچائي آهي. چاهيان ته پنهنجي ماڻهن هٿان ڪيس ڳترا ڪرائي ڇڏيان. پر ايئن ڪرڻ سان مفت ۾ ماڻهن جي نظرن ۾ اچي ويندس."

سردار جون تيز نظرون وڏيري جي چهري تي ڄمي ويون. وڏيري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وڏو ساهہ کڻي وري چوڻ شروع ڪيو ”جي تون منهنجو اهو ننڍڙو ڪم ڪرين تہ منهنجي بي عزتيءَ جو پلاند تي ويندو. ڪيس ڳترا ڪري ڪتن جي اڳيان ڦٽو ڪر.“

سردار جي نرڙ تي گهنج ايري آيا ”مون کي تنهنجي دوستيءَ تي ڪو شڪ ڪو نهي“ وڏيري چيو ”پر اهو تنهنجو منهنجي مٿان وڏو احسان ٿيندو“.

يار جي ڳالهہ ڪا موٽائبي آهي“ سردار جو جواب ٻڌي وڏيري جون واڇون وڃي ڪنن سان لڳيون. ايئن خوش ٿيو، ڄڻ پهريون پٽ ڄايو هجيس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ٦

رستي ۾ سردار پڇيو "وڏيري لاءِ تنهنجو ڪهڙو خيال آهي؟"

"نيڪ ۽ اثر وارو ٿو لڳي" چيم "پاڻ دوستيءَ جو هٿ وڌايو اٿائين وقت تي ڪم اچي سگهي ٿو."

سردار ڪنڌ ڌوڻيندي چيو "آهي به پنهنجي پراڻن خدمت چاڪري ڪرڻ وارن مان. خير، ڏسنداسين!"

" پر رمضان جو خون؟"

"بهادر هڪ ڳالهه ياد رک" سردار وراڻيو " دوست جو دشمن، پنهنجو دشمن! اسان ته نيائينداسين پنهنجي ياري. رمضان کي مرڻ گهرجي. هن جو جيئرو رهڻ اسان جي يار کي سٺو نٿو لڳي." اسان جڏهن جيپ ۾ ويٺاسين ته بچل پڇيو "سردار، وڏيري سان ملاقات ڪيئن رهي؟"

"بلڪل نيڪ" سردار ڪلندي چيو "جي ڪلام پاڪ وچ ۾ نه آڻي ها ته شايد مون کي هن مٿان اعتبار ڪو نه جمي ها. منهنجو شروع کان خيال رهيو هو، دنيا ۾ جيترا به وڏيرا آهن حيوانن جو بيو روپ آهن. پر هن وڏيري سان ملندي، پنهنجي ان خيال ۾ ٿوري تبديلي ڪرڻي پئي. سمجهان ٿو وڏيرن ۾ هن جهڙو انسان به موجود آهي. "

جيپ ڪچيءَ سڙڪ مٿان ڊوڙندي جڏهن پڪي روڊ تي پهتي ته سردار هڪدم جيپ روڪڻ لاءِ چيو. جيپ بيٺي ته هو ڪنهن گهريءَ سوچ ۾ ٻڏي ويو. مان ۽ بچل سندس چهري جي لهندڙ چڙهندڙ تاوَن کي ڏسندا رهياسين.

"چو نه اڄ پوءِ رمضان سان به ملندا هلون" سردار چيو

"هن وقت؟" مون حيرت مان پڇيو "رات جا به ٽا پيا ٿين."

"بچل سيڇپور هل." سردار حڪم ڏنو.

جيپ سيڇپور ڏانهن ڊوڙڻ لڳي. هو جيڪو به هو، هن اوچتي مصيبت کان بي خبر هو. رات جو سمهڻ وقت سوچيو به ڪو نه هوندائين، اِها



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پتو پيم تہ رمضان جي ننهن خوبصورت هئي. وڏيري اها ڪوشش ڪئي تہ هوءَ سندس سريت بڻجي. پر مڙسهنس غيرت وارو هو هن پنهنجي لڄ سڃاتي ٿي. جڏهن ايئن ڪم نہ بڻيو تہ هن هن جي طلاق وٺرائڻ تي زور رکيو. ان ڪم لاءِ هن گهٽيون ٿي لالچون ڏنيون. پر ڪم ڪو نہ ٿيو. آخر ۾ هن سندس مڙس کي قتل ڪرايو. رمضان جو قتل بہ ان سلسلي ۾ هو تہ جيئن هوءَ ويچاري بي واهي ٿي سندس ڪچ ۾ اچي ڪري. پر جن کي عزت پياري، سي پيٽ ڏانهن ڏسن ٿي ڪو نہ. وڏيري سوچيو هوندو تہ رمضان جي موت بعد، جي هوءَ اچڻ تي راضي نہ بہ ٿئي تہ زوريءَ ڪڍائي ويهاريندو. پويان ڪو دانهن ڪرڻ وارو تہ ڪو نہ رهندو. باقي رهيا هن جا بہ ننڍڙا ٻار سي ٻين ڪتن جيئان پيا در تي ٺڪر ڪائيندا.

مان رات رمضان وٽ وڃي ٽڪيس ڪجهہ پنڌ جو ٽڪ تہ ڪجهہ ٻڪ جو سرس هئڻ ڪري ڏؤ تي ماني ڪائي آهلي پيس.

"ڪالهہ رات شاهو ۽ اسان تون سان ملڻ آيا هئاسين"

"نہ سائين" هن ڪان رڙ نڪري وئي، "اهي توهان هئا پورل خان جا ماڻهو ڪو نہ هئا؟. "سچو ڳوٺ ننڊ ۾ هو جي اُهي هجن ها تہ ٻانهن کي نہ ڪٽي وڃن ها." هو عجيب نظرن سان مون کي ڏسندو رهيو. ماني ڪائي چڪو هوس هٿ ڌوئيندي چيم "ايڏي مزيدار ماني کارائڻ جي مهرباني."

هن جون نظرون مون مٿان ڄميون رهيون "تون مون کي اهو تہ ٻڌايو ئي ڪو تہ شاهو سائين مون سان ڪيئن ملڻ آيو هو؟"

سوچيم. ڪيس ڪيئن ٻڌايان تہ سردار وڏيري جي قسمن ۾ ڦاسي پيو هو. "سردار تو کي اهو چوڻ آيو هو، جيستائين هو زنده آهي، وڏيرو يا سندس بدمعاش هاٿي تو ڏي اک کڻي ڏسڻ جي جرئت ڪو نہ ڪري سگهندا. تون آرام سان پنهنجون ننڊون ڪندو رهہ."

هن جي منهن تي سرهائي وري آهي. يقين هيم، مون جيڪي ڪجهہ چيو، غلط ڪو نہ چيو هو. هن کي منهنجيءَ ڳالهہ تي ڪيترو يقين آيو. ان تي سوچڻ منهنجو ڪم ڪو نہ هو. ڳهٽ ۾ ڳهٽ هن جي دل تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پاڻي ڇڪيو تہ پيو تہ هن دنيا ۾ هن جو بہ ڪو همدرد هو. سج لهڻ ۾ ڪي بہ ٽي گهڙيون هيون جو اسان جي جيپ وڏيري جي اوطاق تي اچي بيٺي. اوطاق ۾ چڱا ماڻهو موجود هئا. سردار ڪنهن تي بہ تڪ ڪو نہ آٽيندي، سڌو اوطاق ۾ گهڙي ويو. وڏيرو موڙي تي ويٺو هو. ڪيس گار ڏيئي هڪل ڪيائين

"ڪو نہ ڇڏيندين، جوءِ جا............."

وڏيرو ٽپ ڏئي اٿيو ۽ هيسيل ۽ گهبرايل انداز ۾ چيو "اڙي يار شاهو تون، ايئن بنا ٻڌائڻ جي"

"زبان بند ڪر ڪتا........."

"هي ڪهڙا تو گفتا ڪرين" هن پنهنجي چوڌاري نظرون ڊوڙائيندي چيو "ويهہ، ڪجهہ ٿڌو ٿيءُ."

"تو رمضان کي ان لاءِ ٿي ماريو تہ جيئن هن جي جوان ننهن تي پنهنجو قبضو ڄمائين. لعنت تي ڪتا، راڄ جو وڏو ٿيو آهين ۽ راڄ جي نياڻين ۾ اکيون ٿو وجهين."

"تون ويهہ تہ سهي" وڏيري چيو "توکي ان رنڊيءَ ڇوريءَ جي ڪا خبر ڪونهي"

"هن جي مڙس کي ڪنهن ماريو؟ مون" سردار جون اکيون ٻرڻ لڳيون" وڏو بي غيرت آهين."

"ڏس، هن وقت تون پنهنجيءَ حد ڪان نڪرندو ٿو وڃين اسان ٻائر ٻاڻ ۾ نہ هي پونداسين. ٽڪي جي ڇوريءَ جي ڳالهہ تي ڳنڍ ڏني ٿي. عزت سان ڳالهاءِ هن وقت تون منهنجيءَ اوطاق تي آهين."

وڏيري جو جملو اڃان پورو ٿي ڪو نہ ٿيو، سردار جي گولي سندس ٻانهن چيريندي نڪري وئي. وڏيرو موڙي جي اوٽ ۾ لڪيو. "شاهو ڇا ٿو ڪرين؟"

سردار موڙي کي لت سان پري ڪيو تہ هن ايلاز ڪندي چيو "خدا جي واسطي ايئن تہ نہ ڪر."

"اهي واسطا رمضان جي پٽ بہ تو کي ڏنا هوندا" سردار وراڻيو "توکي هن مٿان رحم آيو هو؟"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ان وقت وڏيري جي ماٺهن مان هڪ پنهنجي ڪهاڙي سنڀالي سردار ڏانهن وڌڻ جي ڪئي. پر مون ڪيس سردار تائين پهچڻ جو موقعو ئي ڪو نہ ڏنو. اهو منهنجو پهريون موقعو هو، جو منهنجو نشانو ڪو نہ گُتو. سردار اڳتي وڌي وڏيري کي ڳچيءَ مان وٺي سڌو ڪري بيهاريو. جيئن ئي هو ڪنبندي ۽ هٿ ٻڌندي سڌو ٿيو، سردار جي چماٽ سڌي ڳٽي تي لڳس.

”ڪتا، بي غيرت، غريبن مٿان ظلم لاءِ قرآن تو پيو ڏين.“

سردار مٿان تہ چريائپ جو دورو چڙهيل هو. ايلاز منٿن کي رد ڪندي، سردار ڪيس ڳچيءَ کان جهلي اوطاق کان ٻاهر ڪڍي آيو. وڏيري جا ماڻهو الائي ڪيڏانهن غائب ٿي ويا. سردار ڪيس جيپ اندر ڌڪو ڏئي ويهاريو ۽ پوءِ ٽپ ڏيئي ويهندي، جيپ کي هڪ جهٽڪي سان اڏاري ڪٽي هليو.

رات جي اونداهہ ڪافي ڦهلجي چڪي هُئي. سردار جيپ روڪي هيٺ لٿو ۽ پنهنجي ڪلاشنڪوف جون سڀ گوليون هن جي سيني ۾ ڪپائي ڇڏيائين. آخر ۾ سندس لاش سڌو ڪري منهن تي ٿڪ هٽندي چيو ”مون سمجهيو ٿي توهان ۾ بہ ڪو شريف آهي“ ۽ پٽڪو ڪيائين ”شڪر آ، زندگيءَ ۾ ڪو تہ نيڪ ڪم ڪيم“.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ٧

مان تقريبن ٻہ سال سردار سان گڏ رهيس ان عرصي ۾ ڪيترائي نوجوان آيا ۽ ويا. ڪي وري خيروءَ جي ٽولي ۾ شامل ٿيا. خيروءَ جو مثال اڏرندڙ الن وارو هو. هو جنهن مٿان ڪرندو تہ ساڙي رک ڪري ڇڏيندو. باهہ جيئان هو ڪنهن امير غريب، ننڍي وڏي، عورت ۽ ٻار ۾ فرق ڪرڻ جو قائل ئي ڪو نہ هو. هن جي آڏو جيڪو بہ آيو، ان کي صفا ناس ٿيڻو پيو. شروع ۾ اڪثر ماڻهو سردار کان هيسيل رهيا. پر وقت گذرڻ سان هو هن جي موجودگيءَ کي پنهنجي علائقي جي حفاظت تصور ڪرڻ لڳا هن کي رڳو خبر پوندي تہ ڪنهن ڳوٺ ۾ وڏيري يا پوليس ظلم ٻاري ڏنو آهي تہ هڪدم اتي پهچي ويندو. سردار کي پوريءَ ريت ڄاڻ هئي تہ دولت پيرن وڏيرن ۽ اسلحو پوليس وٽان ئي هٿ ايندو.

انهن ٻن سالن ۾ ڏٺم تہ پوليس ۽ وڏيرن جي دل ۾ اهو احساس پختو ٿي ويو، سردار سندن جاني دشمن آهي. شروع ۾ هنن جي ڏاڍي ڪوشش رهي، سردار کي پنهنجي ڪرڻ جي، پر پوءِ اندران ان ڪوشش ۾ رهيا تہ هُو مري پئي ٻئي پاسي تحفا ۽ ٻيون سهولتون ساڳئي انداز ۾ پهچائيندا ٿي رهيا. موت کان ڪير نہ ٽارو ڪندو. ڏيکيون ۽ چيلا موڪلڻ تہ عام ڳالهہ هئي، هڪ وڏيري، جنهن جو سياسي اثر بہ وڏو هو، سردار کي نذراني طور ٻہ لک روپيا موڪليا هئا. سردار ڪيس رقم واپس ڪندي چورائي موڪليو

"اڳ ۾ ئي پيرن اسان جي غريب عوام کي لٽي ڦري ننگو ٻڌائي ڇڏيو آهي. مان پير نہ آهيان جو نذرانو قبول ڪريان. مان تہ توهان کان ڦري ڪائيندس. سنڀالي رک اهي پنهنجا ٻہ لک روپيا، ڪڏهن سود سوڙا وٺي ويندس."

ٻئي پاسي پوليس آفيسر بہ سردار جي خوشامند ۾ گهٽ ڪو نہ هئا. پوليس مشڪل سان مقابلي ڪرڻ جي همت ڪندي هئي. نہ تہ پڇڻ ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هن جي مقابلي جو ڪو رانديڪرڻي ڪو نه هو. جي پڇي ڪو نه سگهندا ته هوا ۾ فائرنگ ڪري هٿيار هيٺ ڪٽي اڇليندا ۽ اسان جي پهچڻ کان اڳ ۾ ئي فرمانبردار شاگرد جيئان اونڌي منهن ليٽي پوندا. هن کي سڀ کان وڌ انهي منهن ڀر ليٽڻ ۾ ئي فخر رهيو هو.

ڏينهن جا پاچا وڏي سانجهيءَ ۾ تبديل ٿي ويا. اونداهي گهري ٿيندي وئي. ڳوٺاڻا رات جي مانيءَ تيار ڪرڻ ۾ رڌل هئا. ڪن جي اڳيان ماني هئي ته ڪن جي چلهن مٿان اڃان چانور دم تي هئا. غلام حيدر جي گهرواري فاطمه چلهه مٿان چانورن کي دم ڏيئي رهي هئي ۽ سندس اٺن سالن جي نياڻي نوران هر هر ماءُ کان چانور گهري رهي هئي.

"امان بک لڳي آهي چانور ڏي"

" امڙ اجهو تيار ٿيا صبر ڪر دم ڏيڻ ڏي" سندس ماءُ وراڻيو.

"امان بک ڏاڍي لڳي آهي" نور خاتونءَ جو آواز آيو. فاطمه جو ٻن سالن جو پٽ ننڍو مان اٿي روئي رهيو هو فاطمه ننڍڙي کي هنج ۾ کڻي کير پيارڻ ويئي ته ٻاهر لارين ۽ جيپن جو آواز ڪن تي پيس.

"ايتريون ساريون لاريون؟" هن سوچيو " الائي ڇو؟"

ٻيءَ گهڙيءَ گولين جي تڙ تڙ ٿي وئي. ٻمن ۽ گولين جو طوفان اچي ويو. نورخاتون ٻَو مان چانورن کي وساري وچي ڪٽ هيٺان لڪي پئي. فاطمه ننڍڙيءَ کي سيني ۾ لڪائي ٽوٽيءَ جي اوٽ ٿي ويٺي. غلام حيدر ٻاهر ڳئون کي گاهه وجهي رهيو هو.

"امان ڪاڏي وئينءَ؟" ٻَو ماريءَ نور خاتونءَ رڙ ڪئي.

ماٺس سمجهيو، بک کان چانورن لاءِ چوندي. ورندي ڏنائينس ته امڙ ترس ته ڏيانءِ ٿي. ٻيءَ گهڙي گولي ڪٽ هيٺان لڪيل نوران جو پيٽ چيريندي وئي. چانور ته ڪو نه کائي سگهي هوءَ گولي کائي وئي غلام حيدر ۽ فاطمه پنهنجيءَ نياڻيءَ کي بيوس اکين سان دم ٽوڙيندي ڏسي رهيا هئا. ٻهريون پيرو هو جو سندس مدد لاءِ ڪو ڳوٺ وارو ڪو نه پهتو سيني جي پٽرن ۽ سرن مٿان گوليون ٿي وسيون. هر ڪو پنهنجيءَ قيامت ۾ هو.

چار ڪلاڪ گوليون وسنديون رهيون رائفلون، لانچر ۽ مارٽر ايئن ٿي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هليا، جڏهن سرحد تي دشمن سان دوبدو مقابلو هجي. پتو نه هو ڪير دشمن هو ۽ ڪير دوست؟ ۽ ڇو؟ ماڻهن جون رڙيون ۽ ڪوڪون ٻڌڻ لاءِ ڪو ڪن واندو ڪو نه هو؟

جڏهن مانڊ تي ته ڳوٺ مٿان ماٺ ڇانئجي وئي ايئن جڻ ڪو ساهه کڻڻ وارو ڪو نه رهيو هو. ماڻهو موت جي ڀَوَ کان ساهه منجهايون پٽين ٽوڪڻن ۽ ٽنين جي اوٽ لڪيا پيا هئا. دير ئي ڪو نه ٿي جو سيني کي رڙن ۽ ٻڪرين جيئان زوري گهرن مان ڪڍيو ويو. انهن سالن جي امتياز پنهنجي پيءُ ڏانهن ڊڪ پيري ته هڪ جوان جي سنگين سندس پيٽ مان پار ٿي وئي. پٽس کان رڙ نڪتي ته متي ۾ قنداڪ لڳس. ويچارو پٽ جي لاش تي روئي به ڪو نه سگهيو. امتياز جي ماءُ پنهنجي ڇهن پنج سالن جي پٽ کي ڀاڪر ۾ لڪائي چوريءَ ڳوڙها ڳاڙي ورتا. ويچاري، پنهنجي پٽ جي آنڊن نڪتل لاش مٿان پار به ڪو نه ڪڍي سگهي. انسانيت ڀارن جا لاش ڪٽي شرمائي رهي هئي.

اسي سالن جو انڌو ڇتو، جڏهن بار بار تاڀڙجي هلڻ لڳو ته ڪاوڙ مان هڪ بهادر جوان ڪيس ڳولي هٽي اتيئي ڍيري ڪري ڇڏيو. بختاور جي نوجوان پٽ جڏهن دم ٽوڙيو ته هوءَ رڙيون ڪندي ٻاهر ڀڄندي آئي. هن هڪ جوان کان رائيفل کسي مٿي ڪندي چيو "آهي ڪو منهنجو جوان پٽ جو هن کي سنڀالي"

ان کان پهريون جو ڪو جوان پٽ اڳتي وڌي رائيفل سنڀالي، بختاور کي ٻيءَ رائيفل ناري ڇڏيو. هوءَ هڪ ڌڪ سان زمين تي ڪري، ٿڌي ٿي وئي. ڏسڻ وارا رڳو پنهنجي بي وسي ڏسي رهيا هئا.

ڳوٺ وارن کي وچي تاڙي ۾ بند ڪيو ويو ۽ ڳوٺ کي باهه ڏئي ساڙيو ويو. باهه ۾ سڙندڙ ڳوٺ اندر هڪ نوجوان زال بصران جو هڪ مهيني جو ڀهريتي پٽ، گهر اندر ئي رهجي ويو. هوءَ ڏاڍو روئندي پٽيندي رهي، پر ڪيس ايتري موڪل ڪو نه ڏني وئي جو هوءَ موٽي پنهنجو ٻار کڻي اچي. بعد ۾ ڪنهن ڳوٺ واري هن جو ٻار تاڙي تي پهچايو پر تيستائين نئين ويائل ڪنوار جي رت ٽنڊيون ڪري وهي چڪي هئي. جڻ هن به ٽي ڪلاڪ اڳ ۾، ويم ڪيو هجي. انهيءَ ڏاڍ ۽ دهشت جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

گهٽ ۾ راڄل ۽ حياتيءَ جا تن ۽ سٺ مهينن جا پار ڪري پيا. هن جو ڪو تدارڪ ڪو نه ٿيو. ايتريقدر جو ڪين پاڻيءَ پيئڻ جي به ويسند ڪو نه ڏني وئي. مدد خان پنهنجيءَ تازيءَ فوج سان صدين جو پند لتاڙي اچي سنڌ ۾ پهتو هو.

گهر سڙي رهيا هئا، آنُ سڙي رهيو هو. رلهيون ۽ گنديون ڀري رهيون هيون، ڪتن ۽ هنڌن ڪي باهه هئي ۽ مَنَهَن پيهرن مان الا تي اڏاڻا. ذلت ۽ بي عزتي نچي رهي هئي. سچ ۽ بک جا جهول ڀري جڏهن ڳوناڻا واپس موٽي آيا ته خاڪ مٿان ايئن اڪيلا ٻيهي رهيا. ڄڻ زندگيءَ جي ڳولها ۾ هو پاڻ وڃائي ويٺا هئا. ڪاڻڻ لاءِ رڳو بک ۽ پيئڻ لاءِ رڳو سور انسان جي صدين جو سفر هٿ ڪي راس ڪو نه آيو.

ٻئي ڏينهن سرڪاري خبر آئي، عوام جي مال ۽ جان جي حفاظت حڪومت جو پهريون فرض آهي. ان سلسلي ۾ قانون نافذ ڪندڙ اداري، پوليس جي مدد سان ڌاڙيلن کي ختم ڪرڻ ۾ هڪ شاندار ڪاميابي حاصل ڪئي آهي. مقابلي ۾ پنج ڌاڙيل مارجي ويا ۽ ٻيا گرفتار ڪيا ويا. عوام کي پختو يقين ڪرڻ گهرجي، اهڙين تڪڙين ڪاروائين ذريعي اثرائتو قدم ڪٿي امن ۽ امان ۾ رکنو وجهندڙ عوام دشمن عناصرن کي ختم ڪيو ويندو.

سردار ٽانڊي جيشان پرڻ لڳو. هن کي ڳوٺ مٿان انهيءَ وحشي ڪاروائيءَ جي خبر ته ان ڏينهن تي ئي پهچي وئي هئي. سندس اکين مان الا اٿڻ لڳا.

”مان تنهنجو پٽ آهيان، امڙ بختاور ”هو پٽڪيو“ مان تنهنجي رائيفل سنڀاليندس“

”بهادر“ هن مون کي چيو ”ان احمق انسان ڏي هاٿي جو هاٿي وڃ، چئيس پاڻي پنهنجي حد ڪان مٿي چڙهي چڪو آهي. هو هاٿي وڏيڪ اسان جي صبر ۽ تحمل جو امتحان نه وٺي نه ته سندس لاش مالڪن ڏانهن اماڻيو سو به ڪنهن نهنڊ بنا ته جيئن ڪين سڃاڻپ ۾ ڪا تڪليف نه ٿئي.

مان جڏهن پوليس آفيسر سان وڃي مليس ته هو مون کي الڳ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪمري ۾ وٺي هليو. هن مون کي هڪ اهڙي پيشڪش ڪئي جو سردار ٻڌي ها تہ پڙڪو ڪائي ٻري پئي ها. هن مهل تائين هو پوليس کي پنهنجو دشمن سمجهندو ٿي آيو، پر پهريون ڀيرو هن جي پيشڪش مان معلوم ٿيو، ان ڪاتي ۾ بہ نيڪ ۽ شريف ماڻهن جي کوٽ ڪو نہ هئي. هن اهو ڪو نہ چيو، ڦر لٽ جي مال مان ڪيس حصو ڏنو وڃي، جيئن ان کا اڳ پوليس آفيسر گهرندا رهيا هئا. هن اهو بہ ڪو نہ چيو اسان سندس حد کان ٻاهر ڌاڙا هڻندا ڪريون هن کي اهو بہ احساس هو ڌاڙيلن کي بڻائڻ واري خود پوليس ۽ وڏيرا هئا، جن کي انسانيت جو ڪو قدر رهيو ئي ڪو نہ هو. هن وعدو ڪيو، جيستائين هو زنده هوندو، ڪو پوليس وارو اسان ڏانهن اک کڻي ڪو نہ ڏسندو. هو سردار جي ڌاڙن ۽ ڦرن ۾ رستي روڪ ڪو نہ ڪندو- هو ڪڏهن بہ ڪو نہ ڪڇندو تہ ڌاڙو لڳو يا ڪٿي لڳو پوليس پاڻ ئي ڪاغذن جي پيٽ ڀرڻ لاءِ هٿ ٺوڪيا سنها سڪا ماڻهو پڪڙي پئي ڌاڙي جي ڪيسن ۾ ڦاسائيندي رهندي.

ايترين سهوليتن ڏيڻ بعد هن هڪ ننڍڙي درخواست ڪئي، جنهن کي مڃڻ سردار لاءِ ڪو ڏکيو ڪم ڪو نہ هو.

"منهنجي گهڻن سلامن ۽ نيازن بعد، پنهنجي شاهوءَ کي چئجانءِ تہ هو اسان جي برادريءَ وارن ڳوٺن کان پري رهي. هو اسان جي ايتري ضرور عزت رکي. جيئن عزت پور اسان جي برادريءَ وارن جو ڳوٺ آهي. اهڙا پيا بہ ڪجهہ ڳوٺ آهن. بس رڳو انهن ڳوٺن کان پاسو ڪري باقي اسان ڪنهن لاءِ منع ڪو نہ ڪنداسين ۽ نہ وري ڪڏهن توهان جي آڏو ايندا سين."

ڪيس چيم "مون کي ڪجهہ چوڻ جو اختيار تہ ڪونهي، باقي ايترو ضرور چوندس، جي سردار توهان جي هن معمولي ڳالهہ کي بہ قبول نہ ڪيو تہ هن لاءِ ان کان وڏيڪ ٻي ڪا وڏي غلطي هرگز ڪو نہ ٿي سگهندي."

پوليس آفيسر سان گڏ ويٺل هڪ آفيسر چيو "ڏسو نہ، ويچارن سوين ميل پري کان پنهنجا گهر ڇڏي اچي هتي توهان جون زمينون آباد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪيون آهن، غير آباد زمين کي گلزار بڻايو آهي. ان سان گڏ اسان جون زمينون. به سنڀالي ويٺا آهن ۽ اسان ملڪ جو دفاع سنڀاليو آهي. ڏٺو وڃي ته اها هنن جي هڪ قسم جي قومي خدمت آهي. اسان جون سانڍ نندڙيون وڏيون مڻيون مائٽيون پڻ آهن." هو چوندو رهيو " توهان هنن جو خيال رکو، اسان توهان جو خيال رکنداسين. اها توهان جي به قومي خدمت ٿيندي. ان جي بدلي، مان توهان جي سفارش پنهنجي وڏن آفيسرن تائين پهچائيندس. هي پوليس وارا به ويچارا وڏن آفيسرن جي اڳيان لاچار ۽ بيوس ٿي پون ٿا. اسان وٽ توهان جي بچاءُ جو پوءِ ڪو ٻيو رستو ڪو نه ٿو رهي، باقي توهان جي ڪم ۾ ڪو روڪ ڪو نه وجهندو. تون منهنجي ڳالهه سمجهين ٿو نه.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سڪون ۽ آرام خاطر ڳانا ڳائيندا هئا ۽ اهڙيون خوشيون ڪندا هئا جيڪي عام زندگيءَ ۾ جيڪر انسان لاءِ جوکم ثابت ٿين. اسان ماڻهون بہ هڪ قسم جي جڻ اها جلاوطنيءَ جي زندگي گذاري رهيا هئاسين. اسان جو سردار اهو جلاوطن بادشاهہ هو جنهن کي ظالم وڏيرن ۽ بيهودي پوليس جي ظلمن گهر ڇڏي ٻيلو آباد ڪرڻ تي مجبور ڪيو هو. پر اسان بہ انهي بادشاهہ جي ساٿين جيئان پنهنجي لاءِ پرسڪون ۽ خوشگوار ماحول پيدا ڪيو هو. اسان سيئي هڪٻئي جا دوست ۽ همدرد هئاسين. اسان ۾ ڪو ننڍو يا وڏو ڪو نہ هو. سردار بہ اسان جيئان عام ماڻهو هو. هن کي اسان جي تڪليفن ۽ راحتن جو پورو احساس هو. سندس هر ممڪن ڪوشش رهي هئي تہ اسان کي ڪا تڪليف نہ پهچي.

وقت سان گڏ هڪ پاسي پوليس جي تعداد ۾ اجايو واڌارو ايندو رهيو تہ ٻئي پاسي سردار جي حملن ۾ شدت پيدا ٿيندي وئي. پوليس ۽ سردار جي جهيڙي ۾ خيروءَ جي ٻيڪهي مچي پئي. هن غريب ڳوٺاڻن کي ڦرڻ، لٽڻ ۽ مارڻ ۾ ڪا ڪسر باقي ڪو نہ ڇڏي. پوليس خوش هئي، عملدار راضي هئا رڳو هنن چاهيو پئي تہ سردار جو نالو ڪيئن بہ ڪري ختم ٿي وڃي. پر سردار جو بہ هڪ ئي فيصلو هو. غريبن جي زندگي زهر بڻائيندڙ وڏيرن ۽ پوليس کي ختم ڪندو يا ان ڪوشش ۾ پاڻ ختم ٿي ويندو. هڪ پاسي ڏاڙيل لٽي ٻئي پاسي لٽي پوليس. وچ ۾ وڏيرو ريفري بڻيو بيٺو هو. پر چاڻڻ وارن چاتو ٿئي، سچ ڇا هو، سچو ڪير هو...؟

انهيءَ وچ ۾ بہ ٻيرا سردار جي مارجي وڃڻ جون خبرون هلايون ويون. پوليس پنهنجي معمول جيئان پنهنجي ڪوڙي ڪارڪردگي ڏيکارڻ لاءِ ڳوٺن تي حملو ڪري ناحق ۾ غريب ماڻهن جا ڳولين سان چهرا بگاڙي، شاهو ڏاڙيل ڪري پيش ڪيو. جيڪي انعام مقرر ڪيل هئا، سي هو مزي سان هضم ڪري ويا. خبر ناهي تہ سردار جي زنده هئڻ جي صورت ۾ هنن جي انعامن اڪرامن جو ڇا ٿيو.

سردار جي ڪاروائين خلاف هڪ وڏو محاذ تيار ٿي ويو. ملڪ جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سيني علائقن مان پوليس ۽ فوج جا ڪٽڪ گهرايا ويا. سردار جي شبهي ۾ ڪيترن ڳوٺن کي تباهه ڪيو ويو. سوين ماڻهن کي بي قصور ماريو ويو.

"بي قصور ماڻهن کي مرندو ڪو نه ڏسي سگهندس اهڙي وقت مٿي تي هٿ ڏئي ويهڻ پاڙياٽپ ٿيندي" هن وراڻيو سندس لهجو سخت ۽ ڏکويل هو" ماٺ ڪري هڪ ڪنڊ ۾ ويهڻ سان مربو ته هونئن به سهي پوءِ دشمن کي ماري ڇو نه مرجي. منهنجي سامهون نڪري اچڻ سبب، تي سگهي ٿو غريب عوام مٿان اهو ڏاڍ ۽ ناحق ظلم جهڪو ٿئي.

اسان ڄاتو ٿي، سردار ڄاڻي واڻي موت کي سڏي رهيو هو. سيني کي خبر هُئي ته ايئن نڪري پوڻ سان هو نه رڳو پاڻ مرندو، پر اسان سيني کي به مارائيندو.

"منهنجي طرفان هر شخص آزاد آهي جنهن کي وڃڻو هجي، خوشيءَ سان هليو وڃي، منهنجي ڪنهن مٿان ڪا پابندي ڪو نه هوندي. مون جيڪو فيصلو ڪيو آهي، ان کي رڳو موت ئي مٽائي سگهي ٿو."

سڄي ٽولي مان عبدالقادر کان علاوه ڪو ٻيو اهڙو شخص ڪو نه هو، جنهن سردار جي ساٿ ڇڏڻ کان انڪار نه ڪيو. عبدالقادر هليو ويو، سردار کيس روڪڻ جي ڪو نه ڪئي.

"ڪنهن ٻئي کي به وڃڻو هجي ته ٻلي وڃي" سردار چيو "شرمائڻ سان وقت نڪري ويندو پٺي ڏئي ڀڄڻ کان وڌيڪ بهتر ٿيندو جي دشمن جو مقابلو ئي نه ڪجي." پر اسان مان ڪنهن جي به زبان تي سواءِ ان جملي جي ٻيو اکر ڪو نه آيو ته اسان مرنداسين ۽ جيئنداسين سردار سان. هونئن به اسان جي زندگيءَ سان محبت رهي ڪهڙي هئي. جيڪي مارڻ ڄاڻن، تن کي مرڻ به ايندو هو. اسان ڪلنڌي خوش ٿيندي موت کي ڀاڪر پائڻ چاهيو ٿي. پر سردار جو ساٿ ڇڏڻ هرگز ڪو نه سوچيو پئي.

"نه مان پاڻ مرڻ ٿو چاهيان نه وري توهان کي موت جي منهن ۾ موڪلڻ چاهيندس. ٻن ڌرين ۾ جنگ ٿيندي آهي فتح حاصل ڪرڻ ۽ دشمن کي فريب ڏيڻ لاءِ ڪڏهن پٺتي به هٽڻو پوندو آهي." هو چوندو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۾ ٿهر جي سختي هٽي ”اڄ توهان سان سڌو مقابلو ڪبو. گهرائين ٿو يا شوٽ ڪريان.“

”جي“ آفيسر ڳيت ڏيندي چيو ۽ وائرليس هٿ ۾ ڪيائين. جڏهن هو وائرليس تي پيغام ڏئي چڪو تہ سردار سٽ ڏئي ڪائنس وائرليس سيٽ کسي پري اڇليو ۽ گولي سندس لونڌڙيءَ مان پار ٿي وئي. سندس لاش کي هڪ پاسي اڇلي، اسان پوزيشن سنڀالي وڃي ويهي رهياسين.

ڏهن منٽن ۾ ٽي ٽرڪون اچي پيٽرول پمپ جي ٻاهران بيٺيون. اسان جي رائفلن جون گولين وسڻ شروع ٿيون. هنن هيٺ لهي پوزيشن وٺي وڙهڻ بجاءِ ڀڄڻ شروع ڪيو. جڏهن ڀڄندڙن جو آواز تمام پري ٻڌڻ ۾ اچڻ لڳو تہ سردار اُٿي وڏي لاشن کي ڏٺو.

”چوڏنهن“ چيم.

”چوڏنهن“ چيائين“ ڪيڙيءَ ۾ ڪٽي ڦٽو ڪريو تہ جيئن ڳجهن کي کائڻ ۾ سهولت ٿئي.“ بهادر ”سردار چيو“ اڄ کان پوءِ ڳڻڻ ڇڏي ڏي هاڻي رڳو وڙهبو مرڻ تائين وڙهبو. پويان ڳڻڻ وارا پاڻ ئي ڳڻيندا رهندا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پويان پاسيرو تي، پنهنجي چوڌاري جائزو ورتم. سردار سخت زخمي حالت ۾ پيو هو. سندس ڪلاشنڪوف هٿن ۾ هُئي. زخمين کان ڪنجهندي وڪڙ کائي هڪ پاسي ٿيو ته سندس پير روشنيءَ ۾ ظاهر ٿيا. هڪدم هڪ برسٽ لڳو ۽ ان جي پويان لڳاتار گولين جو وسڪارو ٿي ويو. مون چٽيءَ طرح سندس ٽنگهن ۾ گولين کي لڳندو ڏٺو. ظاهر هو، هاڻي پنهنجي پيرن تي پٺي ڪو نه ٿي سگهيو.

مون وقت جو پورو فائدو ورتو. نيڪ ان وقت جڏهن سڀني ڪتڪ جو خيال سردار ڏانهن ڇڪجي ويو، پنهنجيءَ ران جي پرواهه نه ڪندي، اوٽ مان تيزيءَ سان نڪري سردار ڏانهن ڊڪ پريم. منهنجي ڊڪڻ جي آواز تي پويان فائر شروع ٿي ويا. پر پلو ٿيو گوليون منهنجي ٽنگهن ۽ ڪنن وٽان گذرنديون ويون.

ان کان پهريون جو مان گولين ۾ پُڃي وڃان، مان سردار تائين پهچي ويس. تڪڙ ۾ کيس ٻانهن کان ڇڪي اوٽ ۾ ڪيم ۽ ٻيءَ گهڙيءَ پوليس ڏانهن پنج اٺ فائر ڪري پاسرو ٿي ويهي رهيس سردار ڏانهن وڌندڙ هڪدم پٺ تي هٽي، پوزيشن وٺي ويٺو. هِن جون گوليون ابتيون سبتيون وسنديون رهيون.

سردار پنهنجي وسامندڙ اکين سان مون ڏانهن تڪيندي، پيار مان چيو "بهادر، منهنجي لاءِ پنهنجي جان نه وڃاءِ. تون هڪدم پٺي وڃ. مان ٻئن گهڙين جو مهمان آهيان. مرڻ کان پهريون، اجان ڪجهه ظالمن کي ختم ڪندو ويندس." مون کيس ڪا ورندي نه ڏني. سندس مٿان جهڪي، سندس جسم جي زخمن کي ڏسڻ لڳس. زخم گهرا هئا. سندس کبو ڪلهو ته ذري گهٽ ڇچريل هو. کيس ٻنهي ٽنگن ۾ ڪيترين ئي گوليون ڇيبل هيون. مان گوڏن ڀر ويهي، سندس ڇيلهه ۾ هٿ وڌو ته سردار ٽٽل آواز ۾ چيو "پڇي نه ٿو وڃين بهادر، هتان هڪدم نڪري وڃ. هي تون ڇا ٿو پيو ڪرين. تون جوان آهين، پڙهيل آهين، تو کي دشمن جي پوري ڄاڻ آهي، تون زنده بچي نڪتين ته ڄڻ مان جيئرو رهيس."

وري به مون کو جواب ڪو نه ڏنو. سٽ ڏئي کيس ڪلهي تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪٽندي، وٺي هڪ پاسي ڏڪ پاتر. مون مٿان تہ ڄڻ ڪو جنون سوار هو. سردار منهنجي ڪاڪي ڪلهي تي لٽڪيل هو. سندس جسم مان وهندڙ رت منهنجي ڪپڙن کي پسائي رهي هئي. ٿورو اڳتي هلي، ٻٽ ورائي لڳاتار ٻن پاسن تي گوليون هلائي، ابتي پاسي ڏڪ پريم. هو هڪ ڀيرو وري ڏڪجي پيا. ان وقت جيڪڏهن هو ٿوري بہ همت ڪن ها تہ مون تائين پهچي سگهيا ٿي يا گولين سان چچري ٿي سگهيا. پر هو تہ اڻ ڏٺي سردار جي خوف ۾ هئا. ڪين اها تہ خبر هئي ڪا نہ، تہ هو منهنجي ڪلهي تي زخمي لٽڪيل آهي.

اسان جا ساٿي پنهنجي منهن ڀڄندا رهيا. جنهن کي جيڏانهن آيو، اوڏانهن منهن ڪيو وٺي ڀڳو. هنن جي ڀاڄڙ ۾ مون کي ايترو فائدو ضرور مليو جو هنن جو توجہ ورهائجي ويو ۽ مون کي ڪٿي گهاٽن جهڳٽن ۾ پهچڻ جو موقعو ملي ويو. ڇڳو پنڌ اڳتي پهچي مون هڪ هٿ سان زمين صاف ڪري، سردار کي اتي ليٽايو. پوءِ اجرڪ مان پٽيون ڦاڙيندو سندس زخمن کي ٻڌندو رهيس. پٽيون ٻڌي، گولين جي آواز کي ڪنائڻ لڳس. گوليون اسان جي طرف ڪو نہ هيون. سچي ڳالهہ تہ مون کي سندس بچڻ جي ڪا اُميد ڪو نہ رهي هئي. گولين هن کي سڄو چچري ڇڏيو هو. مون کي هُو چند گهڙين جو مهمان ٿي لڳو. پر مون نٿي چاهيو، سندس لاش پوليس جي هٿ اچي.

”بهادر“ هن آهستي چيو.

مان هڪدم سندس چهري مٿان جهڪي ويس ”جي سردار مان تو سان آهيان“

”مون کي منهنجي حال تي ڇڏي پنهنجي پاڻ بچاءِ.“

”نہ سردار“ وراڻيم ”مان تو کي نہ تو ڇڏي سگهان“

”ٻارن جهڙيون ڳالهيون نہ ڪر.“ هن هٻڪندي چيو ”ڄاڻان ٿو، مان زنده ڪو نہ بچندس. منهنجو انتقام مڪمل ڪو نہ ٿي سگهيو. تون پڙهيل نوجوان آهين. منهنجي ڪم کي تون پورو ڪو نہ ڪندين ڇا؟ پنهنجي ساٿين کي گڏ ڪري، دشمن کي ڳولهي مارڻو اٿئي. منهنجيون واڳون تو کي ئي سنڀالڻيون آهن.“

مان ذري گهٽ روئي وينس. منهنجو آواز ڳورو ٿي ويو. ”ٽولي جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اڳواٽي تون ٿي ڪندين" چيم

سردار جون اکيون ڀوڻجي ويون. مان خاموش سندس چهري کي ڏسڻ لڳس. سندس زندگي پوري ٿي رهي هئي پر چهري تي پوءِ بہ سڪون هو. پنهنجي فڪرن ۽ خيالن ۾ ويڙهي محسوس ٿيم. گولين جا آواز ڪڏهن ڪو بند ٿي چڪا هئا. ان مان ظاهر هو، پوليس پنهنجي ساٿين جي لاشن گڏ ڪرڻ ۾ رڌل هوندي. اسان جا بچي ويل ساٿي ڀڄي نڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي چڪا هئا. جڏهن ڪين اسان جي غير حاضريءَ جو يقين ٿيو هوندو تہ هو گهيرو ختم ڪري، احتياط کي ڇڏي ٻاهر آيا هوندا.

خيال آيم، هن وقت جڏهن هو پنهنجي ليکي ٻئي خيال ۾ ڦرندا هوندا، مٿن حملي ڪرڻ جو ڀيو سهڻو موقعو ڪو نہ ٿو ٿي سگهي.

هڪ گهڙي ان تي سوچڻ بعد، پنهنجي شاٽ گن هٿ ۾ قابو ڪري اٿي بيٺس تہ سردار جي زبان تي منهنجو نالو آيو. مان هڪ دم هيٺ جهڪي ويٺس سردار جي محبت منهنجي دل ۾ تيزيءَ سان جاڳي پئي. کيس ايئن ڇڏي وڃڻ مناسب ڪو نہ هو. مون کي سندس بچائڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪرڻ گهربي هئي. گهٽ ۾ گهٽ ان وقت تائين جيستائين هو زنده هو. مون هڪ ڀيرو وري سردار کي پنهنجي ڪلهي تي کنيو ۽ لَوَن ۽ ڀوڻن مان ٿيندو ٻئي طرف نڪري ويس. ڇڳو پري وڃڻ بعد مون کي ڪچي سڙڪ تي جيپ نظر آئي. مون ڪنهن خوف محسوس ڪرڻ کان سوا جيپ ڏانهن وک وڌائڻ شروع ڪئي. اڳتي وڌيس تہ ڏٺم، اها جيپ پوليس جي هئي. اهو سوچي، جيڪو ٿيو سو ڏٺو ويندو، مان جيپ ڏانهن وڌندو رهيس. ڊرائيور اسٽرينگ تي مٿو رکي جهڪيو ويٺو هو. هڪ هٿ ۾ پنهنجي شاٽ گن جهلي ڊرائيور جي مغز ۾ برسٽ وهائي ڪڍيم. هو اتيئي ڍري ويو. ٻئي گهڙيءَ چئني پاسن کان گولين جا آواز شروع ٿي ويا. هڪ ٻئي جي پٺيان گولين جي تڙ تڙ مان لڳم، پوليس بدحواسيءَ مان پنهنجي مُنهن فائرنگ ڪرڻ لڳي هئي. مون انتهائي سڪون سان سردار کي جيپ ۾ ليٽائي، جيپ کي ٻيلي ڏانهن ڀڄائڻ شروع ڪيو. پويان سائرن ۽ گوليون هيون. منهنجو پيڇو شروع ٿي چڪو هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مان ٻيلي اندر داخل ٿي ويس ته پوليس پويان ڊِري ٿي ويئي. اهو ٻيلو ايڏو گهاٽو ته ڪو نه هو، پر پوءِ به پنهنجيءَ جوءِ ڪري منهنجي همٿ وڌي وئي. گهٽو پري هليو آيس ته هڪ ننڍي ڪڏ نظر آئي. ڪڏ ۾ پاڻي پيريل هو ۽ ان جي مٿان هڪ ننڍڙي جهوپڙي ٺهيل هُئي. پر اهو گهر خالي هيو. اندر گهڙڻ سان لڳم، مالڪ ٻني ڏينهن ٺيندا جو ٻاهر ويل آهي.

پاڻي پي، هٿ منهن ڌوئي، پنهنجي زخمن کي صاف ڪري، پيهر پٽي ٻڌيم ۽ پوءِ ان گهر مان هڪ ٿانو کڻي پاڻي پيري سردار جا زخم صاف ڪيم. هو بي سڌ هو. هڪ گولي سندس ٻانهن ۾ اٽڪيل هُئي، جنهن سبب تمام گهڻي تڪليف ٿي محسوس ڪيائين. پاڻيءَ ڍڪ پيئڻ سان هو ڪجهه سامت ۾ آيو. واندو ٿي اندر ڪائڻ پيئڻ جي شيءِ جي ڳولها ڪيم، پيو ته ڪجهه ڪو نه مليو باقي چڻا سي پيا هيا. بک ۾ جيڪو ملي سو نعمت. چڻا چبي، پاڻي پيتم ته اندر ۾ قوت محسوس ٿي. پيٽ ۾ ڪجهه پيو ته گهڙي کن لاءِ چيلهه سڌي ڪرڻ خاطر پٽ تي آهلي پيس.

ڪجهه گهڙيون ايئن اڪيون ٻوٽي آرام ڪرڻ بعد سردار ڪان ٻيلي ڪان ٻاهر وڃڻ جي اجازت گهريم ته جيئن ڪنهن ڊاڪٽر جو ڪو بندوبست ڪري سگهان. هڪ ڊاڪٽر، اڪثر اسان جي مدد لاءِ ايندو رهندو هو. اسان ڪيس هر ڀيري ڏهن هزارن ڪان گهٽ ڪو نه ڏنو هو. ڪڏهن ته ڪيس وڌيڪ به ڏيندا هئاسون هو اسان جي اعتماد جو ماڻهو هو.

سردار چيو " ڊاڪٽر آڻڻ جو ڪو ضرور ڪونهي. ٻيلي ڪان ٻاهر نڪرڻ هوڻئن به خطري ڪان ٻاهر ڪونهي. فوج ٻيلي کي گهيري ۾ وٺي چڪي هوندي." مون ڏانهن ڏسدي هو چوندو رهيو "تو کي منهنجي خاطر جيئرو رهڻو پوندو تون منهنجي ڪم کي اڌ ۾ ته ڪو نه ڇڏيندين."

"اهڙيون ڳالهيون نه ڪر." کيس چيم

هن ڪلڻ جي ڪوشش ڪئي، پر سور جي تڪليف ڪان ڪلي ڪو نه سگهيو. "جي خطرو ڏنم ته واپس موٽي ايندس" چيم، "پوليس هجي ها ته هن مهل تائين هتي پهچي چڪي هجي ها."

"مون ڪان وڌيڪ هن کي تون ڪو نه سڃاڻين. هن ۾ اها همٿ اڃي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪنان جو ٻيلي اندر ڪيا اچن.“

”تنهنجي زندگي ضروري آهي“ مون اٿندي چيو“ تو کان سواءِ منهنجو جيئڻ ڪُهڙي ڪم جو.“

”ترس بهادر“ هن تڪليف ۾ ڏک مان چيو ”منهنجو اهو حڪم اٿئي تون هتان ٻاهر ڪو نه ويندين. جي مون کي مرڻو آهي ته ڪو به ڊاڪٽر بچائي ڪو نه سگهندو ۽ نه وري اها فوج پوليس مون کي ماري سگهندي. تون نه وڃ.“

مون هن جو جملو ٻڌو ته سهي، پر زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو سندس حڪم مڃڻ کان صاف انڪار ڪيو. ٻنهي مڙي ڏسڻ بنا هٿ ٻڌندي چيم ”منهنجو انتظار ڪجانءِ.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ١٠

پوليس جو گهيرو سخت هو. چوڌاري فوج ۽ پوليس جون گاڏيون ٿي نظر آيون. سنڌن مدد لاءِ فوج جو تازو دستو به پهچي چڪو هو. لڳو پئي، ڪنهن وقت به هو هڪ زخمي ماڻهو کي مارڻ لاءِ ٻيلي اندر ڪاهي پوندا. پر سردار چيو پئي ته ڪين ٻيلي اندر اچڻ لاءِ همت ڪپي، جيڪا هنن وٽ ڪو نه هئي.

مان واپس موٽيس منهنجو واپس موٽڻ ضروري هو. ڇاڪاڻ ته ٻجهي ٻاهر ۾ نيو ڏيڻ مناسب ڪو نه ٿي لڳو. پئي پاسي سردار کي علاج جي به تڪڙي ضرورت هئي. هن جا مون مٿان ايترا احسان هئا جو مان پنهنجي زندگي ڏئي به سنڌس احسانن جو بدلو نٿي چڪائي سگهيس. واپس موٽندي مون کي به ماڻهو نظر آيا. مون تي نظر پوندي ئي هو گهٻرائجي ويا. ٻيءَ گهڙيءَ سنڌن گهٻراهٽ گهٽجي وئي. منهنجي ڪپڙن ۽ چهري مان ڪين اندازو ٿي ويو ته مان ڪو خطرناڪ انسان ڪو نه آهيان. ويجهو ويندي ڪين سلام ڪيم.

”توهان ڪير مڙس آهيو ۽ هتي ڇا ٿا پيا ڪريو؟“ ڪائڻ پڇيم.

”سائين اسان لاڏائو آهيون “ هنن مان هڪڙي همراهه اڳتي وڌي ادب مان وراڻيو ”اسان جو گذران پنهنجي رڍن جي ڌڻ تي آهي اسان هتي ٻارڻ لاءِ ڪاٺيون ڪرڻ آيا هئاسين پر اها ته خبر ڪو نه هئي، اسان هن مصيبت ۾ ڦاسي پونداسين.“

”ڪهڙي مضيبت؟“

”شايد تو کي نه ڏنو. پوليس سڄي ٻيلي کي پنهنجي گهيري ۾ ڪيو آهي. ڪو پَنُ به کڙڪي ٿو ته هڪدم گوليون هلڻ شروع ٿي وڃن ٿيون“. هو ٻڌائيندو رهيو ”ان حالت ۾ ته ٻاهر وڃڻ، موت جي منهن ۾ وڃڻ ٿيندو.“

”سائين ڪاٺ پيٽڻ لاءِ ڪجھ ملي ويندو.“ هن چيو. ”اسان ته راتا ڪون بک تي آهيون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"اڇر" ڪين چيمر ۾ ان مڪان ڏانهن وڌڻ شروع ڪيم. جنهن ۾ منهنجو زخمي سردار موت ۽ زندگيءَ واري حالت ۾ پيو هو. جڏهن هنن جي نظر زخمي سردار مٿان پئي ته هو هڪ ٻئي ڏي وائڙو ٿي ڏسڻ لڳا.

"سائين، هي ته سخت ڏکيل ٿو لڳي" هڪ همراهه چيو "تون هن جي رت بند ڪرڻ لاءِ ڪجهه ڪو نه ڪيو آهي؟"

"ڪيس پٽيون ته ٻڌيون اٿم". "چيمر" ان کان سواءِ منهنجي وس ۾ هيو به ڇا؟"

"ان سان ته رت ڪو نه بند ٿيندي" هڪ چيو "آهستي آهستي پئي نمندي رهندي."

"پوءِ ڇا ڪجي؟"

"جي اجازت ڏيئي ته اسان ڪا ڪوشش ڪريون."

ان کان وڌيڪ منهنجي لاءِ ٻي ڪهڙي سٺي ڳالهه ٿي سگهي پئي. ها ڪيم. هنن پراڻيون اڳڙيون کوليون، ساڙي رک ڪري سردار جون پٽيون کوليون، رک سندس زخمن تي رکي، وري ساڳيون پٽيون ٻڌي ڇڏيون. رت جو وهڻ آهستي آهستي جهڪو ٿيندو ويو. منهنجي لاءِ هو ٻئي ڄڻا وڏو سهارو ثابت ٿيا.

هنن جي موجودگيءَ سان مون تي اڪيلي هئڻ جي جيڪا عجيب وحشت ۽ پريشاني سوار هئي سا به گهڻيءَ حد تائين گهٽ ٿي وئي. مان ڪجهه سڪون محسوس ڪرڻ لڳس. سردار جي ڪلهي ۾ هڪ گولي اٽڪيل هئي، ان جو زهر سڄي بدن ۾ ڦهلجي سگهيو ٿي. هنن همراهن کي به ان جي ڪڍڻ جي ڄاڻ ڪو نه هئي.

اسان اها رات انتهائي پريشانيءَ ۽ تڪليف ۾ گذاري. سردار ڪجهه اڻي ويهڻ جهڙو مس ٿيو هو. پر پير زمين تي کوڙڻ جهڙو ڪو نه هو. صاف ظاهر هو، جي پڇيو به ته سڄي عمر گهمي ڪو نه سگهندو. ٻئي ڏينهن هڪ همراهه ٻاهر جو جائزو وٺي موٽي آيو. پوليس، گهيرو ختم ڪري وڃي چڪي هئي. باقي سڙڪ مٿان ايندي ويندي همراهه کان آڏي پڇا جاري هئي.

مون وٽ پوليس جي جيپ هئي. ان ۾ شهر وڃڻ جو خطرو ڪو نه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تي ڪٽي سگهيس. ان ڪانسواءِ پيٽرول به ختم ٿيڻ وارو هو. رستي ۾ ڪٿي به بيهي ٿي سگهي. مون ڪان ٻيو وس ته ڪو نه پڳو. باقي جيپ کي اتيئي باهه ڏيئي ساڙي ڇڏيم. ان ڪان پوءِ ھنن همراهن ۾ هڪ ڄڻي کي ڊاڪٽر جو ڏس ڏئي شهر روانو ڪيم. مون ڪيس پنج هزار به ڏنا. هو ڪائين جي پيريءَ ۾ پنج هزار لڪائي روانو ٿي ويو. رات جو دير سان هو ڊاڪٽر کي وٺي اسان وٽ پهچي ويو. ڊاڪٽر کي تعجب هو. سردار ايترن زخمن هوندي زنده ڪيئن هو. هن گولي ته ڪڍي ورتي، پر مشورو ڏنو ته اسان سردار کي ڪنهن وسنديءَ ۾ ڪٺي هلون. سندس چوڻ هو، ڪنهن وقت به رت ۽ آڪسيجن جي ضرورت پئجي سگهي ٿي ۽ ٻيلي ۾ انهن ٻنهي شين جو انتظام ڪرڻ ناممڪن هو.

سردار نشي آور انجيڪشن سبب بيهوش هو. ڪيس ڊاڪٽر جي مشوري موجب ڪنهن وسنديءَ ۾ ڪٺائي هلڻ ضروري هو. جڏهن ته ٻيلي کان ٻاهر مون کي ڪنهن سان ايڏي گهري چاڻ سڃاڻ به ڪو نه ٿي سُجهي. ڪيس ڪيڏانهن ڪٺائي وڃان؟ خطرو هيم، ڪو به دشمن ڏسي وٺندو ته دشمنيءَ سان گڏ انعام جي لالچ ۽ سرخرو ٿيڻ جي شوق ۾ پوليس کي ڏاهه ضرور ڏيندو.

انهيءَ اڻ تڻ ۾ ئي هوس ته هڪ همراهه اڳتي وڌي منهنجي ڪلهي تي هٿ رکندي چيو "سائين، اسان غريب ضرور آهيون، پر دل جا ڪوڙا ڪو نه آهيون. جي دل مڃيوَ ته اسان جي جهوپڙي حاضر آهي. ٻيو ڪو خيال ڪو نه ڪجو. اسان سِرُ وڃائينداسين، ڳالهه ڪان ڪو نه ويندا سين جي چئو ته قرآن تي هٿ رکي ان ڳالهه جو قسم کڻون، ٻئي همراهه وراڻيو

"نه" چيم " ان جو ضرور ڪونهي."

خوشيءَ مان منهنجو آواز ڀرجي آيو. "پوءِ باقي دير ڇاجي. رات ۾ ئي نڪري هلو" هن خوش ٿيندي چيو. جيتوڻيڪ سردار بيهوش هو. پر مان سندس عادتن مان واقف هوس. هو ڪنهن جو به احسان کڻڻ لاءِ تيار ڪو نه ٿيو هو. جي هوش ۾ هجي ها ته هلڻ کان ٻهريان ئي اهو چئي ها. جنهن مڪان ۾ ترسيا آهيون، ان جي مالڪ لاءِ ڪو نذرانو ته


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"بابا هي ڇا هي؟"
"پٽ مهمان آهي، بيمار آهي"
ڇوڪري ڪٽ ڏانهن وڌي سردار کي پٺيون پڌل ڏسي ٿورو پٺتي هٽي.
"بابا، ڏک لڳا اٿس ڇا؟"
هن جواب ڏيڻ بجاءِ، سردار جي ڪٽ اندر جهوپڙيءَ ۾ رکي. اڳتي وڌندي، هن جون وڏيون اکيون مون سان مليون ۽ مان ڪنڊ جهڪائي اندر گهڙي ويس.
"نوران پٽ، ڪائڻ لاءِ ڪجهه هجي تہ ڪٽي آءُ. اسان سڀيئي ڏاڍا بکايل آهيون. پنڌ بہ وڏو ڪيو اٿئون.
ڇوڪري، گهر جي آخري ڪنڊ ڏانهن وڌي وئي، جتي چلهو لڳل هو. هن هڪ ڪنڊ ۾ پلال پٿاريو ۽ ان مٿان رلهي وڇائي، مون کي ويهڻ لاءِ سڏ ڪيو.
"اچ بهادر، ويهہ" هڪ همراهہ چيو، ۽ پوءِ ڇوڪريءَ کي چيائين
"پٽ جهٽ ڪجانءِ"
"نوران منهنجي بدقسمت ڌيءَ آهي." هن چيو
مون کان ڇرڪ نڪري ويو. ڪيس سوالي نظرن سان ڏسڻ لڳم.
"هن ويچاريءَ کي جوانيءَ ۾ ئي وڏا ڏک ڏسڻا پيا. هن جي جاءِ تي ڪا بي ڇوڪري هجي ها تہ جيڪر رت تڪيندي مري وڃي ها."
ٻيو همراهہ پرسان ويهندي چوڻ لڳو "توهان کي هتي تڪليف تہ ٿيندي، پر غريب ماڻهو آهيون، پنهنجي وسان ڪو نہ گهٽائيندا سين."
"ڪا تڪليف ڪو نہ ٿيندي" چيم "مان پنهنجي ئي گهر ۾ آهيان."
ڪجهه بک وڌيڪ ستايو هو، ڪجهه مکڻ مکيل مانين سان کير ۽ بصر ڏاڍو مزو ڏنو. ان کان اڳ مون بصر ساں ماني ڪو نہ کاڌي هئي پنهنجيءَ بک کان وڌيڪ ماني کائي ويس. هو ٻئي همراهہ اٿيئي ليٽي پيا ۽ مان اٿي سردار ڏانهن آيس. ان وچ ۾ ڇوڪري وچ تي رلهي ٽنگي گهر کي ٻن حصن ۾ ورهائي چڪي هئي. هڪ حصي ۾ اسان تہ ٻئي حصي ۾ هو هئا. مان سردار جي سيرانديءَ کان ڪنڌ جهڪائي سوچڻ لڳس تہ هتي اچي مون ڪا غلطي تہ ڪو نہ ڪئي آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اوچتو رلهيءَ جو پَلوَ هٽيو ۽ نوران ماٺ ۾ ويهاڻو چادر آٿي منهنجي پر سان رکيو. سندس چهرو مائي سمنڊ جي سطح جيئان پرسکون هو ۽ پنهنجي اندر بي شمار طوفان لڪايو پيو هو.

نوران رلهيءَ کي ساڳيءَ طرح ٺاهي واپس هلي ويئي. مون سردار جي ڪڻ سان ٺي پنهنجو هنڌ وڇائي، ويهاڻي تي ڪنڌ رکي ليٽي پيس. ننڊ ايندي دير ٺي ڪو نه ٿي. ٻن راتين جو اوجاڳو هيم. رات جي پوئين پهر سردار جي آواز تي جاڳ ٿي پيم. اڪيون ملينديٰ سردار جي مٿان جهڪندي ڪيس چيم.

"ٻانهن واري گولي ڪڍي، ملم پٽي ڪري ڇڏي آهي. تون جلد ٺي نيڪ ٿي ويندين."

هن مون ڏي ڏسندي جهيٽي آواز ۾ چيو "مان ڪٿي آهيان"

"جن وٽ آهيون سي سڄڻ آهن" ڪيس چيم.

سردار چوڏاري نظر گهمائيندي چيو "لالچ وڏي بري بلا آهي، بهادر، سڄڻ مان دشمن ٿيندي دير ٺي ڪو نه لڳي."

"پر هي ايئن ناهن"

"پيسن جي چمڪ انسان کي انڌو ٿي ڪري وجهي" هن وراڻيو.

"مون وڏن وڏن نيڪن ۽ پرهيزگارن جو ايمان ٿڙندي ڏٺو آهي."

"ڊاڪٽر جي چوڻ تي هتي آيو آهيان" ڪيس چيم.

هن کي ڪيترا پيسا ڏنا اٿئي، هن چيو "پيٽ ۾ ڪجهہ نہ ڪجهہ ضرور وجهندو ڪر، بکيو پيٽ هر خطري کي سڏيندو آهي."

"اجان تہ ڪين ڪجهہ نہ ڏنو اٿم" چيم "باقي رستي جي خرچ جا جيڪي پيسا ڏنا هيم ڪائين ان جو حساب ڪو نہ ورتو اٿم."

"ڏاڍو ساڌو آهين بهادر" چيائين "هن وقت تو وٽ ڪيترا پيسا آهن؟"

"ڊاڪٽر کي ڏهہ هزار ڏيڻ بعد، ست اٺ هزار ڪن هوندا."

"منهنجي ڪيسي ۾ ڏس"

مون سندس صدريءَ جي ڪيسي مان پيسا ڪڍيا. سٺ هزارن ڪان مٿي هئا.

"انهن مان پنجويهہ هزار هڪدم هن کي ڏي. ايتريءَ رقم جو هتان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هلڻ وقت ڏيڻ جو آسرو ڏين. ۽ ڏس آئينده جڏهن به ڪنهن ڪم لاءِ روانو ٿئين، هٿيارن سان گڏ ڪيسي ۾ ڏوڪڙ به ضرور رکندو ڪر. ڪڏهن ته جيڪو ڪم هٿيار ڪو نه ڏئي سگهندا آهن، ڏوڪڙن سان ٿي ويندو آهي."

مون ها ۾ ڪنڌ ڌوڻيو

"هتي ڪيترو وقت هونداسين؟" پڇيائين

"اهو ته ڊاڪٽر ئي ٻڌائي سگهي ٿو" "چيم" هو رات جو چڪاسڻ لاءِ هتي ايندو"

صبح ٿيڻ وارو هو. ٻاهر جهنگ ويندڙ مال جو آواز اچي رهيو هو. مان پنهنجيءَ رلهيءَ تي وچي وينس. سردار جي حالت مان دل کي ڪجهه سڪون مليو هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ١١

"بهادر ڏاڍي بيزاري تي لڳي" سردار آهستي چيو "ڪاڻ لاءِ ڪجهه هجي تہ ڪٿي آءُ" مون رلهيءَ جو پَلوَ مٿي ڪري ڏٺو نوران چلهہ مٿان ويٺي بصر ۽ پٽاٽا تري رهي هُئي، جتي هو ٻئي پائر سٽل هئا. سو هنڌ خالي هو. مان همٿ ڪري نوران ڏانهن ويس.

"نوران" مون بي تڪلفيءَ مان سندس نالو ورتو "شاهوءَ کي بک لڳي آهي، ڪاڻ لاءِ ڪا شئي هوندي." مون کي پنهنجي مٿان ڏسي هوءَ گهٻرائجي وئي. تڪڙ ۾ پنهنجو رئو مٿي تي ڪندي، هٻڪندي چيائين،

"ها نيرن تيار آهي. تون هلي ويهہ تہ مان ڪٽي تي اچان."

"تون اڪيلي آهين؟" ڪائنس پڇيم "گهر ۾ ٻي ڪا وڏي ڪونهي ڪا؟"

مون کي کهڙي خبر، منهنجو اهو سوال هن تي کهڙو اثر وجهندو، مون تہ رڳو ڳالهائڻ خاطر اهو اجايو سوال ڪيو هو، جنهن جي منهنجي ذهن ۾ ڪا معنيٰ ڪو نہ هُئي. منهنجي ان اجائي سوال تي سندس اکين ۾ ڳوڙها ڀرجي آيا.

"تو کي رنج پهتو تہ مان معافي ٿو وٺان. اصل ۾ مون ايئن ئي پڇيو" هن نيڏڙي ٻارن جيئان چپ چپا ڪندي وراڻيو "تون هل تہ مان ڪٽي تي اچان. بابو چٽي ويو هو، جڏهن توهان نند مان اٿندا تہ توهان کي نيرن ڪرايان."

"چاچو ڪيڏانهن ويو؟" پڇيم.

هن پنهنجي رئي جي پلو سان اکيون اگهندي ٿامي جي هڪ وڻيءَ ۾ بصر پٽاٽا وڌا ۽ ٻيءَ ۾ مکڻ رکندي چيو "ٻئي ٻيلي ويا آهن."

"ايترو سوير؟"

"ڏينهن مٿي ٿو چڙهي اچي تہ مال پوريءَ طرح چري ڪو نہ ٿو. وراڻيائين "پوءِ رڳو وتي ٿو پاڻيءَ پويان ڊڪندو. تڏ ۾ چري ٿو تہ ڪير ٻہ چڳو ٿو ملي. اسان غريب ماڻهن جو ان ڪير، مکڻ مٿان ئي تہ گذران آهي."

دل چاهيو، ڪيسي ۾ هٿ وجهي، جيترا نوٽ هٿ ۾ اچن، هن جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سردار جي چپن تي هلڪي مرڪ تري آئي.

"نالو ڇا ٿي؟" سردار هن کان پڇيو

نوران جي پيءُ آهستي وراڻيو "خدا بخش. هي منهنجو ننڍو ڀاءُ محمد بخش ۽ هوءَ منهنجي ڌيءُ نوران آهي."

"خدا بخش" سردار چيو "هي نوٽ جيڪي تون منهنجي پاسي کان رکيا آهن، کڻي وٺ. اسان پنهنجو ڏنل نذرانو، واپس ڪو نه وٺندا آهيون."

"پر سائين"

سردار هن جي ڳالهه اڌ ۾ ڪٽيندي چيو "جيئن چوان ٿو، تيئن ڪر. نه ته اسان هاڻي ٿي هتان ويندا سين."

گهڙي ڪن لاءِ اسان جي وچ ۾ ماٺ ڇانئجي وئي. خدابخش نوٽن کي هٿ ۾ جهليون ڪنڌ هيٺ ڪيون ويٺو رهيو. ان ماٺ کي نوران جي سڏڪن ٽوڙي وڌو. هوءَ وڏو سڏڪو ڀري، تيزيءَ سان وچي هڪ ڪنڊ ۾ روئڻ ويٺي.

"نوران ڇو ٿي روئي؟" سردار پڇيو.

"سائين، اسان جي زندگيءَ ۾ ڏک ئي ڏک رهيا آهن. خوشي ملندي آهي ته پڻ تيڻ لڳندو آهي، وري ڪا مصيبت ته ڪو نه اچڻ واري آهي."

خدا بخش نوران کي ماٺ ڪرائڻ هليو ويو ته محمد بخش ٻڌائڻ لڳو.

"سائين، هي لاڏائو اسان کي حالتن ٻڌايو آهي. ڀهريون وڏيري جي وڏي نينگر جي اک نوران مٿان هئي پوءِ وڏيري اکيون وڌيون. هو هميشهه چار زالون رکندو آيو هو. زال جو ته رڳو نالو هو، نه ته هو ڀهرين سواءِ سڀ کي سريت ڪري سمجهندو."

"وڏيري عبدالڪريم جي تو ڳالهه ڪرين ڇا؟"

سردار پڇيس.

"ها سائين" هن وراڻيو "هن نوران کي به پنهنجي زال بڻائڻ تي چاهيو. هوءَ زال ڇا ٻڌجي ها. وڏيرن جي نينگرن جي وندر رهي ها. هن جي پنهنجي عمر ته ادي خدابخش کان به وڏي آهي. اسان تڪڙ ڪري نوران جو نڪاح وجهرائي ڇڏيو. ٻه ٽي ڏينهن به ڪو نه گذريا هوندا ته نوران جي مڙس کي ٽاٽي تي گهرايو ويو. هو جڏهن موٽي آيو ته مار



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۾ اڌ تي آيو هو. هن ان جي باوجود همت کو نہ هاري هن راتو رات نوران کي وٺي ڪنهن ٻئي هنڌ وڃڻ چاهيو. پر رستي ۾ وڏيري جي پالتو ڪتن هن کي وڃڻ کو نہ ڏنو ۽ ڏک هٿي ماري وڌو. نوران ويچاري رڙيون ڪندي ڳوٺ موٽي آئي. انهيءَ ڏک هن کي اڌ چريو بڻائي ڇڏيو. "ان کان پوءِ توهان ماٺ ۾ ڳوٺ ڇڏي هيءَ لاڏائن واري زندگي گذاري رهيا آهيون."

سردار هن کان پڇيو

"جي سائين" هن وراڻيو "چو تہ، وڏيري جو نياپو آيو تہ عدت پوري ٿيڻ بعد، نوران کي هن جي حويليءَ ۾ اماڻيو وڃي. اسان عزت ۽ غيرت جي مقابلي ۾ پنهنجو تيار فصل بہ ڇڏي هليا آياسين. هاڻي جتي بہ ڪا مناسب جاءِ ملي ويندي آهي، پنهنجي جهوپڙي اڏي ڪجهہ ڏينهن گذاري وٺندا آهيون. ڳوٺ ۾ ٻني ٻاري سان گڏ مال هو ۽ هاڻي بہ مال تي گذر سفر تي وڃي ٿو. هي ٻيا پڪا ٻين مال وارن لاڏائو شهنياڻن جا آهن، جيڪي اڄ هتي تہ سڀاڻي الائي ڪٿي هوندا. هتي ڪو ڪنهن جو سڄاڻو ڪونهي. سڀ هڪٻئي جا پڻ ڏينهن جا واقف آهن. توهان جي نيڪ ٿيڻ تي اسان بہ هتان هليا ويندا سين."

"اهو وڏيرو الائي ڪيئن منهنجي هتان بچندو رهيو آهي." سردار چيو" هن جي انهن بيهودگين جي خبر تہ پوندي هئي پر جڏهن بہ ڪيس سبق سيکارڻ جو تي سوچيم تہ ڪا نہ ڪا ڳالهہ تي پوندي هئي. خير هاڻي بهادر توهان جي ظلمن جو بدلو پاڻهي چڪائيندو."

مان نہ ٿو چئي سگهان، نوران جي چاچي تي منهنجي نالي جو ڪو اثر پيو يا نہ، پر ايترو ضرور ٿيو جو سندس وساٺيل چهري تي هڪ پل لاءِ هلڪي تازگي ڊوڙي وئي. محمد بخش هليو ويو تہ سردار اکيون ٻوٽي ماٺ تي ويو. نوران ڪيڏو نہ ڏکويل هئي. انهن ظلمي پوليس وارن ۽ وڏيرن جي ملي ڀڳت ۾ نہ ڄاڻان الائي ڪيتريون نوران جهڙيون ابوجهہ جوانيون چيپائجي وسامي ويون هونديون. ڪوئي نہ هو جو ڪائڻ انصاف جي تقاضا ڪري. راڄ بہ هنن جو موچڙو بہ هنن جو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

همدرد ڪو نہ هو جيڪو سهارو ڏي زندگيءَ ۾ لاهيون چاڙهيون تہ ايندڙيون رهنديون آهن. هڪ پوڙهي ماءُ هئي، سا بہ منهنجي نوڪريءَ جي خوشخبري ٻڌڻ ۽ شاديءَ جي موڙن ٻڌڻ کان اڳ هن دنيا مان موڪلائي وئي. سندس نافرمان پٽ ڏنگ سان سندس ڪفن دفن جو بندوبست بہ ڪو نہ ڪري سگهيو. جي ان وقت سردار جو سهارو نہ ملي ها تہ شايد اڄ منهنجي جاءِ ڌرتي اندر هجي ها. اٿيل جذبن کي قابو ڪندي آهستي چيم.

”تو کان سواءِ منهنجو پيو ڪير آهي؟“ ۽ ڪنڌ هيٺ جهڪائي ڇڏيم.

ڏٺم سردار جون اکيون پرجي آيون. مون پنهنجي اکين ۾ آيل پاڻيءَ کي پاسيرو ڪري آڱر سان صاف ڪيو. خبر ناهي اسان ٻنهي جي ان وقت دل ڇو پرجي آئي هئي.

اسان جي وڃڻ جي خبر الائي ڪيئن نوران کي پئجي ويئي. هوءَ مايوس نظر اچڻ لڳي. مون ڪيس بہ ٿي پيرا پنهنجي رئي سان اکين کي اگهندي ڏٺو.

ڏک جو احساس مون کي بہ هو پر هرڪو پنهنجي احساس کي لڪايون ويٺو هو. لڳم ٿي اهي ٻارنهن ڏينهن ٻارنهن مهينا هئا. جيڪي خوشيءَ جي احساس ۾ گذري ويا.

جيئن جيئن شام جا پاڇا وڌندا ويا منهنجيءَ پريشانيءَ ۾ واڌارو ايندو ويو. مون ڳهٽائي پيرا ارادو ڪيو، هن وٽ وڃان ۽ ڪيس پنهنجيءَ پريشانيءَ کان آگاهہ ڪريان پر همٿ ڪو نہ ٿي. جڏهن دل جو بار هيڪاري وڌي ويو تہ جهوپڙيءَ کان ٻاهر نڪري دير تائين سڪٿو ڦرندو رهيس. ڪيترائي بيت منهنجي ذهن ۾ ڦرڻ لڳا. ٽڏو ساهہ پري واتان نڪري ويم ”وڇوڙي جا ڏينهڙا لا پورائيءَ جي پل الا ڪڏهن ملنداسين“

جڏهن واپس موٽڻ لڳس تہ محسوس ٿيم، نوران منهنجي پويان اچي رهي آهي. پٺ ورائي ڏٺم واقعي هوءَ ئي هئي. هوءَ ٻاهران ڪائيون ميڙي موٽي هئي. نوران کي ڏسي مان بيهي رهيس.

نوران مون ڏانهن ڏٺو. لڳم هنجون اکيون پريل هيون ۽ بيوسي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ١٣

پنهنجي تاڪ تائين پهچندي، سردار جا زخم وري سِمڻ شروع ٿيا. سمجهه ۾ نٿي آيم، هاڻي ڇا ڪجي. ڊاڪٽر اڳ ۾ ئي وڃي چڪو هو. منهنجي لاءِ وڏي مصيبت اها هئي جو مان سيني جو مرڪز بڻيل هوس، هتي مون کي سردار جو جانشين سمجهي ورتو هو ان ڪري منهنجي ڪا به ننڍي وڏي غلطي، سڄي عمر جي بدناميءَ جو سبب بڻجي سگهي پئي.

"عبدالقادر" ٽڪر ۾ چيم "شهر ڪهڙو پري ڪونهي جيترو جلدي ٿي سگهي، ڪنهن ڊاڪٽر کي پاڻ سان گڏ وٺي آءِ جيترا پيسا گهري انڪار نه ڪجانءِ. پر جي پوءِ به ڪو نه اچي ته..." جملو اڌ ۾ ڇڏي مون ريوالور ڏانهن اشارو ڪيو. عبدالقادر بيوقوف ڪو نه هو. هو سيڪجهه سمجهي ويو.

سندس اڪيلو وڃڻ ٺيڪ ڪو نه هو تنهنڪري ٽولي جا ٻيا ماڻهو به ساڻس گڏ ويا رات جو سردار مٿان سقراط جي حالت هئي خوف ٿي ٿيم، ڪٿي هو ڊاڪٽر جي پهچڻ کان اڳ ۾ ئي نه موڪلائي وڃي ڪيس اڌ رات جو ٿورو هوش آيو نرڙ سڄو پگهر هوس.

"بهادر" هن ٿتل آواز ۾ پڇيو "منهنجو بچڻ مشڪل آهي."

"غريبن کي تنهنجي ضرورت آهي" چيم "تون ڪو نه مرندين."

"زندگي ڪيتري مختصر ٿئي ٿي" هن منهنجي ڳالهائڻ ڏانهن ڌيان نه ڏيندي چيو "توهان شاهد آهيو مان چاڻي واٽي ڪنهن غريب مٿان ظلم ڪو نه ڪيو. منهنجي ويڙهه ته ظالمن سان هئي. منهنجو خيال هو، هن ڌرتيءَ مٿان ان ظلم ۽ ڏاڍ مٿائڻ ۾ مان ڪامياب ٿيندس. پر ڪو نه ٿي سگهيس". هو چوندو رهيو. "اسان چند ماڻهو، ظالمن جي وڏي تعداد سامهون تمام ٿورا ثابت ٿياسين. هڪ ظالم کي ختم ڪيوسين ته ان جي جاءِ ٻيا چار ظالم والاريندا رهيا."

هو هڪ گهڙي لاءِ ماٺ ٿي ويو. لڳم، سور جي اپريل سٽ کي سهڻ جي ڪوشش ۾ هو. اکيون ٻوٽيل رهيس. ڳالهائڻ شروع ڪيائين ته



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سندس آواز ۾ وڏو درد لڪيل محسوس ٿيو.

"ان ڳالهه تي منهنجو ڪالهه به ايمان هو ۽ اڄ به آهي. ظالم ڪيترو به طاقتور ۽ مظلوم ڪيتروئي بيوس ۽ مجبور ڇو ڪو نه هجي، دير سوير، ظالم کي هڪ ڏينهن گوڏن ڀر ضرور جهڪائي وجهندو."

سندس ڳلو ڀرجي آيو "اهو ڪم منهنجي هٿان ڪو نه ٿي سگهيو. اسان کي ڌاڙيل بڻائي پيش ڪيو ويو. جيتوڻيڪ ڌاڙيل ۽ ڦورو، اسان نه اڳ هئاسون ۽ نه وري اڄ آهيون ۽ نه وري اڳتي لاءِ رهڻ چاهيون ٿا. اسان جي جنگ ته انهن ڌاڙيلن خلاف هئي، جن پنهنجن چهرن تي وڏيرن، چڱن مڙسن ۽ قانون جي محافظن جا ڪوڙا نقاب چاڙهي رکيا آهن."

"توهان جي طبيعت ٺيڪ ڪونهي، آرام ڪريو. وڌيڪ پوءِ ڳالهائبو." ڪيس چيم.

سردار ٿڌو ٿي ساهه ڀري خاموش ٿي ويو. پر سندس خاموشي گهڻي دير تائين ڪو نه رهي سگهي اکيون پٽي مون کي ڏٺائين.

"بهادر" هن بيوسيءَ مان سڏ ڪيو، "مون کي ڳالهائڻ ڪان نه روڪ متان وري مون کي ٻيهر ڳالهائڻ جو موقعو نه ملي" هن جي اکين ۾ عجيب نماڻائي هئي.

"ٻڌ" چيائين "مان جيڪو ڪم اڌ ۾ ڇڏي ٿو وڃان، تو کي ئي منزل تي پهچائڻو آهي مان دنيا کي اهو باور ڪو نه ڪرائي سگهيس ته اسان ڌاڙيل ڪو نه آهيون. اسان ته پنهنجي ۽ ٻين غريبن جي زوريءَ ڦريل حقن لاءِ ٿا وڙهون. هاڻي اهو ڪم تون پورو ڪندين. دنيا کي تون اهو ٻڌائيندين، اسان جي جنگ ظالم ۽ مظلوم جي جنگ آهي." هو چوندو رهيو.

"مون بي روزگارن کي روزگار ڏنو، يتيمن، بيواهن ۽ غريبن جي مدد ڪئي." هن وڌيڪ ٻڌايو. هٿن جي ئي مدد لاءِ انهن ماڻهن کي لٽيو ۽ ڦريو جن انهن غريبن کي لٽي ڦري پنهنجا محل ماڙيون تيار ڪيون هيون. پر دنيا کي ان ڳالهه جي ڪا سڌ ڪو نه پئي. دنيا اسان کي ٻين جيئان هٿن جي ئي چوڻ تي ڌاڙيل سمجهندي آئي."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهيون.“ چيم
”في الحال پنجاهہ هزار ڏيو“
”علاج کان پهريون“ عبدالقادر اکيون ڦاڙي وچ ۾ ڳالهايو ”ڊاڪٽر تون اسان جي هن ڪمزوريءَ جو فائدو تہ وٺين ٿو؟“
”مان توهان جي قبضي ۾ آهيان“ وراڻيائين ”اهو بہ ڄاڻان ٿو تہ ڪنهن غلط ڳالهہ سبب. منهنجي ٻارن ٻچن جو خير ڪو نہ رهندو. پنجاهہ هزار مون کي پنهنجي لاءِ نہ، پر خون ڏيڻ واري اوزارن لاءِ گهربا آهن. توهان انهن جو بندوبست پاڻ ڪريو، مون کي پائي بہ نہ ڏيو.“
”تو کي پيسا ملندا. اڳتي ڳالهہ ڪر“ ڪيس چيم
”سردار کي ٻيلي کان ٻاهر ڪنهن مڪان ۾ ڪٽي هلو“
”هتي ممڪن هجي ها تہ مان وڌيڪ اکر بہ ڪو نہ چوان ها.“ ڊاڪٽر وراڻيو ”پلا ايترو ڪيو جو اندر، ڪنهن سڙڪ يا روڊ پرسان هلي پنهنجو تنبو هڻو. ڪجهہ سهولت پيدا ٿي پوندي.“
”ٺيڪ آهي“ ڪيس چيم ”اڃا وٽ پنجاهہ هزار اسان سڙڪ کان ٿورو هيٺ هلي ٿا پنهنجي لاءِ جاءِ ٺاهيون. تون جيترو جلدي ممڪن ٿي سگهي سامان ۽ دوائون وٺي پهچي وڃ. عبدالقادر کي پاڻ سان گڏ ورتيون وڃ پر ڏس گڙ بڙ ٿي تہ پوءِ....“
هن جيپ ۾ ويهندي چيو ”ايترو اندازو مون کي بہ آهي“ ڊاڪٽر الائي ڪهڙي انجيڪشن هڻي ويو هو جو سردار بي خبر ٿي ستو رهيو سندس ساهہ ڪڻڻ مان اندازو ٿي ٿيو، هو اڃان زندهہ آهي منجهند تائين اسان سردار کي نئين جاءِ تي پهچائي عبدالقادر جو انتظار ڪرڻ لڳاسين. شام جا پاڇا تاريڪيءَ ۾ بدلجڻ لڳا تہ شاهنواز ڊڪندو اچي تنبوءَ ۾ داخل ٿيو ڪيس سهڪو چڙهيل هو.
”جلدي ڪريو سردار کي هتان ڪٽي هلو“ هو بدحواسيءَ مان چوڻ لڳو ”اسان سان ڌوڪو ٿيو آهي. هنن عبدالقادر کي ماري ڇڏيو.“
”ڇا ٿو پيو بڪين؟“ پڇيم
”پوري ڳالهہ ٿو ٻڌايان اول سردار کي تہ ٻيلي اندر ڪٽي هلو. جلدي ڪريو. اسان مٿان حملو ٿيڻ وارو آهي توهان منهنجي ڳالهہ ٻڌو ڇو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪو نہ ٿا."

بيءِ گهڙيءَ هر ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي وئي. سردار جو اصول هو، جڏهن بہ پنهنجي ڪنهن ماڻهوءَ کي ٻيلي کان ٻاهر موڪليندو هو تہ سندس پويان ٻيو ضرور لڳائيندو هو. عام طور تي اهڙن ڪمن لاءِ شاهنواز کي ئي موڪليو ويندو هو. هاڻي بہ شاهنواز اهو سوچي، جي سردار هوش ۾ هجي ها تہ ڪيس عبدالقادر جي پويان موڪلي ها، هو پاڻ ئي هن جي پويان هليو ويو.

پنجاهہ هزار وٺي وڃڻ واري دغاباز ڊاڪٽر، ڪلينڪ ۾ پهچڻ شرط چوريءَ گهران وڃي پوليس کي ٽيليفون ڪيو. عبدالقادر مٿان اوچتو حملو ٿيو شاهنواز اڳيان بہ رستا هئا. عبدالقادر کي بچائڻ جي ڪوشش ۾ پاڻ ختم ٿي وڃي يا ٽڪڙي خبر آڻي، بيهوش سردار کي بچائڻ جي ڪوشش ڪري. هو ڪنهن فيصلي تي ڪو نہ پهتو هو تہ عبدالقادر گوليءَ لڳڻ سان ڪري پيو ۽ ڊاڪٽر پوليس کي هٿ لوڏي چوڻ لڳو.

"هن جي سردار کي ٻيلي کان ٻاهر ويهاري آيو آهيان جلدي ڪري هن مٿان حملو ڪريو. پر منهنجي ٻن لکن جو انعام ڪو نہ وسارجو."

شاهنواز جي ڳالهہ اڃان پوري مس ٿي تہ اسان مٿان حملو ٿيو. عجب اهو هو، حملو پوليس جو نہ پر خيروءَ جي ٽولي جو هو. اسان هٿيار ڪو نہ ڪٿي سگهياسين ۽ چئني پاسن کان گولين جي بارش شروع ٿي وئي. خيروءَ جا ماڻهو سردار تائين پهچي ويا. هنن بيهوش سردار جي جسم مٿان ايترا فائر ڪيا جو ڪين ٻيهر رائفلون لوڊ ڪرڻيون پيون پوءِ مڇن کي تاءُ ڏيندي، هڪ شخص سردار جي لاش مٿان اهڙيءَ طرح اچي بيٺو، ڄڻ ڪو فاتح بادشاهہ هجي.

"سڀ کيل ختم ٿي ويو" هن وڏي واڪي چيو "مون هنڪي چيو هو، اسان ٻئي هڪ ئي پيشي جا ماڻهو آهيون چڱو ٿيندو تہ علائقا ورهائي ڪٺون ۽ پوليس ۽ پوتارن سان نهي هلون. پر هن منهنجي ڪا ڳالهہ ڪو نہ مڃي. هن تي تہ بس ڪو ڀوت سوار هو مون شاهوءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ پوليس کان اڌ ڪلاڪ گهريو هو. پوليس پويان ايندي هوندي ان کان اڳ جو پوليس هتي پهچي وڃي، مان توهان کي ايترو مشورو ضرور



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏينـدس تـہ جي جنت جي زندگي گذارڻ چاهيو تہ منهنجي ٽولي ۾ اچي شـامل ٿـجو هڪ تـہ ڏاڍا خوش گـذاريندءِ، ٻيـو پوليس کـان بـہ بچي ويندءِ. نہ تہ پوليس ۽ وڏيرا توهان کي ڪوئن جيئان ڳولهي ماريندا."

نيڪ ان وقت هڪ پاسي کان فائر ٿيو. گولي خيروءَ جي ٻانهن مان هلي وئي، خيروءَ جي ماٿهن گولي جي آواز تي، هڪ ٻئي پٺيان گولين جو وسڪارو لائي ڏنو. وٺن جي اوٽ ۾ ٻُئي ماٺهو اونڌي منهن هيٺ ڪري پيا. مون کين سچائي ورتو. وڙهڻ ۽ ڏاڍن سا هنن جو ڪو واسطو ڪو نـہ هو هڪ جي ذمي ٿـانو صفا ڪرڻ، ٻئي جي ذمي رڌ پچاءُ هو ٿيون ويچارو ڪڏهن ڪڏهن نچي ڪڏي اسان جي دل وندرائيندو هو. اهو ڏسي منهنجي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا، جن کي اسان بيڪار سمجهيو هو، سي بہ اڄ پنهنجي سردار مٿان قربان ٿي ويا.

خيرو ان اچانڪ گولي سبب وائڙو ٿي ويو. پوءِ هو هڪدم پنهنجي ساٿين سان جيپ ۾ چڙهي هليو ويو، هن جو ڪم تہ بيهوش سردار جي مارڻ بعد ٿي چڪو هو. منهنجو دماغ چڪرائڻ لڳو. زندهہ بچي ويل ساٿين کي گڏ ڪري چيم تہ هو ٿوري دير لاءِ پنهنجي زخمن ۽ ڦٽن کي وسـاري، مـرحـوم سـردار ۽ ٻين سـاٿين جي لاشن کي پـوليـس جي هٿ چڙهڻ کان بچائي وٺن.

اسـان سـيني، پوليس جي اچڻ کـان اڳ ۾ تـيزيءَ سان لاشن کي بي حرمتيءَ کان بچائڻ لاءِ ٻيلي ۾ پهچائي ڇڏيو. خيروءَ غلط ڪو نـہ چيو هو. پوليس ۽ فوج جو وڏو ڪٽڪ اسان جي پويان پهچي ويو. پر ڪو لاش نـہ ڏسي، سندس حالت عجيب ٿي وئي. هنن چوڌاري پنهنجي ليڪي گولين جو وسڪارو ڪيو. ڪنهن ڪهيري اندر قاسجڻ جي ڊپ کان ٻيلي ڏانهن گوليون وسائيندا، پٺتي هٽي ويا. هنن ڪيترا دستي بم پڻ اڇليا، جن ٻيلي ۾ چڱي پنڌ تائين باهہ لڳائي کين سرڪاري بارود جو استعمال چڱي طرح آيو ٿي. ملڪ ۽ قوم جي دولت کي ايذيءَ بي درديءَ سان ساڙيندي، ڪانئن ڪو پڇڻ وارو هيو ئي ڪو نہ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ١۴

راتِ ڪفن دفن ۾ گذري وئي اسان مان هر هڪ غمگين هو اکين ۾ ڳوڙهن نہ هوندي بہ دليون روئي رهيون هيون.

"بهادر" هڪ ساٿي چيو "ٽولي کي نئين سر ناهڻو پوندو."

"نہ قلندر، سردار سان گڏ ٽولو بہ ختم ٿي ويو". ڪين وراڻيم.

"سردار تہ چوندو هو تون ئي هن جي جاءِ والارينديـن."

"مون کان اهو ڪم ڪو نہ پڄي سگهندو" چيم "جيڪا ٿوري گهڻي همت هيم بہ سهي تہ سردار جي موت بعد اها بہ ٽٽي پئي اٿم"

مون سيني ڏانهن نظرون گهمائيندي چيو "جي توهان مان ڪو نئون ٽولو ناهي تہ ٺيڪ نہ تہ منهنجي طرفان سيني کي اجازت آهي چاهيو تہ ڪنهن ٻئي ٽولي س
ان وچي شامل ٿيو يا مون جيئان انسان بڻجڻ جي ڪوشش ڪريو."

"انسان بڻجڻ جي ڪوشش"! هڪ سيني کلي ڏنو "هن بگهڙن جي دنيا ۾"

"منهنجي خيال ۾ دنيا ايڏي خراب ڪونهي جيڏو اسان ان کي سمجهيو آهي" چيم

"ٺيڪ آهي، پنهنجو اهو ارمان بہ پورو ڪري ڏس" هڪ چيو "جي بگهڙن تو کي هڙپ ڪرڻ کان بچايو تہ وري بہ هتي موٽي اچڻو پوندو، پر ان وقت گهڻي دير ٿي چڪي هوندي. ڪي نوان ٽولا وجود ۾ اچي چڪا هوندا ۽ ڪيترا خيروءَ سان شامل ٿي چڪا هوندا ۽ سردار جو خواب ايئن اڻ پورو رهجي ويندو."

ٻئي ڏينهن سردار جي ڇڏيل دولت کي پاڻ ۾ حصا، پتي ڪري ورهائڻ جو فيصلو ٿيو. مون کي هٿيارن جي ضرورت ڪو نہ هئي. اُهي منهنجي ڪم جا ڪو نہ هئا. اسان انهن ڳالهين ۾ مصروف هئاسين تہ واحد بخش ظاهر ٿيو. هن جو پنهنجو ٽولو هو، جنهن جو اصل ڪم اسمگلنگ هو. هو سردار کي بہ ضرورت وقت هٿيار ۽ بارود وڪڻي ويندو هو هن جو پنهنجي ملڪ کان سواءِ ٻاهرين ملڪن ۾ بہ اثر هيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وڏين حيثيتن وارين شخصيتن جي سائنس پائيواري هئي، هن کي الائي
ڪيئن ايترو تڪڙو سردار جي موت جي خبر پئجي وئي.
"ايئن ڪو نه ٿيندو" هن اچڻ سان چيو "ٽولي کي ٽٽڻ ڪو نه ڏبو
جي ڪنهن ان کي ٽوڙڻ جي ڪوشش ڪئي ته ان جو خير نه هوندو.
جنهن کي وڻو آهي ته آهو پلي هليو وڃي...." هن مون ڏي گهوريندي چيو.
مون اتي ڪري چيو "توکي اسان مٿان پنهنجي مرضي مڙهڻ جو حق
ڪنهن ڏنو آهي"
"۽ توکي وري ٽولي ٽوڙڻ لاءِ ڪنهن چيو آهي"، چيائين "هي ٽولو
جنهن ڪان وڏا محل لڏندا رهيا آهن، ڪو نه ٽٽندو. مان ايئن ڪرڻ ڪو
نه ڏيندس. سردار جي ملڪيت پڪڙڻ جيئان ورهائڻ ڪو نه ڏيندس."
"ڏس واحد بخش" چيم "ٽولي کي نئين سردار جي ضرورت آهي،
جڏهن ته مان سردار بڻجڻ ڪو نه ٿو چاهيان تون ڪين متحد رکين ته
ٺيڪ آهي." جهٽ لاءِ گهري ماٺ ڇائنجي ويئي ان خاموشيءَ کي قلندر
ٽوڙيو. چيائين "بهادر ويو ته دنيا جي ڪا به طاقت هن ٽولي کي ٽٽڻ
کان ڪو نه بچائي سگهندي بهتر آهي ته پنهنجو حصو ورهائي واندو ٿجي".
"حصا ڪو نه ورهائبا" واحد بخش چيو "منهنجي جيئري ايئن ڪو
نه ٿيندو. جيڪڏهن ڪنهن حصي ورهائڻ جي ڪئي ته رت ئي رت هوندي."
"چوڙيون اسان به ڪو نه پاتيون آهن" قلندر بخش کي جوش اچي
ويو "اهو دڙڪو ڪنهن رن زال کي وڃي ڏي. اسان ٽولو ٽوڙيون يا
جوڙيون، تون ڪير ٿيندو آهين وچ ۾ ٽپي پوڻ وارو؟"
مون کي توهان جهڙن دلير مڙسن جي دليري ئي ته پسند آهي". هن
چيو "ٽٽندا ته هوا ۾ وکري ويندا. سچي قوت ختم ٿي ويندي، دشمن
اڳ ۾ ئي توهان جي تاڙ ۾ آهي مان توهان سان وڙهڻ ڪو نه آيو آهيان
پر توهان کي متحد ڪرڻ آيو آهيان توهان جي سردار جي غريبن جي
دلين مٿان حڪومت هئي ۽ ظالم کي ايرڻ جو نئون موقعو ملي ويندو.
وڏيرا، پاتاريدار ۽ پوليس هن جي نالي ٻڌڻ سان ڪنبي ويندا هئا. هو
غريبن جو سهارو هو جي توهان جو ٽولو ٽٽو ته غريبن جي رهي سهي
عزت به محفوظ ڪو نه رهندي."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"چئي ته سچ ٿو" "ٽولي مان آواز آيو "ٽولو ٽٽڻ نه گهرجي"
مون کي واحد بخش جي اکين ۾ هڪ عجيب چمڪ نظر آئي. مون من جي اکين واري چمڪ ڪٿي ڏٺي ضرور هئي.
"خوشيءَ جي ڳالهه آهي، جو ٽولو ڪٺو رهڻ چاهي" چيم "پنهنجو سردار چونڊيو ۽ مون کي وڃڻ جي اجازت ڏيو."
"تو کي ڪنهن روڪيو آهي؟" واحد بخش وراڻيو.
مان اٿي بيٺس سردار واريءَ لانڍيءَ ڏانهن وڌڻ لڳس.
"ايڏانهن ڪيڏانهن ٿو وڃين؟" هن شوخائي مان چيو.
"پنهنجو حصو کڻڻ" وراڻيم.
"ڇا جو حصو"؟ چيائين.
"پنهنجو حصو پيو ڇا جو؟
"پنهنجي گهران ڪٿي آيو هئين ڇا؟"
"ڇا مطلب؟" چيم.
"سردار جي امانت جا حصا ڪو نه ٿيندا تون جيئن آيو هئين، خالي هٿين وڃي سگهين ٿو" هن آڪڙ جي چيو "چڱو ٿيندو جو صحيح سلامت هليو وڃين."
۽ تڏهن اچانڪ ياد آيم هن جي اکين ۾ چمڪ "ٻليءَ جي اکين واري چمڪ هئي، جا ان وقت پيدا ٿيندي آهي جڏهن هوءَ ڪُوئي مٿان ٽپو ڏيڻ جي تياري ڪري چڪي هوندي آهي. مان ماٺ ۾ موٽي پيس.
"ڏس واحد بخش، تون جيڪو سوچين ٿو، ان ۾ ڪامياب ڪو نه ٿي سگهندين. مان پنهنجو ارادو بدلائي ڇڏيو" سندس اکين ۾ گهوريندي چيم. "مان سردار جي اڌوري ڇڏيل مقصد کي آخر تائين پهچائڻ جي ڪوشش ۾ سردار جيئان مري ويندس يا پار پوندس."
"ڇا؟" هن جي اکين جي اها چمڪ اچانڪ وسامي وئي. سندس چپن تي ڪوڙي مرڪ تري آهي. "مون ته مذاق ٿي ڪيو. تو کي پنهنجي حصي کڻڻ کان ڪير روڪي سگهندو."
"نه" وراڻيم "مون پنهنجو فيصلو سوچي ڪيو آهي مان پنهنجي ساٿين سان غداري نٿو ڪري سگهان. مون کي پنهنجي حصي جي نه، پر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پنهنجي ساٿين جي ضرورت آهي.“

”پر تنهنجي ساٿين کي تنهنجي ڪا ضرورت ڪونهي.“ هن پلٽو کاڌو. ”تون هن کي ڪنهن وقت به ڇڏي وڃي سگهين ٿو.“

”تو کي. ان چوڻ جو ڪو اختيار ڪونهي. مان ڄاڻان، منهنجا ساٿي ڄاڻن“ چيم.

پوءِ ڪنڌ ورائي پنهنجي ساٿين کي چيم ”دوستو، هي شخص جيڪو ڏسڻ ۾ اسان جو وڏو همدرد نظر ٿو اچي، اسان کي پنهنجو غلام بڻائڻ آيو آهي. هي توهان کان اسمگلنگ ڪرائيندو ۽ جڏهن پڪڙيا ويندا ته توهان جي ڪا مدد ڪو نه ڪندو. توهان هن جي خلاف ڪڏهن ڪو نه ڳالهائي سگهندا. هي حڪومت جو نه به ته ان جي اثر وارن ماڻهن جو پڪو ايجنٽ آهي. جي منهنجي ڳالهه تي يقين نه اچي ته هن کان پاڻ پڇو ته هِن جي اسان سان اچانڪ ايتري محبت ڇو وڌي وئي آهي“

”اسان کي تنهنجي ڳالهه جو پورو يقين آهي.“ هنن سيني چيو ”اسان ڪنهن به غير کي پنهنجو سردار بڻائڻ لاءِ تيار ڪو نه آهيون.

واحد بخش ڪلندي چيو ”توهان ماڻهو منهنجي ماڻهن جي گهيري ۾ آهيو. ملڪيت مان هڪ ڪک به کڻڻ ڪو نه ڏيندو سانوَ. جنهن به توري ڳڙ ٻڙ ڪئي، ڀڳڙن جيئان ڀڃي ويندو.“

”وڏيڪ گهٽو خوش نه ٿيءُ“ ڪيس چيم ”اسان اچڻ واري کي اچڻ ته ڏيندا آهيون پر واپس موٽڻ هن جي پنهنجي وس ۾ ڪو نه هوندو آهي. اسان پيلي جو اهو قانون سردار بعد به ڪو نه وساريو آهي. اهو ئي سبب آهي جو اڄ تائين هتي پوليس کي اچڻ جي جرئت ڪو نه ٿي آهي. ڪنڌ ڦيري ڏس، هر وڻ جي اوٽ ۾ تو کي اسان جي رائفل نظر ايندي. سردار بيشڪ مري چڪو آهي، پر سندس اصول اڄ به زنده آهن.“

هن ۽ سندن ساٿين ڪنڌ گهمائي ڏٺو ته اسان جا وڻن پويا لڪل ساٿي پنهنجي رائفلن سان نڪري ظاهر ٿيا. هو رڳو منهنجي اشاري جا منتظر هئا.

”هاڻي ٻڌاءِ“ ڪيس چيم. ”ڀڳڙن جيئان ڪير ڀڃندو؟“

”مان اهو ئي پيو چاهيان، تون سردار جي گادي سنڀالين هاڻي خوشي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سگهندس. بس چاهيان ٿو، ان کي ڪنهن اصول ۽ طريقي سان انجام ڏنو وڃي. ايئن نه ٿئي جو ڪنهن وڏيري تي، فقط ان لاءِ چڙهائي ڪريون، جو هو وڏيرو ڇو آهي، ان ۾ هن جو ڪهڙو قصور؟ هو ويچارو ته فقط ان ڪري وڏيرو آهي جو هو هڪ وڏيري جي گهر ۾ پيدا ٿيو. اسان کي ته ظالم وڏيرو گولهڻو آهي."

"اهڙيءَ طرح پوليس جي وردي پائڻ وارو هر شخص اسان جو دشمن نٿو ٿي سگهي. هنن ۾ به گهڻائي انسان آهن. مون کي پيلي کان پاهر وڃي، دوستن ۽ دشمنن ۾ فرق جي هڪ ليڪ ڪڍڻ جو موقعو ڏيو ته جيئن ائين نه ٿئي جو جن کي اسان پنهنجو دوست سمجهون، اسان جا دشمن هجن. ۽ جن کي پنهنجو دشمن ڄاڻو، سي اسان جا اصل همدرد ۽ خيرخواه هجن."

"اهو نه سمجهو، مان مرحوم سردار جي صلاحيتن کان منڪر ٿو ٿيان. نه هرگز نه. مان هنجي پيرن جي مٽيءَ برابر به ڪو نه آهيان هن جي سڀ کان وڏي خوبي اها هئي، جو هو هڪ ئي نظر ۾ دوست ۽ دشمن سڃاڻي وٺندو هو."

"مون ۾ هن جهڙيون اهي خوبيون ڪو نه آهن توهان جو سردار بڻجي وڙهندس ته ٿي سگهي ٿو ته توهان جهڙن پيارن ساٿين جي ئي هلاڪت جو سبب بڻجي پوان. ٿي سگهي ٿو دشمن کي دوست سمجهي ان هٿان پاڻ مري پوان ۽ توهان کي به مارائي وجهان."

"انهيءَ ڪري منهنجا ساٿيو، هاڻي به منهنجو فيصلو ساڳيو آهي. پنهنجا حصا ڪٺو ۽ پنهنجي مرضيءَ سان هتان هليا وڃو يا وڃي پنهنجو الڳ ٽولو ناهيو. ايترو ضرور چوندس، پر مان ڇا چوندس، قلندر بخش اڳ ۾ ئي چئي چڪو آهي، هڪ نه هڪ ڏينهن مون کي هتي واپس اچڻو پوندو."

"ساٿيو! مان واپس ايندس. ان وقت مون وٽ ڪو پختو پروگرام هوندو، مون کي خبر هوندي ته سڄڻ ڪير آهي ۽ دشمن ڪير ۽ اسان جي لڙائي ڇا لاءِ ۽ ڪنهن خلاف هوندي ۽ ان جو نتيجو ڇا نڪرڻ گهرجي."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"تون واقعي واپس ايندين؟" هڪ ساٿيءَ پڇيو.

"زنده رهيس ته ضرور ايندس" وراڻيم." اهو ٻڌائڻ لاءِ، اسان جو اصل دشمن اڃان زنده آهي يا اهو چوڻ لاءِ اسان جي ڪنهن سان ڪا دشمني ڪو نه رهي آهي."

"ڇا اهو ممڪن آهي، جو اسان جي ڪنهن سان دشمني نه رهي؟"

"نا ممڪن به ڪونهي" مرڪندي وراڻيم "انسان کي حيوان بنجڻ ۾ ڪجهه دقت پيش اچي سگهي ٿي، انسان کي انسان بڻجڻ ۾ ڪهڙي پريشاني درپيش ايندي."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ١٥

منهنجي حصي ۾ جيڪا رقم آئي، اها ايتري هئي جو گهٽ ۾ گهٽ ٻن سالن تائين ماٽ ڪري آرام سان گهر ويهي گذاري ٿي سگهيس. شهر پهچڻ شرط پنهنجي لاءِ ٻن ڪمرن وارو ڪرائي جو گهر ورتم. ٻن مهينن جي مسواڙ ڏئي هڪ پيتي ۽ هنڌ (بسترو) خريد ڪري وچي گهر ۾ وينس. ٻن ڏينهن تائين خالي گهر ۾ پيو رهيس. ٻاهر ويس ٿي ته رڳو ماني کائڻ لاءِ.

اڪيلائيءَ جا اُهي ٻه ڏينهن منهنجو ذهن، خيالن جو آکاڙو بڻيو رهيو. ننڍپڻ کان وٺي هن مهل تائين گذريل حالتون ۽ واقعا نظرن ۾ ڦرندا رهيا. ڳوٺ، جنهن ۾ ڄائو هوس، جون گهٽيون ۽ ڪچا پڪا گهر اکين اڳيان ايندا رهيا. اسڪول، جنهن ۾ مون الف. ب پڙهڻ شروع ڪيو هو. منهنجي تعليم سان گڏ مٿي چڙهندو، هاڻي وچي هاءِ اسڪول بڻيو هو. قابل ۽ مهربان استاد ننڍپڻ جا ساٿي، بزرگ ۽ پاڙي جون ماسيون ۽ چاچيون ياد اچڻ لڳيون.

منهنجي حالت هڪ اهڙي فلمي هيرو واري هئي، جيڪو ڪنهن حادثي ۾ پنهنجي يادگيري وڃائي چڪو هجي ۽ هاڻي ڪيس آهستي آهستي اُهي پوئيون ڳالهيون ياد اينديون هجن. کهڙو نه خوبصورت ڳوٺ هو. کهڙو نه قرب هو پنهنجن پراوَن. ۾ ڳوٺ جي وچ ۾ هڪ واريءَ جو دڙو هو، جنهن تي شام جو سڀ ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون راند ڪيڏندا هئاسين. دڙي جي پاسي ۾ اسان جو ننڍو گهر هو ۽ ٻئي گهر ڇڏي، چاچي جو گهر هو، جنهن ۾ هڪ ننڍڙي ڇوڪري، مون جيڏي، هٿن ۾ رسي جهلي ٽپا ڏيندي هئي. مون کي اڄ به سندس نالو ياد هو. ڇو ڪو نه؟ هوءَ منهنجي سوٽ ۽ منهنجي مڱيندي هئي. زينت شروع کان ئي منهنجي هر ڳالهه مڃيندي آئي هئي. هن منهنجو چوڻ ڪڏهن موٽايو ئي ڪو نه هو.

ماني جڏهن ٻه بابي سان شهر يا ميلو گهمڻ ويندو هوس ته هن لاءِ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڇوڙيون، واليون يا هار وني ايندو هوس ۽ ڪڏهن جليبيون پڻ آڻيندو هوس. زينت ڪجهه وڏي ٿي ته ماني پچائڻ سکڻ لڳي. چاچي هميشهه سندس پڪايل مانين مان پٺي وِڏون ڪيندي هئي. ڪيس چوندي، ڪچيون مانيون ٿي پچائين، جيڪو ڪائي تِنهنجي پيٽ ۾ سور. پر مان سندس ڪچيون مانيون شوق سان کائي ويندو هوس پر منهنجي پيٽ ۾ ڪڏهن سور ڪو نه پيو.

مان ميٽرڪ ۾ ته زينت اٺين ڪلاس ۾ هئي. چاچي اڪثر امڙ کي چوندي هئي، پنهنجي امانت سنڀالي وٺو، اسان ڪيترو پاڻ وٽ سنڀالي رکنداسين. مان ان زماني ۾ ڪجهه وڌيڪ بيوقوف هوس. بيوقوف ته خير هاڻي به آهيان سوچيندو هوس، هو زينت کي پنهنجي گهر وٺي ڇو ڪو نه ٿا اچن. هوءَ امڙ جي ڪم ڪار ۾ هٿ ونڊائيندي ته منهنجي دل به پڙهائيءَ ۾ لڳي رهندي. هن ڪان سواءِ منهنجي طبيعت به پڙهڻ ڪان بيزار ٿيڻ لڳندي هئي.

بابي سائين ٿي ته مون کي وڏي آفيسر بڻائڻ جو شوق سوار هو. چوندو هو، ننڍپڻ جي شادين جو هاڻي زمانو ڪونهي. هن پنهي جي جيڪڏهن هاڻي ئي شادي ڪبي ته پڙهڻ بجاءِ ٻارن ٻچن ۾ قابو ٿي ويندا.

ميٽرڪ بعد، هو پنهنجا ٻني جريب زمين جا وڪڻي، منهنجي تعليم خاطر اچي شهر ۾ ويٺو. ڳوٺ ڇڏڻ وقت اسان سان گڏ سڀئي ڳوٺ وارا اداس هئا. وڃڻ ڪان پهريون، زينت سيني عورتن کي نظر انداز ڪندي، منهنجي ڪمري ۾ هلي آئي ۽ ماٿ ڪري گونگا ڳوڙها ڳاڙڻ لڳي. ڳوٺ جي تاريخ ۾ اهو پهريون موقعو هو جو ڪنهن ڇوڪريءَ ايڏي بي شرمي ڏيکاري هجي. ممڪن آهي بعد ۾ ڪن عورتن ڪيس بي شرم ۽ بي حيا به چيو هجي. مگر ان وقت، ٻاهر ويٺل عورتن جي اکين ۾ خود بخود ڳوڙها هئا. جڏهن پنهنجي ڳوڙهن کي لڪائڻ لاءِ زينت ڪان منهن پاسيرو ڪيم، ان وقت امڙ ڪنگهندي اندر آئي ۽ زينت کي پنهنجي ڀاڪر ۾ ڪري ٻاهر وٺي وئي.

پورو سال گذري ويو، منهنجي شهر ۾ دل ڪو نه لڳي جڏهن به ڪو وجهه ملندو هو ته ڳوٺ ڀڄي ويندو هوس. ڳوٺ ۾ جيڪڏهن دوست



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ضرور ملاقات ٿي ويندي. مان بازار ۾ ڦرڻ جو عادي ڪو نہ هوس. پر هن جي ڳولهڻ لاءِ واندو وقت شهر جي گهٽين ۽ چوڪن تي ڦرندو رهيس. مون کي چاچي جي ڳولها هئي. پر شهر ۾ جيڪو شيطان جي آنڊي جيئان ڏکهو ٿئي، هن جو ڪو پتو ڪو نہ پئجي سگهيو. ڇوڪرين جي ڪيترن ئي اسڪولن مان معلوم ڪيم. هڪ اسڪول ۾ زينت نالي هڪ ماستريائي هئي. پر هوءَ اُها ڪو نہ هئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ١٦

انهن ٻن ڏينهن ۾ مون کي هر اها ڳالهه ياد آئي، جنهن کي مان وساري ڇڪو هوس يا وسارڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو هوس. انهن ۾ هڪ اها ڇوڪري به هئي، جيڪا مون کي بس ۾ نظر آئي هئي. هڪ نوران به هئي جنهن جي زندگيءَ جون سڀ خوشيون فقط ان لاءِ اجڙيل هيون جو هوءَ غريب پيءُ جي ڌيءَ، شريف ۽ خوبصورت هئي.

نوران ياد آيم ته ڪمري ۾ ويهڻ مشڪل ٿي پيو. ڪيس ڪنهن مضبوط سهاري جي ضرورت هئي. هن مون کي اکين ۾ ڇيو هو، هوءَ منهنجو انتظار ڪندي. هن کي پڪ سان منهنجو انتظار هوندو. مون کي خود، پنهنجي جوانيءَ جي ٽاڪ منجهند ۾ ڪنهن جي پيار جي ڇانوَ جي ضرورت هئي. مان ايئن اڪيلو تتل اس ۾ گهمندي بيزار ٿي پيو هوس.

ٽئين ڏينهن مون ان پاسي جو رخ ڪيو، جتي نوران کي ڇڏي آيو هوس پر نوران ڪو نه مليءَ نه وري سندن جهوپڙي ئي هئي. لاڏائو ماڻهن جي وسندي هئي. هڪڙا ويا ٿي ته ٻيا آيا ڪنهن کي ڪنهن جي اچڻ وڃڻ سان ڪو غرض ڪو نه هو.

پوڙهي ٻڪرار ٻڌايم، نوران جي پيءُ ۽ چاچي کي اوچتو ڪٿان ڪا وڏي دولت هٿ لڳي هئي. سندس خيال هو، ڪو پوريل خزانو هٿ آيو هو. هن جو خيال غلط ڪو نه هو. اسان ڳڻ چور ڪو نه هئاسين. ويندي وقت جيڪا رقم بچي هئي ڪين ڏئي ويا هئاسين.

ٻڪرار کي چيم ”چاچا، تون دنيا ڏٺي آهي. توکي اندازو هوندو، هو ڪيڏانهن ويا هوندا.“ پوڙهو مرڪڻ لڳو ”پٽ، دولت ايندي آهي ته ماڪوڙيءَ جيئان انسان جا به پَر نڪري ايندا آهن.“ چيائين ”فرق ايترو آهي جو انسان جا پَرَ نظر ڪو نه اچن. پر انجام ٻنهي جو موت ئي هوندو آهي.“

پوڙهو مرڪندو رهيو ”ماڪوڙي چمڪندڙ شين ڏانهن ڊوڙندي ختم ٿي ويندي آهي ۽ انسان چمڪندڙ شهرن جو رخ ڪندو آهي ۽ شهر هن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

کي پنهنجيءَ چمڪ ۾ ڏسڻ گهري ويندو آهي."

"نوران ۽ سندس ٻيءَ شهر ويا آهن."

"شهر ئي وڃڻ گهرجين." هن وراڻيو "دولت تہ اتيئي خرچ ڪري سگهجي ٿي. اسان غريبن جي علائقي ۾ تہ اسان جهڙا غريب ئي رهي سگهن ٿا. جي ڪنهن وٽ پيسا اچي وڃن ٿا تہ زمين تي پير ڪو نہ رکي. تون پاڻ ئي ٻڌاءِ، اهڙي ٻي ڪهڙي جاءِ آهي جتي پيسن مان فائدو وٺي سگهجي."

نوران شهر ۾ هئي. زينت بہ شهر ۾ ئي آئي هئي شهر جيڪو ڪنهن غريب جو دوست ڪو نہ ۽ امير جو دشمن ڪو نہ هو جتي شينهن ۽ ٻڪريءَ جي پاڻي پيئڻ جو گهٽ الڳ الڳ هو. انهيءَ شهر ۾ هو ٻئي هيون. زينت کي ڳولهندي اڳ ۾ ئي مايوس ٿي چڪو هوس ۽ نہ وري ان جو ڪو امڪان هو تہ نوران کي ڳولهي وٺندس.

جنهن نموني نوران جي تلاش ۾ ويو هوس، ان نموني خالي سوچون سميٽيندو واپس موٽي آيس. منهنجي زندگي ان ريگستان جيئان هئي جنهن جي حصي ۾ محبت ۽ پيار جي هڪ بوند بہ ڪو نہ هئي. مان پنهنجي هر شيءِ وڃائي چڪو هوس. ڪو اهڙو ماڻهو ڪو نہ هو جنهن جي ڪلهي تي ڪنڌ نمائي پنهنجا ڪٺي ڏک سور اوري سگهان.

منهنجي اندر هڪ نئين تبديلي ظاهر ٿي. مون پاڻ کي گهر ۾ بند ڪري، پنهنجيءَ پوئين زندگيءَ جي باري ۾ سوچڻ ۽ ڪڙهڻ ڇڏي ڏنو. ان آسري ۾ تہ شايد نوران ۽ زينت جو ڪو ڏس پتو ملي وڃي، شهر جي گهٽين ۾ واري سان گهمڻ ڦرڻ شروع ڪيم. ٿي سگهي، صبح کان شام تائين چڪر هڻندي ڪڏهن ساڻن دوبدو ٿي وڃان. مون کي پنهنجي چاچي جي بہ تلاش هئي، جيڪو شهر جي بازار ۾ يا ڪنهن ڪنڊ پاسي ۾ گاڏي تي ڪنجون ۽ جورابا وڪڻي رهيو هو. منهنجي سڄي جسم ۾ جستجو جي باهہ لڳي وئي. اندر ۾ ڪنهن پنهنجي کي ڳولهي هٿ ڪرڻ جي تڙپ پيدا ٿي چڪي هيم.

هڪ ڏينهن ايئن بازار ۾ رلندي رلندي پنهنجي ٻيلي جي هڪ پراڻي ساٿيءَ سان ملاقات ٿي وئي. الله ڏنو مون سان گڏ گهٽين ۾ ڪاروائين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۾ شامل رهيو هو. هن ڪان خبر پيم، سردار جو ٽولو ٽڙي پکڙي ويو هو. انهن مان گهڻا تہ وڃي خيروءَ جي ٽولي ۾ شامل ٿي چڪا هئا. هڪ ساٿيءَ رمضان عليءَ پنهنجو الڳ ٽولو ٺاهيو هو. پر پوليس جي ڀيرينءَ چڪريءَ ۾ ئي مارجي ويو. ڪي اهڙا بہ هئا، جيڪي وڃي واحد بخش سان مليا هئا.

”تون چا ٿو پيو ڪرين“ ڪائنس پڇيم.

”شهر جو دستور آهي تہ جيڪڏهن ڪنهن ڪتي جي ڳچيءَ ۾ مالڪ جو پٽو ناهي پيل تہ ميونسپالٽيءَ وارا ان کي زهر ڏئي يا گولي هڻي ماريندا آهن.“ ورائيائين ”زنده رهڻ لاءِ ڪنهن نہ ڪنهن جو پٽو ڳچيءَ ۾ پائڻو پوي ٿو. مان خيروءَ جي ٽولي ۾ شامل ٿيو آهيان.“

ڏاڍي حيرت ٿيم. الله ڏنو، جيڪو ڪڏهن پاڻ کي عزت ۽ اعليٰ خاندان مان ڳڻائيندو هو ان ڳالهہ تي بہ وڏو ناز ڪندو هو تہ سندس خاندان هر دور ۾ بادشاهن ۽ حڪمرانن سان وزيرن ۽ مشيرن جي حيثيت ۾ رهيو هو، اڄ پاڻ کي ڪتي سان ڀيٽ ڪري رهيو هو.

ڪائنس ان انقلاب جو سبب پڇيم تہ سندس اکين ۾ ڳوڙها تري آيا. چيائين ”پنهنجي طور اسان ڪٿي ڪيترو ئي سٺو ٻڌڻ جي ڪوشش ڇو نہ ڪريون، هيءَ دنيا چڱو ٻڌڻ ڪو نہ ٿي ڏي. تو جيئان مون بہ سوچيو هو، سيڪنڊهہ ڇڏي گهر هليو ويندس ۽ ٿوري گهڻي محنت ڪري پنهنجو گذران ڪندس.“

”مون بہ پنهنجي گهر، پنهنجيءَ زال ۽ پنهنجي ٻارن ٻچن جو سپنو ڏٺو هو“ هو ڏک مان چوندو رهيو“ پر ٻيلي مان اڃان ٻاهر ئي ڪو نہ نڪتو هوس جو خيروءَ جي ماڻهن جي هٿ چڙهي ويس.“

چيائون، ”ٽولي ۾ شامل ٿيءُ يا وري پاڻ کي پوليس جي هٿان گرفتار ٿيڻ لاءِ تيار ڪر.“

”ان جي معنيٰ مان خوش قسمت آهيان جو بچي نڪتو آهيان“

”اهو تہ وقت ئي ٻڌائيندو“ چيائين ”خيرو تنهنجي ڳولها ۾ آهي مان هن کي نہ بہ ٻڌايان، پوءِ بہ هن جا ايجنٽ تو تائين پهچي ويندا.“

”هن جا ايجنٽ؟“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”ها بهادر، پوليس وارا ۽ وڏيرا هن جي ايجنٽن جو ڪم ڪن ٿا.“

هن چيو ”اهو ته مون ڪي ٽولي ۾ شامل ٿيڻ بعد ئي معلوم ٿيو خيروءَ جي هر ڪاروائي ۾ پوليس پاڻ برابر جي شريڪ آهي. گهڻو ڪري ڪنهن وڏي ڌاڙي جو منصوبو پوليس پاڻ ئي ٺاهي ڏيندي آهي. لڳي ٿو، پوليس ۽ خيرو ٽِج - پياڪ يائر آهن.“

”الله ڏنا“ چيم. ”مون خيروءَ کي ڪڏهن سٺو ڪو نه سمجهيو مون کي ساڻس هميشه نفرت رهي.“

هن چيو ”هڪ ٻي ڳالهه به سمجهي ڇڏ. هن جا هٿ ڏکيا آهن جي هڪ ڀيرو ڪيس هٿ اچي وڃن ته ڪو نه ڇٽي سگهندين.“

”دل ننڍي نه ڪر. مان ايترو ڪمزور ڪو نه ٿيو آهيان. تون ڪيس منهنجو ڏس ڏجانءِ ڏسان ته ڇا ٿو ڪري“

”منهنجي ٻڌائڻ جي ضرورت ڪو نه پوندي“ وراڻيائين ”خود ئي تنهنجو پتو لڳائي وٺندو ٿي سگهي هن کي خبر هجي. پر چاهيندو هجي، تون ڪجهه ڏينهن ٻلي گهمي ڦري وٺ.“

”ڇڏ انهن ڳالهين کي“ مرڪي چيائين ”تو اهو ته مون کان پڇيو ئي ڪو نه، مان هتي ڇا لاءِ آيو آهيان.“

”سامان سودو وٺڻ آيو هوندين؟“ چيم

” نه اهو ته هتان جا وڏا سيٺيون پاڻ پهچائي ويندا آهن“ هن مرڪي چيو ”مان ته هتي عياشي ڪرڻ آيو آهيان. خيروءَ ۾ ٻلي ٻيون هزار خاميون ڇو نه هجن، هو پنهنجي ماڻهن جو هر خيال رکندو آهي مان اڄ رات بازار ۾ گذاريندس. تون به مون ساڻ گڏ هل. ٻه ڇٽا ٿينداسين، ڏاڍا ٻوڪ نڪاءَ ٿيندا.“

”مان؟ نه يار، مان ڪو نه هلندس.“ ڪيس چيم.

”ٻلي ۾ اڪثر چوندو هئين، عورت دنيا جي تمام وڏي نعمت آهي. ياد ڪو نه ٿي؟“

”ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي عورت خاطر انسان جنت کي ڇڏي ڏنو.“ وراڻيم.

”پر الله ڏنا جڏهن مان عورت ٿو چوان، ان مان منهنجي مراد عورت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٿي آهي. نه ڪي ويڪائو مال، جنهن مٿان هر گهڙيءَ واڪ ڏنو وڃي، مون ڪي ڪنهن جي الٽي ڪيل شئي ڪو نه وٽي.“

”پڌو نه ٿي، بڪ ۾ حرام به حلال آهي.“ چيائين.

”پر ايترو بي حال ڪو نه بٺيو آهيان جو ڦٽي ڪيل هڏين کي چوسڻ لڳان.“

”تنهنجي مرضي.“ مرڪي چيائين ”جيئرا آهيون ته ملاقات پئي ٿيندي پئي پيري رات تو وٽ رهبي چگو وري گڏ.“

الله ڏنو هليو ويو مون انڪار ڪيو پر حقيقت ۾ هن جي ان آڇ تي منهنجو سڄو جسم ڪوري جيئان ڀري پيو مون ڪيس ڪوڙ چيو مون ۾ بک سهڻ جي قوت بلڪل ڪو نه رهي هئي. آهستي آهستي منهنجو وجود ڏڪندو ٿي رهيو. مون پنهنجي جسم تي پاڪائيءَ شرافت جو ڪوڙو لباس چاڙهي رکيو هو. مون اهو وساري ڇڏيو هو، مان انهن شريفن منجهان آهيان جيڪا ماءُ جي تيجهي جي رقم به هضم ڪري ويندا آهن. ڇا مان ذاڙيل ڪو نه هوس؟ ڇا مون ماڻهن کي لٽيو ڦريو ڪو نه هو؟ ڇا منهنجي گولين سان انسانن جا موت ڪو نه ٿيا؟ پوءِ ڇا مطلب هو ان ڪوڙيءَ شرافت جو؟ سوچيم.

منهنجي جسم جو ذرو ذرو گناهن ۾ ٻڏل هو۽ گندگيءَ ۾ ٻريل هو. پوءِ به دعويدار هوس پاڪائيءَ ۽ شرافت جو، جنهن شخص جي سڄي زندگي گناهن ۾ گذري هجي. سو جيڪڏهن هڪ گناه ٻيو ڪندو ته ان سان ڪهڙو فرق پوندو؟ مون پنهنجي لاءِ سبب پيدا ڪري ورتو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ١٧

الله ڏني ڪان موڪلائي مان اچي پنهنجي گهر سمهي پيس. رات جي مانيءَ ڪائڻ به ڪو نه نڪتس ۽ سڄي رات بستري تي پاسا ورائيندي گذاري ڇڏيم ايئن تي لڳم، مان ٿالهن مٿان سٽل هجان. مون کي الله ڏني جي ڳالهه ميڻ گهربي هئي. زندگي مختصر ٿي ٿئي، ان کي هن نموني ضايع نه ڪرڻ گهرجي. سوچيم جي پيو ڪجهه نه ته گهٽ ۾ گهٽ اهو ڏسڻ لاءِ بازار ۾ عزت ۽ شرافت، حسن ۽ ناز نخرو ڪيئن ٿو نيلام ٿئي، وڃڻ گهرجي. هيءَ زندگي رڳو ان لاءِ ته ڪونهي جو ان کي زينت ۽ نوران جي تلاش ۾ اڌوهيءَ ڪان ڪارائي ڇڏجي.

الله ڏني جو چيو نه مڃي، مون هن مٿان نه پر پاڻ مٿان ظلم ڪيو. اهڙو ڪهڙو عيب رهيل هو جو مون ۾ نه هو چور، ڌاڙيل، قاتل، بدمعاش. فقط هڪ عيب نه هئڻ سبب، سڀ عيب مٿجي سگهيا ٿي ڇا؟ مان هاڻي به چڱو ڪو نه هوس ۽ بازا رم وڃي به چڱو ڪو نه رهان ها. نه شان گهٽجي ها نه وڌي ها.

صبح ٿيندي ٿيندي، منهنجي پاڪائيءَ جو پرم ٽٽي پيو. فيصلو ڪري ورتم. پاڻ کي وڏيڪ آڙاهه ۾ ڪو نه وجهندس الله ڏني کي ڏنل سڀ دليل شيشي جي چوڙين جيئان هڪ ٺي ڌڪ ۾ ٽٽي پيا. ان ڏينهن پهريون ڀيرو مون زينت ۽ نوران کي تلاش ڪرڻ جي ڪوشش ڪو نه ڪئي. ڏينهن جو گهٽو حصو شيوَ ڪرڻ، وهنجڻ، نئين جوڙي پائڻ ۽ ٺهڻ ٺڪڻ ۾ ايئن گذاري ڇڏيم، جڻ ڪٿان مانٽي جو رشتو اچڻ وارو هو يا وري ٿيندڙ ساهرن جي گهر وڃڻو هجي. منجهند جي ماني به چڱيءَ ريت کائي ڪو نه سگهيس. هڪ لڪيل ڪنبٽي هئي، جيڪا صبح کان شام تائين جان ۾ ڊوڙندي رهي.

سانجهي ٿي ته ڌڙڪندڙ دل ۽ ٿڙندڙ قدمن سان بازار ۾ داخل ٿيس ٻه ٽي قدم اڳتي مس وڌيو هوندس ته هڪ نوجوان، سندس عمر ويهه ٻاويهه سال مس هوندي، مون کي ٻانهن کان وٺي بيهاريو. هن وٺ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪيترين ئي ڇوڪرين جون اگهاڙيون ۽ اڌ اگهاڙيون تصويرون هيون. هو هڪ هڪ ڪندو مون کي ڏيکاريندو ويو. هر تصوير جي هڪ هڪ عضوي تي ايڏيءَ بي شرميءَ ۽ کليءَ زبان سان تبصرو ڪندو ٿي ويو جو حيرت ٿيم، ايترىءَ ننڍيءَ عمر ۾ هن وٽ معلومات جو ايڏو وڏو زخيرو ڪٿان هٿ آيو آهي. ورهين جي تجربيڪارن وٽ به ايتري جنسي ڄاڻ ڪو نه هوندي جيڪا هن وٽ هئي. ڳالهائيندي هو پنهنجي هٿن، اکين ۽ ٻانهن کي ايڏي مزي سان گهمائيندي سمجهائي رهيو هو جو خودبخود دل هرکي پئي. قوم جي ان نوجوان کي ڏسندي، نه ڄاڻان الائي ڇو مون کي ڪجهه ڏک محسوس ٿيو. سندس عمر لکڻ جي هئي نه کي اهڙين فحش ۽ گندين ڳالهين ڪرڻ جي. جيڪڏهن هو اسڪول يا ڪاليج جو شاگرد هو ته پوءِ الائي ڪيترن معصومن ذهنن کي گندو ڪيو هوندائين.

مون سندس چهري ڏانهن غور سان ڏسندي چيو ”نالو ڇا ٿي؟“

”نالو؟“ هو بي اختيار کلڻ لڳو ”هتي اچڻ وارا پنهنجو نالو وساري ويهندا آهن.“

هو وري کلڻ لڳو ”لڳي ٿو ڪا ڇوڪري پسند ڪو نه آئي. ڇڱو وٺ، هن نئين ڇوڪريءَ کي ڏس.“

هن ڪيسي مان هڪ نوجوان ڇوڪريءَ جي تصوير ڪڍي منهنجي هٿ ۾ ڏني. مان ڏسڻ لڳس ته هو هن جي عمر ۽ جسم جي تعريف بيان ڪرڻ ۾ شروع ٿيو. ڇوڪري واقعي ئي خوبصورت هئي. پر سندس وڏيون اکيون اداس لڳم. ڪاجل جو گهاٽو ڏورو به سندس اکين ۾ اداسيءَ کي لڪائڻ ۾ ناڪام رهيو هو. انهن اکين به سپنا ڏٺا هوندا. اهي سپنا ڪنهن ته لٽيا هوندا. هوءَ نوران ڪو نه هئي پر نوران جيئان اداس ضرور هئي. منهنجي دلچسپيءَ مان هن اندازو لڳايو. سندس تير نيڪ نشاني تي لڳو آهي خوش ٿيندي چوڻ لڳو ”نئون نئون آيو آهين، ان ڪري تو سان خاص رعايت آهي هزار جو مال فقط سَوَ (100) رپئي ۾. اهو ته اڌ حسن به ڪونهي منهن سان ڏسندين ته حسن جو پتو پئجي ويندءِ. بلو ڪر سَوَ رپين جو ۽ هل مون سان گڏ.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مون تصوير کي لفافي ۾ وجهندي چيو "سئو رپيو تو کي ڇو؟ ڇوڪريءَ کي نہ؟"

"ڇوڪريءَ کي دل ڏجانءِ" وراڻيائين "جي وڏيڪ خوش ٿئين تہ ڪيس سؤ هزار، پنج سؤ دل چاهي ڏجانءِ پر هي سؤ رپيا مون کي ڏيندين."

"ڇو؟" چيم "تنهنجي ڇا لڳي؟"

هن وراڻيو "تون تہ يار واقعي ڪو نئون آهين. تو کي ڪا خبر ڪونهي"

"نہ" وراڻيم "ٻڌاءِ ڪٿي"

چيائين "ٻهريون سؤ رپيو ڪڍ پوءِ پڇ" هو اڪيون ڳهمائي کلڻ لڳو "متان سمجهين، تو ڪان ڪو ڊڄان ٿو هتي غير قانوني ڪم ڪو نہ هلي هر ڇوڪريءَ جو اجازت نامو آهي."

"اجازت نامو؟"

"پوليس جو اجازت نامو ٻيو وري ڪهڙو" مون سندس هٿ تي سؤ جو نوٽ رکندي اکين ۾ سوالي نظرن سان ڏٺو.

"هاڻي ٻڌاءِ"

ڇوڪرو کلي ويٺو "مان هي نوٽ، امان کي ڏيندس."

"امان کي؟"

"ها امان کي اڄ کان هوءَ تنهنجي بہ امان ٿئي." چيائين "هن کي سڀ امان چون. امان هن مان منهنجو ۽ پوليس جو حصو ڪڍي باقي پاڻ وٽ رکندي. اهو بہ ٻڌايانءِ ڇا تہ ڪنهن جي ڪيتري ڪميشن آهي."

"ڇو ڪو نہ؟"

"مون کي هن سو رپئي مان ڏهہ روپيا ملندا پوليس جي ڪميشن مون کان ٻيڻ آهي امان جي ڪميشن پوليس کان ٻيٽي آهي. پنج روپيا نذر ۽ نياز واريءَ پيٽيءَ ۾ وجن. باقي جيڪي پنجويهہ رپيا بچندا سي بازار جي ٺيڪيدارن جي حصي ۾ ويندا."

"ڇوڪريءَ کي ڪجهہ ڪو نہ ملي؟"

"ڇو ڪو نہ ملي؟ هن کي ماني، ٽڪي، لٽو ڪپڙو ۽ رهڻ لاءِ گهر ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جهڙي پوڙهي عورت، جيڪا هيٺ ڪان مٿي تائين سون ۾ پوريل هئي ٻاهر نڪري آئي.

"ڇا ڳالهه آهي بالا." هن پڇيو.

مان ڪافي اڳتي وڌي چڪو هوس. هن جو جواب ته ڪو نه ٻڌي سگهيس، باقي هن ٻنهي جي ٺهڪ جو آواز منهنجي ڪنن تائين اچي پهتو. هو منهنجي بدحواسيءَ تي کلي رهيا هئا. منهنجا قدم اڃان وڌيڪ تيز ٿي ويا.

بازار کان نڪرندي، ڪنڊ تي هڪ ٻئي نوجوان ٻانهن کان ورتو. هو پهرين کان قد ۾ عمر ۾ ننڍو هو، پر سندس عقابي اکيون ايتريون تيز هيون جو هو مون کي ڏسندي ئي سڃاڻي ويو ته جهڙو ويو، اهڙو ئي واپس ٿو اچي. هن کلي چيو.

"بلڪل خالص مال اعليٰ خاندان هڪدم شريف اسڪول ۽ ڪاليج جون ڇوڪريون اچي هي ڏس." هن کيسي مان ڪجهه فوٽو ڪڍي ڏيکارڻ جي ڪئي.

جذبا ۽ احساس ئي نه رهيو، پر منهنجي دل ۽ دماغ به ڄمي چڪو هو. مون انتهائي بي رخيءَ مان سندس هٿ کي جهٽڪو ڏنو ۽ اڳتي وڌي ويس.

زندگيءَ جو اِهو پهلو ڪيترو نه ڀيانڪ هو. انسان موجود هو، انسانيت دم ٽوڙي چڪي هئي. عزتون ۽ آبرو وڪامي رهي هئي. اجازت نامو جاري ڪري، قانون پنهنجي ڪميشن حاصل ڪري رهيو هو. پوليس پنهنجو حصو وصول ڪري فرض جي پوئواري ڪري رهي هئي. مستقبل جي سائنسدانن ۽ دانشورن جون خدمتون ليبارٽرين ۽ لائبررين بجاءِ بازارن جي حوالي هيون.

جنهن ملڪ جي نوجوانن کي اٿندي ئي ايڏي تفصيلي جنسي معلومات حاصل ٿي چڪي هجي، ان ملڪ جي ترقيءَ ۾ اڃان ڪهڙو شڪ ڪري سگهجي ٿو. مرحوم سردار اڪثر چوندو هو ته، جتي پوليس هجي، اتي هر برائي جي اميد ڪري سگهجي ٿي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ١٨

خيالن ۾ واپس تي آيس ته هڪ سينما هال جي ويجهو هڪ گاڏي واري ۽ سپاهيءَ جي وچ ۾ تيز ڳالهائڻ جو آواز ڪن پيو. ماڻهن جو ميڙ جڻ تماشو ڏسي رهيو هو. مون کي اهڙن منظرن کان دلي ڪوفت چڙهندي آهي. مون اوڏانهن ڪو ڌيان ڏيڻ ڪو نه چاهيو اڳتي وڌي ويس پٺتي قدم مس وڌير ته پنهنجو پاڻ بيهي رهيس گاڏي واري جو آواز ڄاتل سڃاتل لڳم.

منهنجو خيال غلط ڪو نه هو. اهو آواز منهنجي چاچي جو ئي هو.

”پهريون مون کي اِهو ٻڌاءِ ته منهنجو ڏوهه ڪهڙو آهي.“ هو چئي رهيو هو ”مان پابنديءَ سان پنهنجو مقرر ڀتو ڪو نه تو ڏيان؟ ان کان سواءِ جڏهن توهان جو ڪو ماڻهو آيو آهي ته ان کي چانهه پاڻي به ضرور ڪرائي اٿم پوءِ به مون کي تو هٽان هٽائين.“

ميڙ مان ڪنهن چيو.

”نئون گاڏي وارو سالو اٿس.“

”بڪواس نه ڪر“ سپاهي ميڙ ڏي منهن ڪري رڙڪئي پوءِ چاچي کي چيائين ”آخري ڀيرو تو پڇان، پنهنجو گاڏو هٽائيندين يا ڪو نه؟“

ان کان پهريون جو چاچو جواب ڏي، مون وچ ۾ ٽپي چيو ”جي نه هٽائي ته پوءِ؟“

”هاٿي ڏي ورندي“ ميڙ مان آواز آيو ۽ ان سان گڏ زوردار ٽهڪ چاچي حيرت ۽ خوشيءَ مان مون ڏانهن ڏٺو ”اڙي پٽ، تون؟“

مان جهڪي ڪيس پيرين پيس ”ڳالهيون بعد ۾ پهريون هن سان پڇڻ ڏي“ سپاهيءَ جي ڪر ۾ غالبن پهريون ڀيرو مداخلت تي هئي هو ڪاوڙ مان پنهنجو چپ ڪائڻ لڳو. چيائين ”ان جو نتيجو چڱو ڪو نه نڪرندو هيءَ سرڪاري زمين آهي“

ميڙ نه اڳ ۾ ئي سپاهيءَ جي خلاف هو. ماڻهن گڏجي چيو ”بس رڳو هيءَ زمين ئي سرڪاري آهي باقي ٻيا گاڏا سرڪاري زمين مٿان ڪو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نہ بيٺا آهن؟"

سپاهيءَ بيوسيءَ مان چيو "سرڪاري ڪم ۾ مداخلت نہ ڪريو مان اعليٰ عملدار جي حڪم جي تعميل ٿو پيو ڪريان."

چاچي تکڙ مان چيو "اهو ڪوڙ آهي مٿان ڪان حڪم مليا هجن ها تہ سيني لاءِ نہ ڪي رڳو منهنجي لاءِ اصل ۾ هي ڪنهن پنهنجي ياڻي بند ڪي هٿي بيهارڻ ٿو چاهي."

"تو ڪي رڳو هن غريب جي ڳاڏي هٽائڻ لاءِ چيو اٿائون؟" اڪيون ڏيکاريندي چيم سپاهيءَ ڪي پورو اندازو ٿي چڪو تہ سندس ڪم بگڙجندو ٿو وڃي.

"وڏيڪ تنهنجي مرضي" هن انتهائي بي حيائيءَ مان چيو "مان وڃي رپورٽ ڪندس پلا چانهہ پاڻيءَ جا پنج روپيا."

مون چماٽ اولاري چيو "اچي وٺ" پر چاچي هٿ روڪي ورتو هو دهشت ۾ وڃي پرسان ويٺل ڪٽي مٿان ڪريو چاچي کيس هٿ ڪان وٺي مٿي اٿاريندي چيو.

"دل ۾ نہ ڪجو جوان خون آهي، جلدي جوش ۾ تو اچي وڃي اچي هي ڏهہ رپيا."

مون دنيا ۾ وڏي ڪان وڏا بي شرم ڏٺا هوندا پر اهو سپاهي سڀ ڪان ڳوءِ کٽي ويو. هو چپ چاپ ۾ ڏهين جو نوٽ وٺي پنهنجي وردي چنڊيندو هليو ويو چڻ ڪجهہ ٿيو ئي ڪو نہ.

چاچي وڏيڪ دڪانداري ڪو نہ ڪئي ڳاڏي ڪي ڪپڙو ويڙهي، رسي ٻڌي، مون سان گهر ڏانهن روانو ٿيو. رستي ۾ هن بابي ۽ امڙ جي باري ۾ سيئي ڳالهيون پڇي ورتيون ۽ پنهنجيون ڳالهيون ڳوڙهن ۽ سڏڪن ۾ ٻڌائيندو رهيو. منهنجي اکين ۾ بہ ڳوڙها اچي ويا.

زينت جي شادي ڪو نہ ٿي هئي شهر آئي تہ ميٽرڪ ڪري چڪي هئي پوءِ هن هڪ پرائمري اسڪول ۾ ماستري ڪئي ۽ پرائيويٽ امتحان ڏئي انٽر ڪري ورتائين بعد ۾ هن پرائمري ٽيچنگ ڪورس بہ ڪري ورتو هاڻي هوءِ سانس هڪ ڪوارٽر ۾ ٿي رهي

"زينت ماشاءالله روزگار سان آهي پوءِ بہ توهان ڳاڏو ٿا هٿو" چيم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

" نڪي جي سپاهين کان گهٽ وڌ پڌڻ جو ڪهڙو ضرور."

"تنهنجي خاندان ۾ اڄ تائين ڪنهن پنهنجي ڏيءَ جي ڪمائي ڪو نه کاڌي آهي." وراڻيائين "جيستائين هٿ پير سلامت آهن، همٿ باقي آهي، پاڻ کي لاچار ڪو نه بڻائيندس."

"تون ڇا ٿو پيو ڪرين" مون کان پڇيائين

سندس سوال غير متوقع هو مان ڪيس ڇا ٻڌايان، جنهن خاندان جي عزت جي حفاظت ۾ هو هيو، مون ان کي مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏيو هو.

چيم "مان بي.اي ڪري هڪ هاءِ اسڪول ۾ ماستر ٿيو آهيان".

"اسڪول ماستر آهين؟" هن تعجب مان چيو "تنهنجو رعب ۽ لٽن ڪپڙن مان ته مون سمجهيو تون ڪو وڏو آفيسر آهين. سپاهيءَ ۽ پين ۾ تو کي آفيسر ئي ٿي سمجهيو."

"اسڪول ماستر جي آفيسر ناهي ته آفيسر بڻائيندو ته آهي." وراڻيم.

"ها. اها ڳالهه صحيح آهي." چيائين "زينت کي به اهو سمجهائجانءِ. هوءَ چوندي آهي، ماسترياڻي، شاگردياڻين لاءِ هڪ نمونو ٿئي ٿي. ان ڪري هن کي سادگيءَ سان رهڻ گهرجي."

"پنهنجو پنهنجو خيال آهي" چيم. " هن جو چوڻ به نيڪ آهي."

پيدل هلندي منو ڪلاڪ ٿي چڪو هو. مان جوان هوس پوءِ به ڪڪ ٿي پيس پر هو ته مزي سان ڳالهيون ڪندو ٿي هليو. هو پراڻي زماني جو ماڻهو هو. هن لاءِ چار پنج ميل پنڌ ته ايئن هو، جيئن هڪ ڪمري کان نڪري ٻئي ڪمري ۾ وڃڻ.

مون تي نظر پوندي ئي زينت واٽڙي ٿي وئي.

چاچي ڪيس ڪلندي چيو "آخر هن کي ڳولهي ئي لڌو." پوءِ ڪيس هڪ پاسي هٽائيندي اندر هليو ويو "هاڻي مان سڪون سان موت قبول ڪندس."

منهنجي پنهنجي حالت به زينت کان مختلف ڪو نه هئي منهنجون نظرون سندس چهري تان ٿي هيٺ جهڪي ويون هوءَ ساڳئي هئي. حسين چهري تي هلڪيءَ بردباريءَ کان علاوه ٻيو ڪو فرق ڪو نه آيو هو. اهيئي وڏيون ڪهريون اکيون اهيئي ڳاڙها ڳل اهيئي سنها سهڻا چپ. اهو ئي وچولو قد، اهيئي چيلهه کان هيٺ لڙڪندڙ ڪهاٽا وار اهو ئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چاچو وهنجڻ ويو تہ مان زينت جي پويان رنڌڻي ۾ پهچي ويس.
”ڪرسيءَ تي ئي ويهہ“ هن مرڪي چيو ”تو کي هتي رنڌڻي ۾ ڏسي، بابو ڇا چوندو؟“
”ڪجهہ ڪو نہ چوندو. ڇوڻو هجيس ها تہ هتي وٺي ئي ڪو نہ اچي ها“
هن تڪڙ ۾ ٻوڙ جي ديڳڙي چلهہ تي رکي ۽ ٻئي چلهي تي ٽٽو رکي اٽو ڳوهڻ ويٺي.
”توکي ياد آهي، ڳوٺ ۾ جڏهن تون اٽو ڳوهڻ ويهندي هئينءَ تہ مان بہ اتي ڳوهڻ جي ضد ڪندو هوس.“ چيم
”اهو بہ ياد آهي توکان اٽو تہ ڇا ڳوهبو هو، ٽوئين ٽائين منهن ۾ وار اتي ۾ ٿڦجي ويندا هئيہ ۽ تون ...“ هن کان کل نڪري وئي ”۽ تون صفا باندر لڳندو هئين.“
مان بہ کلڻ لڳس. ”تو کي ڳوٺ جون سڀ ڳالهيون ياد آهن“
”ها“ هن اتي مٿان جهڪندي چيو ”تنهنجون سڀ ڳالهيون. هاڻي بہ جڏهن بخار ايندو هو تہ تون ڏاڍو ياد ايندو هئين“
”ڇو؟“
سندس اکين ۾ هڪ پيرو وري پاڻي پرجي آيو.
”وسري ويو تي دوا پيارڻ لاءِ امڙ تو کي ئي تہ وٺي ايندي هئي. هاڻي تہ اها امڙ بہ ڪونهي رهي جو توکي ڳولهي اچي ها.“
”تون مون کان وسري وئي هئينءَ ڇا“ کيس چيم ”ايترو مون کي بہ ياد آهين“
”هل ڪوڙا“ سندس ٻنهي ڳلن ۾ سرخي مڙي آئي. ”اڃان ڪوڙ جي عادت ڪو نہ وئي تي.“
”سچ ٿو چوان.“ چيم
”ڇا ٿو سچ چئين؟“ پٺيان چاچي جو آواز آيو. هو ٿوال سان وار اگهندو ٿي آيو مان مشڪندي اٿي بيٺس ۽ چاچي سان گڏ هڪ ڪرسيءَ تي ئي ويٺس.
”زينت کي پنهنجي پيءُ ماءُ جي باري ۾ ٻڌايو ٿي؟“ چاچي پڇيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"اڃان ڪو نہ" وراڻيم" سنو ڪو نہ لڳو. هيڏي ڏکي عرصي بعد خوشيءَ جي ڳالهين ۾ ايترو جلدي ڏک جون ڳالهيون ڪرڻ ويهان" چيم "توهان پاڻ ٻڌائجوس"

"ڀلا پنهنجي ماستريءَ جو ٻڌائي ڇڏيو هوندءِ." پڇيائين

"نہ" چيم "نہ هن پڇيو ۽ نہ وري مون کي ياد آيو."

هن چيو "مون تہ سمجهيو، منهنجي غسل ڪري اچڻ تائين تون هن کي سيڪجهہ ٻڌائي واندو ٿي ويهندين. توهان ٻنهي ڪجهہ ڳالهايو ئي ڪو نہ ڇا؟"

"ڳالهايوسين" آهستي وراڻيم.

"ڪو نہ ڳالهايو اٿو" هن ٽهڪ ڏئي چيو "زمانو ڪٿي ڪيتري ئي ترقي ڇو نہ ڪري وڃي پر خانداني اثر ڪو نہ ٿو ختم ٿئي. مان بہ شاديءَ کان پهرين چاچنهن سان ڳالهائيندي شرمائيندو هوس. زينت جيئان، هوءَ بہ منهنجي نندي جي ئي مڱيندي هئي.

"مان پراڻي زماني جو ضرور آهيان، پوءِ بہ سمجهان ٿو، تو کي هن سان ڳالهائڻ کهربو هو. ڪيتري عرصي کان پوءِ مليا آهيو. هوءَ ويچاري اڪيلي ڏاڍي اُداس رهي آهي." هو چوندو رهيو "هن لاءِ هڪ ڏاڍي سٺي منهي آئي هئي پر روئي جواب ڏئي ڇڏيائين. منهنجي ڳالهہ بہ ڪو نہ مڃيائين، جيتوڻيڪ هوءَ منهنجي هر ڳالهہ مڃيندي آئي آهي. تنهنجو جو ڪٿي ڪو پتو ڪو نہ ٿي لڳو."

چاچي جو ڳلو ڀرجي آيو. مون کي اندر ۾ ڏک جي سٽ ايري آئي. هن انڪار ڪيو تہ ڪنهن شخص لاءِ، ان لاءِ جيڪو ذاڙيل هو، قاتل هوءِ زندگيءَ کان بيزار هو. زينت ماني کڻي آئي. ٿوريءَ دير ۾ هن الاهي شيون تيار ڪري ورتيون هيون. ميز وٽين ۽ ٿالهين سان ڀرجي وئي. گهر جي ماني کائيندي مون کي مدت گذري چڪي هئي. ڏاڍو مزو آيو. ٿي سگهي زينت جي قرب بہ ان کي مزيدار بڻائي وڌو هجي.

چاچو ڏاڍو خوش هو. جيترو ڳالهايائين پئي، اوترو ماني بہ تيز کائي رهيو هو. زينت مرڪندڙ نظرن سان تڪي رهي هئي مانيءَ جي ميز تان اٿندي دل نٿي ڪيو. پر مجبوري هئي. نڙگهٽ تائين ڀرجي چڪو هوس.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پاڻي پيئڻ جي بہ گنجائش ڪو نہ رهي هئي.
چاچي چيو ”رات جي ماني تون هتي اچي ڪائي ويندو ڪر تنهنجي ڪري اڄ مان بہ گهٽو ڪائي ويو آهيان“.

ڳالهائڻ ۾ ئي اڌ رات اچي ٿي هئي. مان واندو هوس، پر زينت کي صبح جو اسڪول وڃڻ هو. مون نٿي چاهيو، منهنجي ڪري هوءَ اسڪول ۾ اوٻاسيون ڏيندي رهي ۽ ڇوڪريون مٿس کلنديون رهن.

مان نہ ٿو چئي سگهان، زينت جي ذهن ۾ ڪهڙا ڪهڙا خيال آيا هوندا. ايتري پڪ ضرور هيم، سندس دل کي ڪجهہ آٿت مليو هوندو. خوشيءَ ۾ سڪون سان گڏ منهنجي بي چينيءَ ۽ پريشانيءَ ۾ واڌارو اچي ويو. مان ان قابل ڪو نہ هوس جو منهنجي ڪو ايڏي عزت ڪري. هوءَ عظيم عورت هئي جو مون جهڙي ڪميني شخص جي محبت کي سيني سان لڳايون ٿي آئي جيتري خوشي ساڻس ملي ٿي هئي، هاڻي اوتروئي ڏک ٿي ٿيو. جي مون کي اڳ ۾ خبر هجي ها تہ منهنجي اندر ايترو پڇتاءُ ايري ايندو تہ ساڻس ملڻ جي ڪوشش ڪو نہ ڪريان ها.

”هل ڪوڙا“ زينت جو اهو تڪيو ڪلام هو هوءَ مون کي ننڍپڻ کان ئي ڪوڙو چوندي آئي هئي. پر اُهي لفظ رڳو زباني هئا. نہ تہ هن مون کي دل سان ڪڏهن ڪوڙو ڪو نہ سمجهيو هو. ڪوڙو تہ مون کي فقط چيڙائڻ خاطر چوندي هئي. پر ڪيس اها خبر ڪو نہ رهي هئي، جيڪي لفظ هوءَ مذاق ۾ ٿي چئي، اُهي سچ آهن. مان واقعي ڪوڙو هوس. دنيا ۾ مون کان وڌيڪ ٻيو ڪوڙو پيدا ئي ڪو نہ ٿيو هو. پنهنجي مٿان شرافت جو ڊڪ رکڻ لاءِ پاڻ کي هاءِ اسڪول ٽيچر ظاهر ڪيم. ڪيس چاچي جي زباني معلوم ٿي چڪو هوندو تہ هن جيئان مان بہ اسڪول ٽيچر آهيان، فرق فقط ايترو جو هوءَ پرائمري ٽيچر هئي ۽ مان هاءِ اسڪول ٽيچر هتي بہ مون هن مٿان پنهنجي ڪوڙي برتري رکڻ جي ڪوشش ڪئي.

گهر آيس، پر ننڊ منهنجي اکين مان اڏري چڪي هئي. سوچيم، هن کي وڌيڪ ڏوکي ۾ رکڻ بجاءِ روپوش ٿي وڃان. مون چاتو ٿي، منهنجي غائب ٿيڻ تي هن جي دلين ۾ قيامت اچي ويندي زينت سنجيده



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۾ پروقار هئي. هوءَ ان صدمي کي وري بہ برداشت ڪري ويندي هوءَ گهڻو ڪجهہ برداشت ڪرڻ جي عادي ٿي چڪي هئي. باقي چاچي لاءِ اهو صدمو ڏکيو ٿيندو مان سندس آخري سهارو ۽ آخري نشاني هوس. هو پوڙهو هو ۽ قبر ۾ پير وڌيون ويٺو هو هڪ نہ هڪ ڏينهن زينت کي اڪيلو ڇڏي وڃڻو هو. زينت کي تہ بهرحال پهاڙ جيڏي زندگي اڪيلي گذارڻي هئي.

صبح ٿيندي ٿيندي، مون فيصلو ڪري ورتو، جيترو جلدي ممڪن ٿي سگهيو، چاچي ۽ زينت کي ڪنهن فريب ۾ رکڻ بجاءِ جيڏانهن منهن آيو، هليو ويندس.

مون کي ان ذهني ڪشمڪش ۾ هفتو گذري ويو. منهنجي دنيا سوڙهي ٿي رڳو گهر تائين وڃي محدود رهي. هڪ ڏينهن يارهين وڳي ڏينهن جو الله ڏني ننڊ مان اٿاريم. رات جو دير سان ننڊ اچڻ سبب بيزاري محسوس ڪرڻ لڳس.

”مان تو ڏي خيروءَ جو پيغام کڻي آيو آهيان“ هن چيو ”هو بهادرن جو قدر ڪرڻ ڄاڻي ٿو جيڪا پگهار تو کي پنهنجي سردار کان ملندي هئي هو توکي ان کان ٻيڻ ڏيڻ لاءِ تيار آهي. ان کان علاوهہ ڦر لٽ جي مال مان ڪميشن الڳ جان ۽ مال جو تحفظ بہ پورو ملندو“.

”خيروءَ کي سلام چئجانءِ“ مون اکيون مليندي چيو ”مان پاڻ هن ڏانهن اچڻ جي سوچي رهيو هوس. هيءَ دنيا منهنجي ڪم جي ڪونهي.“

”زنده باد بهادر“ هن خوش ٿيندي چيو ”تون ڪڏهن ۽ ڪيئن پهچي ويندين؟“

مون هڪ پل لاءِ سوچيو ”بس ٻن ڏينهن ۾.“

الله ڏنو مرڪڻ لڳو ”تون خيروءَ جي ٽولي ۾ شامل ٿي، دنياجو هر مزو ماڻيندين. مون کي ڏس، ڪيئن عيش ڪندو ٿو وتان. آهي ڪنهن جي مجال جو اک کڻي ڏسي.

الله ڏنو خوش فهميءَ ۾ هو. اهو نہ ٿي ڄاڻائين، ڇهري تي هڪ پيرو غلاظت ٿڦي وڃي تہ ان جو لهڻ مشڪل ٿي پوي ٿو. دنيا ۾ هن لاءِ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪا جاءِ ڪو نہ رهي هئي. پيا ڪيس ڪيترو ئي چڱو ڇو نہ سمجهن، پر جو شخص پنهنجي ئي نظر ۾ ڪري پوي ۽ ڇاڻ لڳي تہ هو ڏوهاري آهي. هن ڪي سچي دنيا ملي ڪري بہ چڱو ڪو نہ ٿي ٻڌائي سگهي.

الله ڏنو هليو ويو. هن جي وڃڻ بعد مون هڪ ڦيرو وري ليٽڻ جي ڪئي. اوچاڳي سبب مٿي ۾ هلڪو سور ٿي محسوس ٿيو. ان شخص جي ٽولي ۾ جيڪو مرحوم سردار جو قاتل هو ، شامل ٿيڻ جي حامي ڀري، مون سٺو ڪو نہ ڪيو. ڪيڏي نہ افسوس جي ڳالهہ هئي جو بجاءِ ڪائنس انتقام وٺڻ جي مون رهزن، ڌاڙيل ۽ قاتل کي پنهنجو سردار ٿي تسليم ڪيو. ڀلا منهنجي هيءَ زندگي ڇا ۾ خراب هئي. مون وٽ ايتري رقم هئي جو زينت سان شادي ڪري، ڪٿي بہ چاچي جيٽان، نالي ۾ ڳاڏو هٽي سگهيا ڏينهن گذاري ٿي سگهيس. گندگيءَ مان نڪري اچڻ بعد وري ڀيهر ان ڪان وڌيڪ گندگيءَ ۾ وڃڻ مناسب ڪو نہ ٿي لڳو.

مٿي ۾ چڪر اچڻ لڳم غسلخاني ۾ نل جي هيٺان ان وقت تائين ڪنڌ جهڪايو ويٺو رهيس، جيستائين چڪر اچڻ ختم ڪو نہ ٿيا. ڪجهہ آرام مليو تہ هر ڳالهہ چٽي ٿيندي وئي. سوچيم، مون کي زينت کي صاف صاف ٻڌائڻ گهرجي. جي هوءَ منهنجي پوين گناهن کي قبول ڪري ٿي تہ نئين زندگيءَ جي شروعات ڪري باقي زندگي سندس پيار جي ڇانو ۾ گذاري ڇڏيندس.

پر سردار چوندو هو، جيستائين هن زمين مٿان وڏيرن ۽ پوليس جي ظلمن کي هميشهہ هميشهہ جي لاءِ ختم نہ ڪرين، ان وقت تائين سک جو ساهہ نہ کڻجانءِ. ظلم سان ڪڏهن بہ سمجهوتو نہ ڪجانءِ نہ تہ تون بہ ظلم جي حوالي ٿي ويندين.

مان منجهي پيس.

دنيا جي هنگامن ۽ وکڙن کان الڳ ٿلڳ مون جنهن قسم جي زندگي، زينت سان گڏ گذارڻ ٿي چاهي، ان ۾ پوليس ۽ وڏيري جو ڪو عمل دخل ڪو نہ هو. دنيا وڏي وسيع هئي.

اسان لاءِ ڪٿي نہ ڪٿي ڪا نہ ڪا گنجائش نڪري اچي ها. پر ٻين غريبن جو ڇا ٿيندو سوچيم. رڳو منهنجي ۽ زينت جي تہ ڳالهہ ڪو نہ هئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مان کهران نڪري زينت ڏانهن ويس زينت در ڪوليو مون کي پنهنجي اڳيان ڏسي حيرت لڳس.

"تون، هن وقت؟"

"حيرت مان ائين ئي ڏسين، ڄڻ پهريون ڀيرو ڏسندي هجين" ڪيس چيم.

"اها ڳالهه ڪونهي" هن وراڻيو "هن وقت بابو گهر ۾ ڪونهي مان اڪيلي آهيان."

"خبر اٿم. مان چاچي ڏي نه، توڏانهن آيو آهيان." چيم "مون کي تو سان ڳالهائڻو آهي." هن پنهنجو منهن اورتي ڪندي چيو "خدا ٿو ڄاڻي مون کي تنهنجي نيت تي ڪو شڪ ڪونهي. پر اوڙي پاڙي وارا ڏسندا ته ڇا چوندا. مان اڪيلي آهيان."

"مان ڀلا غير ته ڪو نه آهيان؟"

"اِهو ته مان ئي ڄاڻان نه" چيائين "رات جو بابي سان گڏ ڇو ڪو نه ٿو اچين هو اسان کي ڳالهائڻ کان ڪو نه روڪيندو."

"توکي اڳي پوءِ گذارڻو ته مون سان آهي" چيم "دنيا جي پرواهه ڇو ٿي ڪرين؟"

"اجائي ضد نه ڪر" چيائين "هي ڏس مان هٿ ٿي ٻڌانءِ تون به منهنجي عزت جو خيال نه ڪندين ته ٻيو ڪير ڪندو."

دل ۾ ته ڏاڍو ڏک محسوس ٿيو پر سندس عزت منهنجي نظر ۾ وڌي وئي. اهو ڄاڻندي، مان ئي هن جو سڀڪجهه آهيان، هن پاڻ ۽ پنهنجي پوڙهي پيءُ جي عزت تي ڪو ڇنڊو ڪرڻ ڪو نه ڏنو. واقعي ماڻهن جي سوچ تي ڪو اعتبار ڪونهي.

"ٺيڪ آهي" واپس ٿيندي چيم.

"رات ضرور اچجانءِ" هن در ڀيڪڙيندي چيو.

گهر وڃڻ تي دل نٿي چاهيو رات جا ڏهه منهنجي لاءِ ڏهه سال ٿي لڳا جڏهن چاچو گهر پهچي، تڏهن وڃي زينت کان اهو پڇي سگهان. هوءَ مون کي منهنجي گناهن سميت قبول ڪندي يا ڪونه.

خيالن ۾ گم، هڪ پاسي وڏندو رهيس منهنجي لاءِ اها ڪا ننڍي ڳالهه ڪو نه هئي. زندگيءَ جو گهڻو حصو منزل بنا گذري ويو هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سوچيم منهنجيءَ ذات مان ڪنهن کي فائدو ته ڪو نه هو. مري به وڃان ته ڪنهن جو نقصان ڪو نه آهي زنده هوس ته به ڪا ڳالهه ڪو نه هئي. وڌ ۾ وڌ زينت به ڪوڙها وهائي، مون کي هميشهه لاءِ وساري ڇڏيندي. پنهنجي زندگي فضول لڳم.

اچانڪ ذهن جي ڪنڊ ڪڙڪيءَ مان هڪ ٻيءَ ڇوڪريءَ ليئو پاتو. اها ڇوڪري، جيڪا سهاڳ جي جوڙي ۾ ئي بيوه ٿي وئي هئي. نوراني، معصوم، خوبصورت ۽ خاموش نوراني. منهنجيءَ صورت ۾ ڪيس خوشي جي جهلڪ نظر آئي هئي. پتو ناهي، هن وقت هوءَ ڪهڙي حال ۾ هئي. جتي به هوندي، خوش ڪو نه هوندي، سندس بي چين نظرون اڃان تائين ڪنهن کي ڳولهينديون هونديون.

خوشين کان محروم فقط ڇوڪري اها هڪ ڪو نه هئي. هن جهڙيون نه ڄاڻان ڪيتريون ڇوڪريون هونديون، جيڪي عياش ۽ بدمعاش وڏيرن جي مهربانين سبب هميشهه لاءِ خوشين کان محروم ٿي ويون هونديون.

منهنجو رت ٽهڪي پيو. مرحوم سردار جي اندر نفرت اجائي ڪو نه هئي، چوندو هو ”بهادر، جيڪڏهن هن ڌرتيءَ کي پوليس ۽ وڏيرن کان پاڪ ڪيو وڃي ته هر طرف رڳو عيدون ئي عيدون هجن. ڪو به انسان توکي هيسيل ۽ بيوس نظر ڪو نه اچي.“

سندس زندگيءَ جتاءُ ڪو نه ڪيو جي ڪجهه ڏينهن وڌيڪ زنده رهي ها ته شايد پيو ڪجهه نه، ته گهٽ ۾ گهٽ زهريلي نانگن جي ڦڻ کي ايترو ضرور ڪچلي ڇڏي ها جو هو ڏنگ هڻڻ جي جرئت ڪو نه ڪري سگهن ها.

مان هلندي هلندي بيهي رهيس.

ڪير ٿو چئي منهنجي زندگي فضول آهي. اها ڳالهه غلط هئي، منهنجي زندگيءَ جو مقصد ڪو نه هو. مقصد جي سڃاڻپ، مرحوم سردار ڏئي ويو هو هن پنهنجي عمل سان ثابت ڪيو هو ته انهن ماڻهن کي، جن ڀڪنڊڙ ڇهرن کان مرڪ کسي هئي، تباهه ڪرڻ، غريبن جي خوشين جي ضمانت آهي. ڇا ان کان وڌيڪ ٻيو ڪو مقصد ٿي سگهيو ٿي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪنهن مقصد جي تحت زندگيءَ جي ويڙهه ڪي جاري رکڻ سان هزار معنائون ملي وڃن ٿيون. ڳالهه هڪ نوران ۽ زينت جي ڪو نه هئي. ڳالهه هڪ شاهوءَ ۽ هڪ بهادر جي ڪو نه هئي. پر ڳالهه ظلم جي نسرڻ ۽ وڌڻ جي هئي. طوفان کي روڪڻ لاءِ هوائن جي رخ ۾ ايو تي بيهڻ ضروري هوءِ مون فيصلو ڪري ورتو. برائيءَ کي متائڻ لاءِ برائي جو چولو پائڻو پوندو.

خيرو منهنجي مطلب جو ماڻهو ڪو نه هو. هن جي تصور ڪان ئي منهنجي رت ٿهڪي پوندو هو. پر مقصد نيڪ ۽ نيڪ هجي ته دشمن ڏانهن به دوستيءَ جو هٿ وڌائي سگهجي ٿو.

ايس پي لطفيءَ چيو هو ”برائيءَ کي متائڻ لاءِ ڪڏهن برائي جو چولو پائڻ ضروري ٿي پئي ٿو.“

هن نيڪ چيو هو. هو مون کي پوليس آفيسر هوندي، پوليس وارو قطعي ڪو نه لڳو هو ائين لڳو هيو. اسان ٻنهي جا رستا بي شڪ جدا هئا. پر منزل هڪ هئي. هن به هڪ اهڙو معاشرو ٿي چاهيو. جيڪو ظلم ۽ ڏاڍ کان آجو هجي. هنجون ڳالهيون منهنجي دل ۾ زوريءَ پنهنجو رستو ٺاهينديون ويون.

منهنجي اڳيان ايس پي لطفي ڦرڻ لڳو. ڪوشش جي باوجود، مون سندس مرڪ، ۽ جذبن کي پنهنجي اندر محسوس ڪرڻ کان روڪي ڪو نه سگهيس.

”برائيءَ کي متائڻ لاءِ ڪڏهن برائي جو چولو پائڻ ضروري ٿي پئي ٿو......“ مان فيصلي جي ان گهڙيءَ برائيءَ جي چولي پائڻ لاءِ اڳتي وڌڻ شروع ڪيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ١٩

ايس پي لطفي سان منهنجي اها اتفاقي ملاقات هئي. هو نوجوان هو ۽ ڪيپٽن لٽن ويندي ڳالهائڻ جي انداز مان ڪنهن به طرح پوليس وارو ڏيک ڪو نه ٿي ڏنائين. آخر تائين گمان ئي ڪو نه ويو ته هو ڪو پوليس آفيسر ٿي سگهي ٿو.

" دنيا جي نه سهي، پر اسان جي ملڪ جي پوليس، لعنت ڪان گهٽ ڪونهي." مون چيو "سڄي ڏڇي، ڌاڙن، چورين، فحاشيءَ ۽ نا انصافيءَ جي جڙ پوليس آهي"

" هرويرو ائين به ڪونهي" سنهي منهن، ننڍين اکين ۽ اچن ڪپڙن ۾ وينل سنهڙي جوان وراڻيو "خراب ۽ چڱا هر هنڌ آهن. پوليس ۾ به انسان آهن، نه ڪي فرشتا."

" پوليس ۾ چڱو ماڻهو ڳولهي ڏيو ته مڃيان" چيم "عام ماڻهوءَ ڪي ائين پائيندا ڄڻ ڳنڊ جي نوڪري هجي. جنهنجي هٿ لاهڻ سان هو هيٺ ڪان مٿي تائين ڳنڊا ٿي ويندا. پر جي لٽڻ ۽ ڦرڻ هوندن ته ايئن مارو ڪندا، جيئن چتو ڪتو الر ڪري."

" صحيح ٿو چئين" هن وراڻيو "پوليس ايترو ته عوام کي ڏڪويو آهي. جو ڪو به شريف ماڻهو ڪين چڱو ته چئي ڪو نه سگهندو. پر ان لاءِ رڳو هڪ پوليس ذميوار ڪونهي. هي سڄو معاشرو هن جي مدد ڪري ٿو."

" معاشري مان جيڪڏهن تنهنجي مراد وڏيرو، رئيس، مير ۽ پاٿاريدار آهي ته ان معاشري سان اسان جو ڪو تعلق ڪونهي". چيم "منهنجو مطلب غريب عوام آهي جيڪو ويچارو پوليس ۽ وڏيري جي ٻن پُڙن وچ ۾ پيسجي رهيو آهي."

"ان لاءِ خود تنهنجو اهو ويچارو غريب عوام ذميوار آهي." هن مرڪي چيو "غريب کي غريب ٿو ماري نه ڪي وڏيرو پنهنجي هٿ سان. غريب مٿان شاهدي تنهنجو اهو غريب ئي ٿو ڏئي. وڏيرو اڪيلو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پوندو“ هن مرڪي چيو ”اهڙا رند ڪي ڪي جيڪي شاهہ چوائي،

”چورين ڏنا چال پوءِ بہ لاهوتي لنگهي ويا“

پاسو ڪري وجن.“

”ڪڏهن تہ رڳو پنهنجي ڏاڪ چمائڻ ۽ آڪڙ ڏيکارڻ لاءِ ڪنهن ڪي فقط هڪ ڏينهن يا ٻن ڪلاڪن جي لاڪ اپ ڪرائڻ لاءِ ائين پيا منتون ڪندا جڻ ساهہ تو پيو نڪرين.“ هُو چوندو رهيو ”هڪ پيري هڪ تر جو وڏو زميندار مون وٽ آيو منتون ڪندي چيائين، ايس پي ۽ ڊي ايس پيءَ جواب ڏنو آهي عزت جو سوال آهي تون منهنجي عزت رک.. جڏهن سندس اوطاق تي پهتس، وس پڇيس تہ منهنجي بوٽ جون کهيون بہ جيڪر پاڻ کولي ڇڏي هٿ ٽوپلي وٺڻ لاءِ ايا لڳا پيا هئا. ڳالهہ رڳو ڇا هئي، بس مخالف ڌر جي وڏيري کي ٻن ڪلاڪن لاءِ ٿاڻي تي آڻي لاڪ اپ ڪرڻو هو.“

هو مرڪڻ لڳو ”وڏيرو مرندو، بہ شوخائي ڪو نہ ڇڏيندو.“

”پوليس جو ڪو ڏوهہ ڪونهي، رڳو وڏيري جو آهي؟“ ڪائنس پڇيم.

”آهي تہ پوليس جو بہ اوتروئي. پر ان جو بنياد وڏيرو آهي پنهنجي ڪوڙي شوخائيءَ خاطر هر غلط ڪم ڪري ٿو.“ سنهڙي جوان وراڻيو.

”پر جي پوليس آفيسر پاڻ ڪمينو نہ ٿئي تہ هو ڇا ڪندو. جي ضلعي جا سڀ آفيسر عوام جا هڏ ڏوکي ٿي پون ۽ ايمانداريءَ کان ڪم وٺن تہ وڏيرو تہ چڙهيون هٽڻ لڳي.“

”نہ سائين ائين بہ ڪو نهي“ صوبيدار وراڻيو ”ڪيس ٽوڙڻ ايترو آسان ڪونهي. اصل ۾ هڪ وڏيرو ناهي، اهو پورو ادارو آهي، جنهن جا پنهنجا اصول آهن. پاڻ ۾ ٻلي ڪو نہ نهن، پر مظلوم خلاف ائين هڪ ٿي بيهندا، جڻ سڪا ڀائر هجن.“

هو ٿورو مرڪيو ۽ چوڻ لڳو ”سرحد جو نواب، پنجاب جو چوڌري ۽ راڄہ، بلوچستان جو سردار ۽ مير ۽ سنڌ جو وڏيرو، رئيس يا پوتار پاڻ ۾ ائين آهن جيئن لاهور جو پڙوو ۽ ڪراچيءَ جو پڙوو پاڻ ۾ ڀٽ هجن. هنن جا مفاد ساڳيا آهن. انهيءَ ڪري هو پنهنجي سسٽم کي ٽٽڻ ئي ڪو نہ ڏين.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"اڄ ڪلهہ عوام ويچارو نہ وڪڙي چار ۾ ڦاٿل آهي. هڪ پاسي وڏيري جي دٻ، ٻئي پاسي پوليس جي مار تہ ٽئين پاسي ڌاڙيلن جي ڦرلٽ. جي ڌاڙيلن کان بچي وڃن تہ پوليس هٿان ڦرجيو وڃن. وڃن تہ ويچارا ڪاڏي وڃن." مان جوش ۾ چوندو رهيس "چا توهان ٻڌائيندا، جي ان ۾ پوليس جو هٿ نہ هجي تہ اڪيلو ڌاڙيل هنئين ڏينهن ڏٺي جو ماڻهو ماريندو ۽ ڦرون ڪندو وتي؟ وڏيرو وينو آهي مزي سان جنهن کي وٽيس تہ ٻڌائي، جنهن کي وٽيس ڇڏائي."

"اصل ۾ پوليس ۽ وڏيرن جا ڪجهہ مفاد پاڻ ۾ ڳنڍيل آهن." هن چيو "انهيءَ ڪري هڪٻئي جي قرب ۾ قابو آهن. مري وچ ۾ ويچارو غريب ٿو. مون کي ٿي ڏس، مان ايس پي آهيان، پوءِ بہ اهو تماشو ڏسان ٿو پيو."

مون کي حيرت ٿي. اهڙو سلجهيل پوليس وارو بہ ٿي سگهي ٿو!

"توهان ڪجهہ نٿا ڪري سگهو. توهان جي مرضي ڪانسواءِ ايڏو ديناداستي ظلم ڪيئن ٿو ٿي سگهي جي توهان کان ڳالهہ ٽپيل آهي تہ پوءِ مٿين حاڪمن کي ان کان آگاهہ ڪريو نہ."

ذري گهٽ ايس پي لطفيءَ کان ٽهڪ نڪري ويو. "چا تون سمجهين ٿو، هو بي خبر آهن؟ هو پاڻ وڏيرڪي طبقي کي تحفظ ڏيڻ ۾ خوش آهن. جڏهن هنن کي تحفظ ملندو تہ ڪين بہ تحفظ حاصل ٿيندو اها بي ڳالهہ آهي تہ سِر ڦريو آفيسر هنن جو هلڻ چلڻ بند ڪري سگهي ٿو."

"پوءِ ايئن ٿئي چو ڪو نہ ٿو؟" چيم.

"چيم نہ تہ هنن جي طبقي کي مٿان جي مدد حاصل آهي. ان ۾ جي پوليس ڪجهہ ڪري بہ تہ اڪيلي چا ڪري سگهندي. پر اهو بہ تڏهن ٿئي جڏهن سڀ آفيسر هڪجهڙا بي غرض ۽ ايماندار هجن. هتي تہ نوانوي سيڪڙو ايمانداريءَ جي کوٽ آهي."

"مون کي ڏس. مان ڪٿي بہ ڇهن مهينن کان وڌيڪ ڪو نہ ٽڪي سگهيو آهيان. مون کان اهو ناحق ڏٺو ڪو نہ ٿئي." هو چوندو رهيو "مان ڪنهن جو دلال ٿي ڪم ڪريان ڪو نہ. انهيءَ ڪري ڪنهن بہ رئيس يا وڏيري جي ڪم ۾ رنڊڪ تہ ضرور پوي ۽ مون کي تپڙ ويڙهڻا پون. جيستائين ماڻهو انهن کي پنهنجو نمائندو چونڊيندا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تيستائين اهڙي ڪا بہ ڳالهہ سوچڻ اجائي آهي."

"ائين نٿو ٿي سگهي جو ڪنهن ظالم وڏيري، رئيس ۽ پير کي چونڊن ۾ ڪامياب ٿي ڪو نہ ٿيڻ ڏجي؟" چيم.

"في الحال تنهنجي ۽ منهنجي وس ۾ ڪونهي." چيائين "جيستائين ماڻهو پاڻ پيرا ڪو نہ ٿا ٿين. جيستائين هاري پنهنجيءَ زمين جو مالڪ ڪو نہ ٿو ٿئي، تيستائين پنهنجي مرضيءَ سان ووٽ وٺڻ جو اختيار هنن وٽ رهندو."

مان ڦهريو پيرو ڪنهن پوليس آفيسر کي اهڙيون ڳالهيون ڪندي ٻڌي رهيو هوس. هو تہ مرحوم سردار جو پاڻ تي لڳو. عجب هيم، هو اڃان نوڪريءَ ۾ هو. هن کي تہ جيل ۾ هئڻ گهربو هو يا ٻيلي ۾.

چپن تي مرڪ تري آيم جنهن کي لڪائي ويس. سوچيم، جيڪڏهن اڄ مرحوم سردار جي هن سان ملاقات ٿئي ها ۽ ٻئي گڏجي ڪم ڪن ها تہ هنن ظالمن اندر گهٽي ٿاپر اچي وڃي ها. ٻنهي جون راهون هڪ ئي چوراهي تي ٿي اچي مليون.

"ڇا ٿو پيو سوچين نوجوان؟" هن مون کي مرڪندي چيو "ڪڏهن برائيءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ برائيءَ جو چولو پائڻ ضروري ٿو ٿئي. هڪ ڳالهہ چوانءِ."

"ڇؤ؟"

"جي تون ڏاڙيل بڻجي انهن ڏاڙيلن جو بڻ بٺياد ختم ڪرڻ، جو واعدو ڪرين تہ مان تو کي سڀني ظالم وڏيرن، رئيسن ۽ پيرن کي چيٽيءَ تي نچائي ڏيکاريانءِ" هن ٺهڪ ڏنو "مون پوليس جي وردي اجائي ڪو نہ پاتي آهي."

مان سوچيندو رهيس منهنجي اڳيان ايس پي لطفيءَ جو مرڪندڙ چهرو ڦرڻ لڳو هن جا هلڪا ٺهڪ هن جا خالص ويچار مون کي ڪنهن نتيجي ڏانهن ڌڪيندا رهيا. مان سوچ جي سرحد مٿان بيهي فيصلو ڪري ورتو مان برائيءَ جو چولو برائي مٽائڻ لاءِ پايان ٿو.

۽ ٻي گهڙيءَ منهنجي اندر پنهنجي وجود جي ويڙهاند جو طوفان ماٺو ٿي چڪو هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ٢٠

ٽيڪسيءَ ۾ ويهي اول مان پنهنجي گهر پهتس. هنڌ بسترو ڇڏي ٻيو جيڪو سنهو سڪو سامان هيم، ميڙي اچي ٽيڪسيءَ ۾ ويٺس.

پُل تي لهي ٽيڪسيءَ واري کي ڪرايو ڏنم. بس ۾ چڙهي ٻيلي ڏانهن روانو ٿيس. واٽ تي هڪ هنڌ بس رڪي ته مان اتي لهي پيس. رستي ۾ هڪ ڏاند گاڏي وارو مليم جنهن سان ڳالهيون ڪندو اچي هلندو رهيس. اڳتي هلي، مون ان ڏاند گاڏيءَ مان به لهي پيس. ٻيلي کي اچي ويجهو پهتو هوس، تنهنڪري پيدل هلڻ لڳس.

ٻيلي ۾ پهچندي ئي، مون کي ڀاڪرن ۾ ورتو ويو. خيروءَ جو ٽولو ڪو ننڍو ٽولو ڪو نه هو. وک وک تي سندس ماڻهو پکڙيل هئا.

مون کي تعجب ٿيو، پهري جو ڪو خاص بندوبست ڪو نه هو. ان کان وڌيڪ تعجب ان وقت ٿيم، جڏهن پوليس وردي‌ءَ ۾ ٻن سپاهين کي هڪ وڻ هيٺان همراهن سان تاش راند ڪيڏندي ڏٺم.

جيڪو همراهه مون کي خيروءَ ڏانهن وٺي ٿي هليو، هن کي چيم "ٽانگ ڪٿي هٽ جو ٿي پاليل ڇو نه هجي، پوءِ به ٽانگ ئي آهي."

"سپاهين جي ٿو ٻيو ڳالهه ڪرين؟" هن پڇيو. "اهي پنهنجا ماڻهو آهن. پنهنجيءَ پگهار کان وڌ هتي خرچ ڪندا آهن."

خيروءَ وٽ پهتس ته حيرت جي حد ئي ڪو نه رهي. ساڻس هڪ پوليس آفيسر ويٺل هو. ٻئي ائين ٺهڪ ڏئي کلي رهيا هئا. ڄڻ ننڍڙي جا يار هجن.

"اچ بهادر اچ." هن مون کي کلندي چيو "خبر هئي، تون اسان کان گهڻا ڏينهن دور ڪو نه گذاري سگهندين. هي پنهنجو يار آهي. رهندين ته هن کان وڏا عملدار پنهنجي تڏي تي حاضري ڀريندو ڏسندين."

خيروءَ جي جملي تي پوليس آفيسر ٺهڪ ڏنو. سردار پوليس جو جاني دشمن هو، جڏهن ته خيرو سندن يار هو. خيروءَ لاءِ دل ۾ نفرت جو مچ اڃان وڌيڪ ٻري پيم. پر مون پنهنجي انهيءَ مچ کي دٻائي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

رکيو. دل تہ چاھير ٿي، پوليس آفيسر ۽ هن مٿان هڪ دم حملو ڪري پوئين پير موٽي وڃان. پر برائي ۽ جو چولو وري پائڻ جو مقصد اڌ ۾ ئي رهجي وڃي ها.

"قانون جا محافظ خود اسان جي حفاظت ۾ آهن" چيم "ان ڪان وڌيڪ ٻي کهڙي خوشيءَ جي ڳالهہ ٿيندي. خيرو تون خوش قسمت آهين."

خيرو خوش ٿي ڪلي پيو "اجان ڏنو ئي ڇا ٿي؟ اسان جا رنگ ڏسندين تہ دنيا ئي ٻي نظر ايندءِ."

پوءِ هن منهنجو انهيءَ پوليس آفيسر سان تعارف ڪرايو.

"بهادر انهيءَ شخص جو ساٿي هو، جنهن توهان جون ننڊون حرام ڪيون هيون. هاڻي هي اسان جو ساٿي آهي. هتي هن جون صلاحيتون پنهنجو نئون رنگ لائينديون. هتي رکو دولت ئي ڪو نہ ٿي ملي، پر پنهنجي صلاحيتن ڏيکارڻ جو بہ پورو پورو موقعو تو هت اچي."

پوليس آفيسر جون تيز نگاهون مون مٿان ڄمي ويون. ٿوري لمحي سندس چپن تي هلڪي مرڪ تري آهي. دشمن کي ختم ڪرڻ جو هڪ طريقو اهو بہ آهي جو کيس دوست بڻايو وڃي. شايد اها ئي ڳالهہ سوچي هو مرڪيو هجي.

"الله ڏني ٻڌايو هو تہ تون ڪجهہ ڏينهن رکي پوءِ ايندين" خيروءَ چيو "چڱو ٿيو جو جلدي اچي وئين. في الحال مهمانن واريءَ لانديءَ ۾ ترس، وڌيڪ سياڻي ڏنو ويندو."

پوءِ هن سڏ ڪيو "ڪرم علي، بهادر کي مهمانن واريءَ لانديءَ ۾ وٺي وڃ. ڏس مٿان کيس ڪنهن قسم جي تڪليف اچي."

پوءِ مون کي چيائين "توکي هتي تنهنجيءَ ضرورت جي هر شئي ملي ويندي ، پوءِ بہ جي اجان ڪنهن شئي جي ضرورت پئي تہ ڪرم عليءَ کي حڪم ڪجانءِ. ٻڌين تو نہ ڪرم علي."

ڪرم علي وڏو واتڙو هو. مون کي انهن وڏن وڏن ماڻهن جي باري ۾ ٻڌائيندو هليو، جيڪي اتي حاضري ڀريندا رهيا هئا. هن مون کي هڪ ئي وقت سيئي ڳالهيون ٻڌائڻ گهريون ٿي. سرڪاري عملدار، پوليس آفيسر، ڪائونسلر، انجنيئر، ڊاڪٽر، بينڪرز، وڏا وڏا زميندا، پوتار،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تي لک يا پنج لک ملن ڪڏهن تہ پنجويهہ تيهہ لک بہ نڪري اچن. اهو ايجنٽ جي صلاحيت ۽ قابليت تي آهي تہ هو تعاون جي رقم ڪيتري تو وصول ڪرائي. خيروءَ جو فقط لک ۽ پنج لکن سان ڪم."

"خيروءَ جا ايجنٽ بہ آهن؟"

"پوليس ۽ وڏيري کي ڇا ٿو سمجهين؟" هن وراڻيو "هو ئي تہ ٻڌائيندا آهن تہ ڪهڙيءَ موٽيءَ آساميءَ کي اغوا ڪرڻو آهي. سودو بہ وچ ۾ پئي پاڻ ئي طئي ڪن. هن جا وري ٻيا هيٺيان ايجنٽ ٿين جيڪي هن جا خاص ماڻهو سڏجن. هو ئي گهٽو ڪري ڏي وٺ جو ڪم ڪن. مجال آهي جو پردي وارن جو نالو زبان تي اچي."

مان ڪر موڙي صوفي تي ڍڪهو ٿي پيس.

"جي ان جو ذڪر خيروءَ سان ڪريان تہ پوءِ؟" مرڪندي چيم.

"اسان جي ٽولي ۾ جڏهن بہ ڪو نئون ساٿي شامل ٿيندو آهي" ڪرم عليءَ مرڪندي اطمينان سان چيو "ان کي هتان جي سڄيءَ معلومات کان واقف ڪرڻ منهنجي ذمي هوندو آهي. خيرو تہ خوش ٿيندو، مون تو کي تمام ٿوري وقت ۾ سڀ تفصيل ٻڌائي ورتا."

هن ٺهڪ ڏنو "هونءَ بہ صحيح جمهوريت ۽ مساوات تو کي هتي ئي ملندي. اسان وٽ هتي هر بدمعاش هلي سگهندو، پر مڪار ۽ فريبي ڪو نہ جو تہ هتي سياستدان کي پسند ئي ڪو نہ ڪيو ويچي."

سردار جو بہ خيا ل هو، انسان کي هر مقام ۽ هر شعبي ۾ هڪجهڙو هئڻ گهرجي.پر خيروءَ سمجهيو ٿي، رکو پيلي ۾ سچو هئڻ ضروري هو. اهو ئي سبب هو جو سردار وڏين پيشڪشن جي باوجود ظالمن ۽ بدمعاشن سان ڪو نہ نڀائي سگهيو. جڏهن تہ خيروءَ جو سچو ڪم هن جي ئي وفادارين تي ٻڌل هو.

"ڪرم علي، هاڻي تون پلي وڃ. مون کي آرام ڪرڻو آهي." ڪيس چيم "رات جي مانيءَ تي اٿارجانءِ."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بدمعاش سان وڃي مليئين، انهيءَ ڪري وڃي هنن سان ملين نه. ته جيئڻ مون جهڙين سوين ڇوڪرين کي جن جي عزت قربان گاهه تي قربانيءَ ۾ لٽي وڃي، ڪڏهن مرڪڻ جو موقعو جو ڪو نه ڏئين.

هڪدم نوران جي جاءِ زينت ورتي. سندس اکين ۾ مينهن هو. چيائين بهتر هو تنهنجيءَ ان تلاش ۾ مان گم ٿي رهان ها. مون کي ته خير صبر اچي ويو هو ۽ اڪثر به صبر ۾ ئي گذري وڃي ها. پوءِ توکي ڪنهن چيو، منهنجي زندگيءَ ۾ نئين ڳولها پيدا ڪري وڃ.“

پوءِ چاچو نظر آيو. سندس بيساکي ٽٽي پئي هئي. ڪيس زينت ٽيڪ ڏيون بيٺي هئي. چيائين پٽي ڏيءَ اڄ منهنجي چيلهه ٽٽي پئي آهي. زنده ماڻهن کي دفن ڪرڻ ممڪن هجي ته مون کي قبر ۾ ڦٽو ڪري مٿان مٽي وجهي ڇڏ ته جيئڻ تنهنجو اهو ڏک ڪو نه ڏسي سگهان.

خواب ۾ ئي منظر بدلجي ويو. هڪ تيز رفتار بس آئي. ڏٺم ته هو ٽيئي ان ۾ ويٺل هيون. هڪ ڪنڊ ۾ زينت، ٻيءَ ۾ نوران ۽ اڳين حصي ۾ هوءَ ويٺي مرڪي رهي هئي. بس مسافرن سان پرجي وئي ۽ اڪثر هلي خالي ٿي وئي. هوءَ اڪيلي رهجي وئي ته هنجا سڏڪا شروع ٿي ويا. چيائين

”مان ٿڪجي پئي آهيان، اڪيلي سفر ڪندي ڪندي.“

”نه مان ٿڪي ضرور آهيان پر زندگيءَ کان هار ڪو نه مڃي آهي. مان پاڻ کي وڪڻي نٿي سگهان“ نوران منهن ڪڍي چيو

نه نه هوءَ نوران ڪو نه هئي. اهو ته زينت جو چهرو هو. سندس اکين جو ڪجل رجي ويو هو. سندس چهري جا گهنج ٻڌائي رهيا هئا، ڪيس ڪنهن جي ڪا پرواهه ڪو نه رهي هئي. مون هن ڏانهن وڌيس ته چهرو پري ڪري ڇڏيائين. ڦري سامهون ٿيس ته هلڪي رڙ نڪري وئي اهو ته منهنجي امڙ جو لاش هو قاتل سفيد اکيون اڪڙيل جسم گهٻرائجي پٺتي هٽيس ٿي ته هن پنهنجو سرد هٿ منهنجي ڪلهي تي رکيو.

۽ ان وقت منهنجي اک کلي وئي. ڪرم علي منهنجي ڪلهي کي لوڏي رهيو هو. ”اٿو سائين، مانيءَ جو وقت ٿي ويو آهي، چيائين، ”تون ته سڄو پڳهرم ۾ شل آهين پکو هلائين ها.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

منهنجو دماغ ڦاٽي رهيو هو خواب بي ترتيب ۽ بي تڪو ضرور هو، پر ڪوڙو ڪو نہ هو. منهنجي نہ وڃڻ ڪري چاچي ۽ زينت جو ذري گهٽ ساڳيو حال ٿيو هوندو نوران ۽ هوءَ بس واري ڇوڪري، الائي ڇو خواب ۾ آيون هيون شايد دل جو ٿورو گهڻو تعلق هنن سان بہ ڳنڍيل هو. خوابن ۾ جيڪڏهن وسريل چهرا ڪو نہ اچن ۽ خوابن جو تسلسل وچ ۾ ٽٽي ڪو نہ پئي تہ پوءِ اِهي خواب ئي ڇو رهن، حقيقت نہ بڻجي وڃن.

مون اٿي ڪري هٿ منهن ڌوتو ڪپڙا مٽايا ۽ ڪرم عليءَ سان مانيءَ لاءِ ٻاهر نڪتس ڪتابن ۾ بادشاهن جي دسترخوانن جو پڙهيو هيم، پر خيروءَ جو اکين سان ڏٺم. ڪنهن وڏاءَ کان سواءِ چاليهہ پنجاهہ ماڻهو ويٺا هئا ۽ پنج اٺ همراهہ مانيءَ ڪارائڻ ۾ لڳا پيا هئا.

”خيرو ڪو نہ ٿو نظر اچي.“ مان هڪ ڪنڊ ۾ ويهندي پڇيو ”ڇو هو الڳ ڪائيندو آهي ڇا؟“ ”نہ سڀ سان گڏجي ڪائيندو آهي“ ڪرم عليءَ وراڻيو، ”هتي ڪا ننڍ وڏائي ڪونهي. پر ڪڏهن ڪي ڇڳا مڙس اچي ويندا آهن، انهن جي پردي داريءَ سبب خيرو ماني پاڻ وٽ گهرائي هنن سان گڏ ڪائيندو آهي.“

”اڄ ڪي وڏيڪ ئي خاص ماڻهو آيا آهن“ منهنجي پڇ واري همراهہ ورندي ڏني.

”خاص ماڻهو؟“! ورائي پڇيم.

”رشوت خور، اعليٰ حاڪمن جا چمچا، پاٿاريدار ۽ سياستدانن جا نمائندا“. پڌائڻ واري مرڪي چيو ”اهي ئي تہ خاص ماڻهن ۾ شامل آهن. جهڙيءَ ريت مت جا ماريل غريب ۽ اڻوجهہ ماڻهو مزارن تي پنهنجون مرادون پنڻ ويندا آهن، تيئن اهي خاص ماڻهو خيروءَ جا پير چٽڻ ايندا آهن. مزارن وارن جون مرادو اڪثر پوريون ڪو نہ ٿين، پر هتي اچڻ وارن جون سڀ ئي مرادون پوريون ٿيو وڃن.“

ان وچ ۾ ماني اڳيان رکي وئي مون نظر ڦيرائي جائزو ورتو. منهنجي ڪاٻي پاسي کان ويٺل هڪ سنجيده، ڏاڙهيءَ واري بزرگ پڇيو.

”شايد اڄ ئي آيو آهين؟“

”ها“ مون گرهہ وات ۾ وجهندي وراڻيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”تو کي ڪٿان آندو اٿائون؟“ ! هن پڇيو سندس آواز ايترو هلڪو هو، جڻ يُوَ ٿيندو هجيس، ته ڪو ٻڌي نه وٺي.

”تو کي اغوا ڪيو اٿائون؟“ مون ڪائنس حيرت مان پڇيو.

”ها ڪو سرمائيدار سمجهي، پر مان ته هڪ ڪاليج جو غريب پروفيسر آهيان. هفتي کان هتي آهيان“ هن ڏاڍو نماڻو ٿي وراڻيو ”ٻڌو ته اٿو نه؟“

”ها وراڻيم ۽ پنهنجي پليٽ مان ٻوٽي کڻي هن جي پليٽ ۾ وڌم.

”مان گوشت گهٽ کاوان پيٽ اڪثر خراب ٿو رهي“ چيائين.

”چڱو ٿو ڪرين“ چيم.

”مون کي هتي پورو هفتو ٿي ويو آهي“ هن چيو ”ڦريون پنج لک ٿي گهريائون هاڻي گهٽ ڪندي ڪندي اچي ويهن هزارن تي بيٺا آهن پر منهنجو ته بئنڪ بيلنس فقط سوا ست سؤ روپيا آهي.“ هو ٿورو رڪيو ”اهوبه تڏهن جو ان ڏينهن ڪاپين چيڪ ڪرڻ جو ستين سؤ جو چيڪ جمع ڪرايو هيم. ان کان ڦريون جو اهي پيسا ڪنهن ڪم ۾ آٿيان، هي پڪڙي کڻي هتي آيا آهن.“

”پويان ينگ يري ڏيڻ لاءِ ڪو ڪونهي ڪو؟“

”آهن ته سهي، پر ويهه هزار تمام گهڻي رقم آهي. مون غريب لاءِ ايڏي وڏي رقم ڪو ڪونه ضايع ڪرڻ چاهيندو.“

”باقي منهنجي شاگردن گهڻو ڪجهه ڪيو هنن احتجاجي جلوس ڪڍيا، ڪلاسن جو بائيڪاٽ ڪيو ۽ پوءِ مٿين حاڪمن جي اطمينان ڏيارڻ تي هو پنهنجن ڪلاسن ۾ ويا.“ هن غمگين ٿي چيو ”اڄ جي حاڪمن وٽ ڪوڙن واعدن ڪوڙين تسلين کان سوال ٻيو رکيو به ڇا هي!- تو کان گهڻو گهريو اٿائون؟“

”مون کي ڇڏ تون اهو ٻڌاءِ جيڪڏهن رقم ادا نه ڪري سگهين ته پوءِ تنهنجو ڇا ٿيندو؟“

”چيائون پئي منهنجو لاش ڪاليج جي گيٽ ٻاهران ڦِٽو ڪري ايندا“ هن وراڻيو. ”مون کي پنهنجي مرڻ جو ايڏو ڏک ڪونهي، جيڏو ڏک شاگردن جي پڙهائيءَ جو آهي. ڏس نه هو لاش ڏسي احتجاج ڪندا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جواب ۾ هن مٿان لانئي چارج ٿيندو، پوءِ ڳوڙها گيس اڇلي ويندي. ان کان پوءِ گوليون هٽي ڪجهه چوڪرن کي هميشهه جي ننڊ ڏني ويندي. بعد ۾ عدل ۽ انصاف طلب ڪرڻ وارن جي آواز کي دٻائڻ لاءِ صوبي سڄي جا اسڪول ۽ ڪاليج اڻ ڄاڻايل مدي تائين بند ڪيا ويندا پڙهائي ته وئي نه هلي."

پروفيسر تمام سنو تجزيو ڪيو واقعي اڄ تائين ائين ئي ٿيندو ٿي آيو. هن جي آواز کي گولين سان مات ڪرايو ٿي ويو. انصاف جي بنيادن کي کوکلو بڻائي، بي گناهن ۽ بي قصورن جي لاشن کي ڪٺو ڪيو ٿي ويو. خيروءَ ۽ سندس سرپرستن کي عام موڪل هئي، هو جو چاهن سو ڪندا وتن.

"بري مان به چڱائيءَ جي اميد نه وڃائجي. ڪو نه ڪو چڱو ضرور نڪري اچي ٿو." هو چوندو رهيو "هو ڏس سڄي پاسي واريءَ قطار ۾ سفيد ڪپڙن ۾ جيڪو شخص ويٺو آهي، اهو جنهن جي ڳل تي زخم جو نشان آهي ۽ تن سالن کان هن سان گڏ آهي. نالو دادمحمد اٿس. مون کي چيائين پئي، مرڻ بعد هن مٿان ڇا گذرندو."

مانيءَ جو گرهه وجهنديءَ نظر ڦيرائي هن ڏانهن ڏسندي وري چوڻ لڳو "ڇٽي پيو ته منهنجي سڄي عمر ته ماڻهن کي قتل ڪندي چورين ۽ ڌاڙا هڻندي گذري وئي آهي، مرڻ بعد ته سڌو جهنم ڦٽو ڪيو ويندس. جهنم جي باهه ڪيئن سهي سگهبي رات ڏينهن دادمحمد کي اهو فڪر ڳاريندو ٿو رهي."

منهنجي جسم ۾ درڙي ايري آئي. اکيون داد محمد ۾ اٽڪي پيون، هو اهڙيءَ طرح ننڍا گرهه ڪٽي رهيو هو ڄڻ ڪيس ڪا ڏاڍي ڪوڙي شيءِ اڳرٽي ٿي پئي."

"تو ڇا چيس؟" مون دادن کان اکيون هٽائي پروفيسر کان پڇيو. جو سوال دادن هن کان پڇيو هو، سو منهنجي اندر ۾ هو.

"ڪيس چيم، خدا وڏو غفور رحيم آهي. تون هن جي حضور ۾ پنهنجي گناهن جو اعتراف ڪري معافي گهر ۽ فيصلو ڪر پيهر ڪڏهن اهو لٽڻ ڦرڻ ۽ قتل جو ڪم هرگز ڪو نه ڪندين مون کي يقين آهي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سچيءَ دل سان توبهه تائب ٿجي ته الله سائين بندي جي گناهن کي ضرور معاف فرمائيندو.“

دادن کي وساري، مان پنهنجي باري ۾ سوچڻ لڳس جنهن ذهن مون کي گهي ورتو هو. ڇا ان مان نڪرڻ آسان هو. سوچيم، مان چٽني پاسن کان وڪوڙيو ٿي ويس.

ماني اڃان هلي ٿي پئي ته ڪرم عليءَ مون کي اچي چيو ”خيروءَ چيو آهي، جڏهن ماني کائي ختم ڪرين ته هن سان اچي مل.“

”ڇو“ پڇيم.

”شايد ڪنهن ڪاروائيءَ جو ذڪر ٿي هليو بئنڪ لٽڻ يا ڪنهن وڏي ماڻهوءَ کي اغوا ڪرڻ جو منصوبو اٿس.“

حيرت مان پروفيسر جون اکيون ويڪريون ٿي ويون ڪائنس گرهه هيٺ لٿو ئي ڪو نه. هن سمجهيو ٿي، مان هن جيئان اغوا ٿي آيو آهيان پر ڪرم عليءَ جي نيابي هن کان ڇرڪ ڪڍي ڇڏيو. ڪرم علي هليو ويو ته هن مٺل آواز ۾ چيو ”تون به هنن ۾ شامل آهين؟!“

”ها، استاد سائين“ وراڻيم ”مون کان جڏهن زندهه رهڻ جو حق کسيو ويو، نوڪريءَ جا دروازا مون لاءِ بند ڪيا ويا ۽ جڏهن پنهنجي بيمار ماءُ جو علاج ڪو نه ڪرائي سگهيس، هڪ وقت جي ويلي ماني ڪو نه کائي سگهيس ته هنن سان شامل ٿيڻو پيو.“

”عذر گناهه، بدتر از گناهه“ پروفيسر ڪوڙو منهن ڪندي چيو ۽ مانيءَ مان هٿ ڪڍي ورتائين. الائي ڇو پروفيسر سان اکيون ملائي ڳالهائيندي مون کي شرم محسوس ٿيڻ لڳو. حقيقت اها هئي جو مون پنهنجي گناهن جي تاويل ڪو نه ڪئي هئي. تاون پيري نه ڏيڻ جي سبب جيڪڏهن هن کي ماريو ٿي ويو ته اهو وڏو افسوس هو منهنجي لاءِ.

دل چاهيو کيس اها ڳالهه سمجهايان، جيستائين پاٽاريدار وڏيرو ۽ حرام جي ڪمائيءَ تي عيش ڪرڻ واري پوليس ۽ انصاف وڪڻ وارو جج موجود آهي، تيستائين شاگرد ويچارا ائين جلوس ڪڍي، احتجاج ڪندي مرندا ٿي رهندا. جيستائين وڏيري کي پنهنجي ئي غريب ابوجهه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ماٺهن مٿان ناحق جي آڪڙ رهندي، خيروء جهڙا ڏاڙيل پيدا ٿيندا ايندا. جيستائين نوجوانن کي روزگار ۽ هارين کي ڪڙمت جي زمين مان چونڪارو ڪو نہ ڏياريو ويندو اِهو ڏاڍ ۽ ڏمر جاري رهندو ۽ جيستائين ظالم کي ووٽ جو حق ڏئي چونڊيو ويندو، ظلم جو رستو ڪو نہ روڪي سگهبو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ٢٢

"اچ بهادر" خيروءَ مرڪنديءَ مون کي پنهنجي پر سان ويهڻ جو اشارو ڪيو "هي گل محمد صاحب آهي شهر ۾ ٽنل روڊ واريءَ بئنڪ جو مئنيجر آهي. همت وارو، محنتي ۽ ذهين ماڻهو آهي." مون مئنيجر ڏانهن ڏٺو هن پنهنجي ڪنڌ ڌوڻي تائيد ڪئي.

"بئنڪ جو سڄو عملو هن جي ايمانداريءَ ۽ ديانت داريءَ جو قسم کڻندو آهي. آفيسرن جو وڏو اعتماد اٿس اڄ ڏينهن تائين پنهنجي ڪارڪرديءَ ۾ لاجواب رهيو آهي. جيڪو به هن کي ٽارگيٽ مليو آهي، سو پورو ڪندو آيو آهي. پر ان کان هيٺ ڪڏهن ڪونه ڪندو آيو آهي" خيروءَ مڪمل تعارف ڪرايو .

"ڏاڍو سٺو" وراڻيم.

"هن جي ننڍيءَ ڀيڻ جي شادي ٿيڻ واري آهي، جنهن خاندان سان تعلق رکي ٿو، ان جي ريت ۾ شاديءَ ۾ گهوٽ کي پيرين پوائي لک رپيو ڏنو ويندو، ڇوڪريءَ جي ڏاج ۽ مهمانن جو خرچ به لک رپيا ٿيندو ان کان علاوه ننڍي وڏي خرچ لاءِ پنجاهه سٺ هزار جو هئڻ به ضروري آهي."

مون حساب لڳائي چيو "شاديءَ تي ساڍا ٽي لک روپيه خرچ؟"

"پنهنجي ڀرم رکڻ ۽ عزت وڏائڻ لاءِ اهو سڀڪجهه ڪرڻو ئي پئي." بئنڪ مئنيجر وراڻيو، "گهوٽ سي ايس پي آهي. هن جو پنهنجو خرچ ڏهه لک کان گهٽ ڪو نه ٿو پڄي."

"گل محمد صاحب کي پنهنجيءَ ڀيڻ جي شاديءَ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ چار لک گهرجن." خيروءَ مرڪي چيو مون کي خيروءَ جي ان ڳالهه تي ٿوري حيرت ٿي. الائي ڪٿين ٿي سمجهيائين، مون وٽ ايتري رقم هوندي. ايڏي رقم بچت ۾ هجي ها ته ٻيو ڇا گهرجي ها.

"جي؟" مون کان بي اختيار نڪري ويو.

"مئنيجر کي ڇئن لکن جي ضرورت آهي". خيروءَ وراڻيو "هي اسان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪي چاليھہ لک پيش ڪرڻ تـو چاهي تہ جيئن ڪيس چار لک ملي سگهن. پر اسان پنجون حصو ڏينداسين، جيئن ٻين کي ڏيندا آيا آهيون. ان حساب موجب هن جي حصي ۾ اٺ لک ايندا.“

خيرو ڳجهارتن ۾ ڳالهائي رهيو هو ۽ مون هڪدم ڳجهارت ٻجي ورتي.

”انهن چاليهن لکن جي ڦر ڪرڻ لاءِ تون مون کي موڪلڻ ٿـو چاهين؟“ چيم. ”ٺيڪ آهي، مان تيار آهيان اڳ ۾ بينڪ لٽڻ جو اتفاق تہ ڪو نہ ٿيو اتر پر مئنيجر صاحب پاڻ اهڙي پيشڪش ٿو ڪري تہ مون کي ڪهڙو اعتراض، منهنجو حصو؟“ ٽڪڙ ۾ ڳالهہ نباھڻ واري انداز ۾ چيو.

خيروءَ جون تعجب مان اکيون ويڪريون ٿي ويون، ٽڪڙ ۾ پاڻ سنڀاليندي چيائين، ”تون تہ واقعي وڏو ذهين آهين.“

-”منهنجي سوال جو جواب؟“ چيم.

”ان تي پوءِ ڳالهائينداسين.“ هن وراڻيو” في الحال ڏاڙي جا تفصيل ٻڌ.“

”اسان جي علائقي ۾ ٽي فيڪٽريون ٿيون اچن هر مهيني جي پهرينءَ تاريخ اسان ٽيهہ لک روپيا وڏيڪ جمع ڪندا آهيون.“ مئنيجر ٻڌائڻ لڳو ”جڏهن تہ ڏهہ لک روپيا يا ڪجهہ گهٽ هر وقت موجود رهندا آهن. بئنڪ ٺيڪ پوڻين نائين تائين پنهنجي ڪم جي تياري ڪري وٺندي آهي. وچ وارو پندرنهن منٽن جو وقفو اهڙو هوندو آهي، جنهن ۾ عملو بي خيالو هوندو آهي. تون اوچانڪ بينڪ ۾ داخل ٿي اسان سيني کي ڪلاشنڪوف ڏيکاري بي وس ڪري سگهين ٿو. توسان گهٽ ۾ گهٽ ٽي ماڻهو ٻيا بہ هجن. هڪ ماڻهو ڪار اسٽارٽ ڪيون ويٺو هجي، ٻہ تو سان گڏ اندر داخل ٿين. بينڪ جو گارڊ جاهل آهي، ان ڪري ڪجهہ مزاحمت ڪري سگهي ٿـو هن مٿان ترس کائڻ جي ضرورت ڪونهي. هونئن بہ سندن ڊونالي بندوق گهٽي پراڻي آهي، جيتريءَ دير ۾ هو انهن کي لوڊ ڪندا، ايتريءَ دير ۾ تون کين قابو ڪري وٺندين بينڪ جو ٻيو عملو پاڻ ئي ڊڄي ويندو. پر جي گارڊ جو قتل ٿي پئي تہ وڏيڪ ڪو ڪو نہ ڪيندو. چاهيون مون وٽ هونديون جيڪي مان توکي بنا ڪنهن هٻڪ جي تنهنجي حوالي ڪندس تون ۽ مان ڏيکاءُ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

خاطر هتين پئي سگهون ٿا. پر جيئن ئي منهنجي ڪنڌ تي رائفل جي نالي رکندين يا مون ڏانهن سڌي ڪندين ته مان ڪنجيون تنهنجي حوالي ڪري ڇڏيندس، سڄو ڪم ايتري تيزيءَ سان ٿيڻ گهرجي جو پنڌرنهن منٽن کان وڌيڪ نه لڳي. آخر ۾ توهان هوائي فائر ڪندا هليا ويندا اسان پويان ٽيليفون مٿان ٽيليفون ڪڙڪائيندا سين. شهر کان نڪرڻ کان اڳ ۾ پنهنجي گاڏي به تبديل ڪجو. پوءِ جڏهن سڄي انڪوائري ٿي چڪي هوندي ۽ واردات کي مهينو ڪن گذري چڪو هوندو، مان خود خيروءَ جي خدمت ۾ حاضر ٿي پنهنجو حساب وٺي ويندس. خبر اٿر هي پنهنجي وعدي نڀائڻ ۾ پڪو آهي."

"ماڻهو پاڻ ئي پڇي ٿا وڃن؟!" مون حيرت مان چيو.

"ساک سٺي آهي، تڏهن ته ماڻهن جا پنڌ آهن". خيروءَ کلندي چيو "هي ويچارو ته معمولي بينڪ مئنيجر هو، رهندين ته اهڙا هزارين ماڻهو پيرين پوندي ڏسندين. باهر ماڻهن سان سٺيون منهن ڳالهائيندا به ڪو نه، هتي جتيون ڪٽندي خوش ٿيندا تون سمجهين ٿا تو." هن ٺٺندي چيو "ان کان وڌ ته وڳوڙ ۽ بدنامي ڦهلائڻ لاءِ وڏيون ايجنسيون ايلازو آهن."

"تو انڪار ڪيو اٿن؟"

"انڪار ڪرڻ ته پاڻ سڪيو ئي ڪونهي." چيائين.

"ملڪ پلي تباهه ٿئي؟" چيم.

"منهنجي چاهڻ يا نه چاهڻ سان ڇا ٿيندو". خيروءَ وراڻيو "جنهن طرح ملڪ هلي ٿو، جنهن نموني موڇڙي بازي جاري آهي ۽ جنهن نموني حفاظت ڪرڻ وارا پاڻ ئي تباهي ڪن ٿا اسان ڪٿي ڪجهه به نه ڪيون، پاڻ ئي تباهه ٿي ويندو، فرق رڳو اهو هوندو ته هو پنهنجي بجاءِ، تباهيءَ جا موڙ اسان جي مٿي تي ٻڌندا."

"ٻن ڪروڙن جي آڇ آهي، هن جي هاءِ ڪمان ان وڳوڙ جو جائزو وٺي رهي آهي."

"تون ڪهڙو ٿو چاهين؟"

"اهي سياست جون ڳالهيون آهن". "چيائين "في الحال انهن ڳالهين کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چڏ. اهو ٻڌاء ڪميشن جي باري ۾ ڇا ٿي پڇيئي؟"

"چاليھہ لکن ۾ منھنجو حصو ڇا هوندو؟"

"شاهو گھٽو ڏيندو هيئي؟"

"جي مان ڪيس چاليھہ ڏيان ها تہ گھٽ ۾ گھٽ ڏهہ لک ڏئي ها."

"پر هتان جو معاملو الڳ آهي". مون وراڻيو "تون چاليھہ آٽيندين تہ اٺ لک پوليس کي ويندا ۽ اٺ لک مئنيجر کي مان ڏهہ لک ڪٽندس تولي ۾ اٺ لک ورهائجي ويندا باقي رهندا اٺ لک جن مان تي تو سان گڏ هلڻ وارن کي ۽ پنج لک توکي ملندا. جي راضي هجين تہ تياري ڪر نہ تہ ڪنهن ٻئي کي موڪليان".

هن چاليھہ لکن جو ايڏو تہ صاف ۽ چٽو حساب ٻڌايو جو ڳل محمد جهڙو حساب ڪتاب جو ماهر ماڻهو بہ ايڏو نفيس حساب ڪو نہ ڪري سگھي ها.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ٢٣

پٺي ڏينهن منجهند جو ڪرم عليءَ خبر ڪئي تہ پروفيسر صاحب وڃي رهيو آهي. اهو ڄاڻي تہ پروفيسر جي ترين مان تيل ڪو نہ نڪرندو، خيروءَ بنا پُنگ وٺڻ جي ڪيس ڇڏڻ جو فيصلو ڪيو. پيلي جي تاريخ ۾ اهو پهريون واقعو هو جو ڪنهن کي ائين مفت ۾ زندهہ سلامت وڃڻ جي اجازت ڏني وئي هئي. هونئن نہ تہ خيروءَ وٽان لاش ئي مالڪين ويو هو.

مان هن کي مبارڪ ڏيڻ لاءِ ڊوڙندو ويس. پر هو مون کان اڳ ۾ وڃي چڪو هو. خيروءَ پروفيسر کي ويندي مهل پنجاهہ هزار ڏيڻ چاهيا پر پروفيسر اهو چئي معذرت ڪئي تہ جنهن غربت ۾ سڄائيءَ سندس جان بچائي آهي، هو ان کي قائم رکڻ چاهيندو.

”ماستر سائين“ خيروءَ ڪيس پاڪر پائيندي چيو ”مون پنهنجيءَ زندگيءَ ۾ تو کي پهريون مڙس ماڻهو ڏٺو آهي. هن مهل تائين جيڪي بہ ماڻهو آيا، چاهي دوست هجن يا دشمن، ڪو بہ مڙد ماڻهو ڪو نہ هو. وڃ سائين، وڃي ڇوڪرن کي پڙهاءِ ۽ هنن کي پاڻ جهڙو مڙس ماڻهو بڻاءِ. اسان جي مڙسي تہ وڪامجي وئي آهي.“

مان ڪرم عليءَ سان گڏ واپس لانڍيءَ ۾ موٽي آيس. منهنجي چوڻ تي هن هڪ هن اگهاڙي فلم هلائي. ٻن ٽن منظرن بعد منهنجي حالت غير ٿيڻ شروع ٿي. دل ۾ مونجهہ ۽ بي چيني پيدا ٿيڻ لڳي. ائين ٿي لڳو، ڄڻ مٽل محفل مون سان گڏ زينت ۽ نوران کي بہ ننگو ڪيو ويو هجي. مون کان پنهنجي ۽ هنن جي اها بي عزتي ڏٺي ڪو نہ ٿي سگهي. اُٿيس ۽ وي سي آر جي اسٽاپ کي دٻايم پٺي لمحي ڪرم عليءَ جي وات مان گار نڪتي ۽ اُٿي وري اسٽارٽ تي هٿ رکندي چيائين ”جي شرم ٿو اچئي تہ وڃي ٻاهر ويهہ“.

ڪاوڙ تہ ڏاڍي آئي. پر ڪاوڙ کي پي وڃڻ جو فن اچي ويو هيم سردار جي موت مون کان سڄي همت کسي ورتي هئي. رهيل ڪسر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

زينت جي ملاقات پوري ڪري ڇڏي هيم. مون زينت کي حاصل ڪرڻ تي چاهيو. ساڻس پر سڪون زندگي گذارڻ ٿي چاهي مان بزدل ڪو نه هوس. جنهن بيهوداڻپ مان ڪرم عليءَ جواب ڏنو هو ان جي تقاضا هئي ڪيس هڪ ئي ڌڪ سان پورو ڪري ڇڏيان. تہ جيئن ڪيس يقين اچي وڃي، ڪنهن شريف ماڻهوءَ کي ان نموني جواب ڪو نہ ڏبو آهي.

ٻئي هفتي خيروءَ مون کي ٽن وارداتن تي موڪليو. پهرين واردات ٽنل روڊ واريءَ بينڪ جي هئي. جا سولي نموني پوري ٿي گارڊ جون بندوقون ايڏيون فضول هيون جو کسڻ ۾ ئي بہ ٽڪر تي پيون بينڪ مئنيجر طئي ٿيل منصوبي موجب اداڪاري ڪرڻ لڳو مون کي هن متان پهريون ئي ڪاوڙ هئي تہ جنهن ٿانو ۾ کائجي ان ۾ ئي ٽنگ ڪجي. انهيءَ ڪري مون ڪيس سچ مچ ۾ مارڻ شروع ڪيو. هن چاپيون تہ جلدي ڏنيون پر منهنجي پنهنجي ڪاوڙ لهي ئي ڪو نہ ڪيس مارينڊو رهيس. جيڪا شيءِ هٿ آئي. مغز ۾ وهائيندو ويم. ويندي فون ۽ پيپر ويٽ تائين هو زمين تي ڪري پيو تہ لتون هڻڻ شروع ڪيم ان وچ ۾ منهنجا ساٿي تيلها پري اسٽرانگ روم مان ٻاهر ڪڍي آيا ۽ مون کي ٻانهن کان ڇڪي زوريءَ ٻاهر وٺي آيا. مون مئنيجر جون پاسريون سجائي ڇڏيون پوءِ بہ اندر جي باهہ ڪو نہ ٺري هيم. دل چاهيم پئي، ويندي ويندي بوٽ جي ڪڙيءَ سان ڪيس انڌو نہ تہ ڪاڻو ضرور ڪندو وڃان نمڪ حراميءَ جي ڪيس ڪا تہ سزا ملي.

بعد ۾ خبر پيم منهنجي مارڪٽ هن نمڪ حرام جي نيڪ ناميءَ ۽ بهادريءَ ۾ واڌارو آندو سندس علاج شهر جي وڏيءَ اسپتال ۾ ٿيو ۽ ڪيس نقد انعام بہ ڏنو ويو. ترقي ان کان علاوهہ خيروءَ تہ چيو هو، مون کي ان ڪاروائيءَ ۾ پنج لک ملندا پر مليا ڇهہ لک چو تہ ٻئنڪ مان رقم تقريبن اڻيتاليهہ لک ملي هئي ۽ طئي ٿيل رقم بينڪ مئنيجر کي پهچائي وئي.

ٻي مهم هڪ سرمائيدار جي اغوا هئي. خيروءَ کي اطلاع آيو تہ هو شهر جي هڪ وڏي مشهور ڊاڪٽر وٽ پنهنجي معائني لاءِ نيڪ پنجين وڳي پهچي ويندو ۽ سادي ڇهين وڳين اتان نڪرندو ڪيس سندس ڪار



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۾ ئي اغوا ڪرڻو هو ۽ بينڪ جي رقم هڪ پوليس آفيسر کي پاڻ ئي وصول ڪرڻي هئي ۽ خيروءَ کي پنج لک ڀولايا ويا. ان ڪاروائيءَ جا مون کي به لک ڏنا ويا.

ٽئين واردات مون اڪيلي سر ڪئي هئي. ان مان مون کي ٽي لک مليا.

خيروءَ ۾ هڪ اهڙي عادت هئي جيڪا مون کي بلڪل پسند ڪو نه هئي. هن کي سهڻا ڇوڪرا وڻندا هئا. شهر جي هڪ اسڪول وٽان گذرندي ڪيس هڪ ڇوڪرو پسند اچي ويو هن ڪار روڪي ان ڇوڪري ڏانهن اشارو ڪندي چيو.

”بهادر، جي ڇوڪري کي شام تائين ٻيلي اندر پهچائين ته تو کي پورا ٽي لک ملندا.“ ان وقت مون ۽ خيروءَ کان علاوه ٻيو ڪو ڪو نه هو مان ڪار مان لهي پيس ڇوڪرين کي اغوا ڪرڻ ڏکيو پر ڪنهن ڇوڪري جي اغوا ۾ ڪهڙي ڏکيائي. خيرو ڪار اڳتي ڪاهي ويو ته مان ڇوڪري ڏانهن وڌيس هو پنهنجي ٻن دوستن سان ڪلي رهيو هو ٻيا ته ڪيترا ڇوڪرا گهمي ڦري رهيا هئا.

مون هڪ لمحي لاءِ سوچيو ته ڇا ڪرڻ گهرجي. پوءِ پر سان گذرندڙ هڪ شاگرد کان پڇيم ”هو سامهون جيڪو ننڍين وارن وارو گورو ڇوڪرو بيٺو آهي، تنهن جو نالو ڇا آهي؟“

”سليم“، هن وراڻيو ”ميٽرڪ ۾ پڙهندو آهي.“

مان اڳتي وڌي اتي پهتس، جتي خيرو بيٺو هو.

”توهان مان سليم ڪهڙو آهي“ پڇيم.

”ڇو؟“ هن اڳتي وڌي چيو ”مان آهيان.“

مون ڪيس اڳتي وڌي چيو ”مان اسپتال مان پيو ٿوا چان. تنهنجيءَ ماءَ جو ايڪسيڊنٽ ٿي پيو آهي. هن وقت هوءَ اسپتال ۾ تو کي ياد ٿي پئي ڪري.“

رڳو سليم ئي ڪو نه، پر هن جا دوست به پريشان ٿي ويا.

”تون گهبراءِ نه ڪتاب هنن کي ڏي، مون سان گڏ ٽيڪسيءَ ۾ هل مان تو کي اسپتال پهچائي پوءِ اڳتي هليو ويندس.“

ٽيڪسيءَ کي روڪي، هن کي ٻانهن کان وٺي ٽيڪسيءَ ۾ ويهاري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڊرائيور کي چيم "جلدي ڪر، سول اسپتال هل."

باقي پوءِ جو ڪم آسان هو. اڳتي هلي ڊرائيور کي ريوالر جي زور تي هيٺ لاهي، ٽيڪسيءَ کي ڊوڙايم هو روڊ مٿان رڙين ڪرڻ کان سوا ڪجهه ڪو نه ڪري سگهيو. سليم منهنجيءَ ان حرڪت تي پريشان ٿي ويو. ڪيس به ريوالر ڏيکاري سندس پريشانيءَ ۾ وڌيڪ اضافو ڪيم.

"توکي ڪجهه ڪو نه ٿيندو" چيم "تون ماٺ ڪري ويٺو رهه".

"وٺي ڪيڏانهن تو پيو هلين" روئڻهارڪو ٿي چيائين.

"هڪ ماڻهوءَ جي سڃاڻپ ڪرائڻي اٿم." ڪيس چيم "سڃاڻپ ڪرائڻ بعد جتي چوندين، اتي ڇڏي ايندو سانءِ."

"مون کي اسڪول ئي ڇڏجانءِ."

سليم جي خواهش جو پورو احترام ڪيو ويو. پن ڏينهن بعد، رات جي اونداهيءَ ۾ سندس لاش هن جي اسڪول جي اڱڻ ۾ ڦٽو ڪيو ويو.

ٻئي ڏينهن سڄي شهر ۾ هنگاما شروع ٿي ويا. بسون ساڙيو ويون سرڪاري جاين جا شيشا ٽوڙيا ويا. سڄو شهر اٿلي آيو. هر زبان تي هڪ ئي نعرو هو.

"ظالمو جواب ڏيو، سليم جي موت جو حساب ڏيو."

شهر جو ڪو ٿاڻو اهڙو ڪو نه هو جو شر پسندن جي وٺ پڪڙ ۾ روزانو پن ٽن لکن کان گهٽ ڪمائيندو هجي. نيٺ ڪرفيو لڳايو ويو ۽ هنگامن جو زور ٽٽو.

هنگاما هٽيا ته هڪ وڏي آفيسر، ايڏي وڏي پيماني تي ٿيل هنگامن جي شڪرئي ادا ڪرڻ لاءِ خيروءَ کي هڪ نئين پجيرو جيپ جو تحفو موڪليو ان سان گڏ اهو به چورائي موڪليو ته نذراني پيش ڪرڻ لاءِ هو پاڻ پڻ ٽن ڏينهن ۾ هن وٽ حاضر ٿيندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جلڪي هيٺ لڙڪي پئي مون کي ڪل آئي.

"تون هڪ اڌ ڀيرو ته جيڪر آرام سان ريجهائي رکين." ڪلندي چيم "پنهنجا ڀار پاڻ پرچائيندو هوندين؟" ڀيرڻيون هو مرڪيو پوءِ پنهنجي ڇاتين تي نظر وجهندي، شرمائجي ويو. سندس شرمائڻ ڪيس وڌيڪ مسڪين ڪري وڌو.

رات جو مون کي ننڊ ڪو نه ٿي آئي زينت جي خيال منهنجي دل مٿ ۾ ڪئي هئي. هيڏي مدت بعد ساڻس مليو هوس ۽ وري اڻين ڇڏي هليو آيس جڻ هوءِ منهنجي سڃاڻو ئي ڪو نه هئي. ڪيس اهو خيال ڏاڍو ستائيندو هولدو ته مان هن کي انهيءَ ڪري ڇڏي ويس جو هن مون کي شام جو گهر اندر گهڙڻ کان منع ڪيو. ڪيتري نه پيڙا هوندي سندس ڪنواري من ۾ سالن جا سور چڪيل ڦٽ جيئان چڪي پيا هوندس.

پاسو ورائي ڏٺم ته استاد رحيم به اکيون پٽيون پيو هو ڪيس سوين سوداءَ من ۾ ايندا هوندا مان پنهنجي سودائن ۾ جاڳي رهيو هوس.

"استاد جاڳين ٿو پيو ڇا؟"

"ها"، وراڻيائين "تون به جاڳين ٿو پيو، مان پڇي ڪو نه ويندس"

"مان پنهنجي لاءِ جاڳان ٿو پيو، تنهنجي لاءِ ڪو نه". وراڻيم.

"ٻيلي جي زندگيءَ ۾ خوش آهين؟" هن پڇيو.

"استاد، سپنا ڪو به هٿ سان ڪو نه ٽوڙڻ چاهيندو آهي". وراڻيم.

"اسان جا سپنا زوريءَ ٽوڙيا ويا آهن."

"پنهنجي سپن ٽٽڻ جو احساس اٿئي، باقي ٻئي جو ڪو نه". چيائين.

"تو ڪيترن جا سپنا ٽوڙيا آهن؟"

اچانڪ دل جي متان سور جي سٽ ايري دماغ ۾ چڪر اچي ويو اکين ۾ ڪوسو پاڻي پرجي آيو اکيون ٻوٽي زور ڏنم ڳوڙها هيٺ ترڪي پيا.

"توهان کي رڳو اسان غريب ماڻهو ئي هٿ تا اچون" هن چيو "ڪنهن وڏيري يا سندس ماڻهوءَ کي ڪٽي ڏسو ته خبر پئي. پوليس يا فوجيءَ جي مٽ مائٽ جي ويجهو وڃي ڏيکاريو ته پوءِ ڏسون ڪئين ٿا ڏاڙا هڻو. هر ڪنهن جي مار رڳو غريبن متان، ائين چو؟"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”غريب کي هڪ پاسي پوليس ڦري، ٻئي پاسي ڌاڙيل“ ، هو چوندو رهيو ”ٽيون وڏيري جي لت تہ اڳ ۾ ئي ڪنڌ تي آهي، غريب جو ٻار ڄمندي ئي سوگهو ٿيو وڃي.“

”آخر ائين ڇو ٿا ڪريو؟“ مون پڇيو.

مون ڪا ورندي ڪو نہ ڏني،

”جاڳين تہ اٿو؟“ پڇيائين، ”ننڊ ونئي ويئہ ڇا؟“

منهنجي وجود ۾ تاڻڊن جو مچ ٻري پيو مرحوم سردار جون وارداتون اکين آڏو ڦري آيون پاڻ کي پنهنجي اندر ڳرندي محسوس ڪيم. سوچيم مون ڪان وڏيڪ ڪو ڪمينو ڪونهي. مون گناهن متائڻ جو واعدو مرحوم سردار سان ڪيو هو ايس بي لطفيءَ کي پڪ ڏني هيم. هو ماٺ ٿي ويو هن جي ماٺ منهنجي سوچ ۾ احساس جا ڪنڊا ٽنبي ڇڏيا. هن منهنجي وجود کي ڌوڏي ڇڏيو. مان ويڪرو ٿي پاڻ ۾ ئي سُسُي سوڙهو ٿي ويس. هڪ ئي وقت منهنجو سڄو وجود ڏنگجي ويو ڪليل آسمان هيٺ، ڪليل هوا هوندي، سڄو بدن ائين پگهرجي ويو ڄڻ بند ڪنديءَ ۾ بند پيو هجان.

”اٿ“ ڪيس چيم

”ڇا؟“ هن تعجب مان پڇيو.

”اٿ تہ هلون“ چيم.

”ڪاڏي؟“ هن جهيٽي آواز ۾ نهايت بي وسيءَ مان چيو.

وڏيڪ ڪجهہ چوڻ جي مون کيس ٻانهن کان ونئي ڇڪي اٿاريو.

اسان هلندا رهياسين رات جي گگهہ اونداهيءَ ۾ بہ ڄڻا ماٺ ڪيون ائين هلي رهيا هئاسين ڄڻ هارايل جنگ جو پڇتاءُ ڪٽي موٽندڙ بہ سپاهي هجون.

”ماريندين ڇا؟“ هلندي هلندي هن خاموشيءَ کي ٽوڙيندي، ٽراسائيءَ مان پڇيو.

”منهنجي ڳالهہ تي خار لڳي تي ڇا؟“ سندس اندر ۾ آند ماند هُئي، هن وري چيو ”پڙهيل ڳڙهيل آهين. تون تہ منهنجيءَ ڳالهہ کي سمجهي سگهين ٿو. مون غلط تہ ڪو نہ چيو.“

مان ماٺ ۾ هلندو رهيس.

”منهنجي پويان منهنجا ڇهہ ٻار آهن“ هو چوندو ”هليو جي مان هنن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪان هليو ويس تہ سندن جواني آئي ۽ لَٿي جي چَڪر ۾ اٽيئي رڪجي ويندي. تون منهنجي ڳالهہ سمجهين ٿو نہ؟“
مان ماٺ ۾ ئي رهيس.
”جي پئيسن جي هرويرو ايٽري ٺي بک آٿو تہ منهنجا ڪي دوست آهن، جيڪي شايد مون کي زنده ڏسڻ لاءِ پنهنجا ڳهہ ڳنا وڪٽي بہ مون کي واپس موٽائي وٺن. تون ڀهريون هِن ڏي ماٺهو موڪلي ڏس باقي منهنجا مائٽ ويچارا تہ پاڻ مون ڪان وڌ مسڪين آهن ٻڌندا تہ اصل لڙهي ويندا.“
”تون ماٺ ڪري نہ هلندين؟“ چيم ”گهٽو سوداءَ نہ ڪر“.
”مان سچ ٿو چوان“، هن چيو ”مون هڪ جي ڪري ڇهن جوانين کي تباهہ نہ ڪر. سائين شبير شاهہ ۽ پيوءَ جي ايڊريس ڏيان ٿو، جي اهي نہ ملن تہ اڪبر تہ ضرور ملندو تون اطلاع ڪري ڏسين.“
منهنجي چپن تي هلڪي مرڪ تري آئي. ماسٽر وري بہ ماسٽر ئي هو. اڃان تائين ڪنهن پيوءَ جي پچر ڪو نہ ڇڏي هئائين. اسان تقريباً ڏهہ ميلن جو فاصلو ڪري چڪا هئاسين جي ٻئي پنهنجين سوچن ۽ سودائن ۾ ورتل نہ هجون ها تہ ساٿا تي ڪٿي ڪري پئون ها.
ڇتو سوجهرو ٿيو تہ اسان پڪيءَ سڙڪ تي پهتاسين مون هڪ ڀيري ڀيهر سندس نماڻين اکين ۾ ڏٺو. پوءِ انهيءَ مسڪين چهري تي نظر وجهي، سندس پيرن تي ٻئي هٿ رکندي چيم.
”استاد سائين، پنهنجي شبير شاهہ ۽ پيوءَ کي سلام ڏجانءِ تو جهڙا مڙس بہ ڪي مارڻ جا آهن جيڪڏهن وري ڪڏهن ڪو اهڙو ڏکيو وقت اچي وڃئي تہ شبير شاهہ، پيوءَ ۽ اڪبر سان گڏ مون گناهگار کي بہ ضرور يادڪجانءِ. دعاءِ ڪر، مان بہ ويل وڃائڻ وارو ڪونہ آهيان. تون مون کي پنهنجو وجود موٽائي ڏنو آهي. اڄ وري مون پاڻ کي سڃاتي ورتو آهي.“
هن مرڪڻ جي ڪوشش ڪئي، پر سندس اکين مان ڳوڙها هيٺ نمي پيا. آگر سان ڳوڙها اگهندي، هٿ ٻڌي هن ڪجهہ چوڻ چاهيو، پر ڪو لفظ ڪو نہ ڪڍي سگهيو. پوءِ مون کي ڀاڪر ۾ ڪري، ڳوڙها اگهندي، ڳوريون وڪون کڻندو اڳتي وڌي ويو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ٢٥

مان قانون نافذ ڪندڙ اداري جا به مائٽ اغوا ڪري آيس باهه نه رکو
ٻيلي ۾ ٻري وئي، پر ڳوٺن ۾ شهرن ۾ مچ ٻرڻ لڳا ماڻهو رڙن ۽
ٻڪرين جيئان واڙجڻ ۽ ڪنجڻ شروع ٿيا.

خيرو سهڪندو پهتو. ڪاوڙ ۽ حراس ۾ هو پنهنجو پاڻ ۾ ڪو نه هو.

"تون اسان سيني کي مارائيندين" چيائين "تون چاهين ٿو، اسان به
شاهوءَ جيئان تباهه ٿي وڃون."

سندس وات مان ڪف ڳڙي رهي هئي، چيائين "منهنجا پنهنجا اصول
آهن، نه ڪنهن دوست جي ماڻهوءَ کي هٿ لاهيون، نه وري ڪو اسان
جو ڏڪ جهلي."

"تون ته مون کي ڪنهن جي منهن ڏيکارڻ جهڙو ئي ڪو نه رکيو"،
هو چوندو رهيو "ماڻهو ڪٿي آهن؟"

"ڪهڙا؟" پڇيم.

"بابا، سياڻو ٿي بهادر، راڄن جا پٽڪا نه لهراءِ" چيائين "هلي ڏس ته
ڪهڙا چڱا مڙس پٽڪا لاٿيون ويٺا آهن، ٻانهون ڏي ته موٽايون."

وچي ڏنم ته ذات وڏيرو، مٿو اگهاڙو ڪيون ويٺو هو.

"سائين مٿو ته ڍڪيو، توهان کي عزت ڏبي." خيروءَ چيو "توهان
کان پلا ڪڏهن پري ويو آهيان؟"

"خيرو، الله جو نالو ٿي پويان اسان جو عزتون نه رلي وڃن" "انهن
مان هڪ روئنهارڪو ٿي چيو "جي ٻانهون پاڻ سان نه وٺي وياسين ته
اسان جا ننگ ڏاٿن تي چڪبا ٻيلي اسان جا ننگ نه رلاءِ. هي پٽڪو ميڙ ٿئي."

مون ان وقت دل ۾ سڪون محسوس ڪيو ڪين وڏو درد هو ته ننگ
چا ٿيندا آهن عزت چا ٿيندي آهي دل ۾ آيو پڇان ته سهي ڪنهن
غريب جو ڪو ننگ نه هوندو آهي، ڪنهن غريب جي ڪا عزت نه
هوندي آهي جو هنن کي ٻارين ٻچي ڏاٿن ۾ رولينڌا آهيو. اڄ هنن جي
پنهنجي ننگن ۽ عزت ۾ ڏاڍي جو هٿ هو، جيئن هنن جو هٿ غريب



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وارن جا گناهہ معاف ڪري ڇڏيندو آهي." دادن جي اکين ۾ پاڻي ڀرجي آيو "هو منهنجا گناهہ بہ ضرور معاف فرمائيندو."

"دادن مون کي بہ تو جيئان هتان جي گناهن ڀريل زندگي پسند ڪونهي"، چيم "مان بہ هن ڀيلي کي ڇڏڻ چاهيان ٿو. پر تون چڱي طرح ڄاڻين ٿو، ڀيلي کي ڇڏڻ ڪيڏو ڏکيو ڪم آهي. ڪا اهڙي ترڪيب نٿي ٿي سگهي، مون کي بہ گناهن کان نجات حاصل ٿئي."

"مون سان گڏ حج تي هل" چيائين "خدا وڏو غفور رحيم آهي مان پاڻ خيروءَ سان ڳالهائيندس". مون کي سوچڻ ۾ ڪجهہ گهڙيون لڳي ويون سوچيم دادن سان هتان نڪري، حاجي ڪيمپ مان غائب ٿي سڌو چاچي وٽ وڃي نڪران. ڪين سڄيءَ صورت حال کان آگاهہ ڪري، زينت سان ڪٿي پري گمنام گذاريان. گهٽ ۾ گهٽ هوءَ تہ خوش رهندي.

"نيڪ آهي"، ڪيس چيم "تون خيروءَ سان ڳالهاءِ."

خيروءَ ٻڌو تہ هڪ وڏو ٽهڪ ڏنو. "خير تہ آهي، سيني کي اِهو نيڪ ٽيڻ جو ڀوت ڪٿان هٿ آيو آهي."

وري هڪدم سنجيده ٿي چيائين "ڏس، مون اڄ تائين ڪنهن کي نماز کان ڪو نہ روڪيو آ نہ وري روزن رکڻ جي منع ڪئي. حج کان بہ منع نٿو ڪري سگهان. دادن جيئان تون پوڙهو ڪو نہ آهين تنهنجي لاءِ اڃان زندگي پئي آهي. چاهين تہ اڳلي سال وڃي سگهين ٿو."

"زندگيءَ جو ڪو ڀروسو ڪونهي"، چيم "جي مون کي اڳلي سال تائين زنده رهڻ جو يقين هجي تہ مان خوشيءَ سان پنهنجو ارادو تبديل ڪندس."

"تنهنجي مرضي پر ايترو ٻڌي ڇڏ، اڳئين مهيني توکي گهٽ ۾ گهٽ ڏهہ لک ملڻ وارا آهن.

"ڏهہ لک مون کي؟"

"ها، گهٽ يا وڌ ڪروڙ جو ڇاپو آهي."

"دنيا جي سڄي دولت جو ڪو نہ اڄي جهول ۾ پئي، پر الله جي راهہ ۾ وڌايل قدم پٺتي ڪو نہ هٽندو"، دادن وراڻيو "بهادر، جي دل ۾ نيڪيءَ جو خيال آيو آهي."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مون دادن ڏانهن ڪو ڏيان ڪو نه ڏنو خيروءَ جي اکين ۾ اڪيون ملائيندي چيم:

"سودو پڪو آهي؟" چيم "اهو ساڳيو؟"

"نه"

"پوءِ باقي ٻيو ڪهڙو اهڙو وڏو ڪم هٿ آيو ٿئي؟"

دادن وچ ۾ چيو "جنهن شيءِ کي وٺڻو ئي نه هجي، ان جو اگهه پڇڻ فضول آهي"

"ايترو آسان ڪم آهي جو ٻار به ڪري سگهي. پر تو سان خاص قرب آهي تڏهن تو توکي پاڻ سان گڏ ڪٺان." خيروءَ مرڪندين چيو.

"بهادر جي راهه نه روڪ، هن کي مون سان گڏ حج تي وڃڻ ڏي."

دادن خيروءَ کي چيو "توکي به خدا ان جو اجر ڏيندو."

"نه دادن" وراڻيم "خيروءَ جا اسان مٿان هزارين ٿورا آهن هي ڪم پورو ڪري، پوءِ ڪٿي عمري تي هليو ويندس، هونئن به حج ڪيڏانهن ڀڄو ته ڪو نه ٿو وڃي. ان لاءِ سڄي عمر پئي آهي. هڪ گناهه ٻيو سهي پوءِ هڪ منو سڀ گناهه معاف ڪرائيبا."

منهنجي جواب تي دادن جي اکين ۾ پاڻي تري آيو. "مون سمجهيو تي تون سچ پچ پنهنجي گناهن تي پشيمان آهين." هن چيو ۽ ڳوڙها اگهندو هليو ويو. دادن ڏاڍو سادو هو نٿي ڄاتائين. مون ته حج رکو بهانو ٿي ٻڌايو. شام جو دادن کي رخصت ڪيو ويو. هن مون کي هڪ وڻ هيٺان اڪيلو ڏٺو ته مون ڏانهن آيو. ڪلهي تي هٿ رکي چيائين.

"بهادر، تون حج تي ڪو نه هلئين، پر خدا جي رحمت مان نا اُميد نه ٿجانءِ."

مون اونهو ساهه کنيو "الله تنهنجو حج قبول ڪندو." ڪيس چيم "خدا توفيق ڏني ته مان هتي ئي حج ڪندس تون اتي منهنجي لاءِ دعا ڪجانءِ."

نوٽن سان ڀريل ٿيلهو ڏيندي چيو مانس "دادن، نه ڄاڻان هنن نوٽن ۾ ڪنهن ڪنهن جون آهون ۽ خون شامل آهي تون هنن کي ڪٿي سمنڊ ۾ ڦٽو ڪري ڇڏجانءِ."

"چريو ٿيو آهين ڇا؟" دادن حيرت مان چيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”هوش ۾ آيو آهيان“ وراڻيم، ”منهنجا گناهه حج ڪرڻ سان به ڪو نه ڌوپندا. مان وڏو گنهگار آهيان، شل خدا معافي ڏئي.“

”تون سچ مچ چريو ٿيو آهين“ دادن مون کي ڀاڪر ۾ ڪندي روئي ويٺو ”تنهنجي ان چريائپ تان مان قربان وڃان. دل ننڍي نه ڪر، خدا وڏو غفور رحيم آهي.“

منهنجي دل ۾ هڪ وقت هزارين سيون چڀي ويون. پاڻ کي ذلت جي کاهيءَ ۾ ڪريل محسوس ڪيم. ماستر رحيم ۽ ايس پي لطفيءَ منهنجي اندر جي انسان کي جاڳائي وڌو هو ۽ منهنجي غيرت ڪر موڙي اٿي هئي. هنن منهنجي زندگيءَ جي ٺهراءَ کي لوڏي، مون کي زندگيءَ جو سچ سمجهايو هو.

پر مان ڪيڏانهن وڃي رهيو هوس؟ منهنجي رستي جو رخ ڪيڏانهن مڙي ويو هو؟

اُهو ئي خون، اهو ئي ڦرلٽ جو؟ چالاڪ ۽ مون هڪ پڪو ارادو ڪري ورتو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ٢٦

اڳ ۾ ڪڏهن ايئن ڪو نه ٿيو هو جو ڪو ڌاڙيل ڪنهن ننگ آڏو آيو هجي. پر خيروءَ ۽ سندس ٽولي اهي قهر به ڪيا. هڪ واردات ۾ خيروءَ ڪنوار جا ڳهه ڦريا ۽ گهوٽ کي گولي هڻي ماريو. ڪنوار ڳهه لاهي ڏيندي روئي چيو هو،

”هي زيور ڀلي وٺو، پر گهوٽ کي ڇو ٿا ماريو“

هن جي ان روئڻ تي منهنجي اندر ستل غيرت جي درياهه اٿل ڪاڏي. رائفل تي هٿ جو زور وڌي ويو. ٻيءَ گهڙيءَ مان ڪجهه ڪريان، خيرو پنهنجيءَ جيپ ۾ زيور اڇلي ٽپ ڏئي چڙهي ويئو.

ايتري ڇوٽ مليل هئي جو اسان شهر جي وچ چوڪ تي پوليس سان گڏ ڇانهيون پيئڻ ۽ مانيون کائڻ لڳا هئاسين. عوام ويچارو بيوسيءَ مان اسان کي ڏسندو به ڪجي ڪو نه سگهندو هو. ڊانهن ڏئي ته ڪنهن کي پوليس ته اڳ ۾ ئي اسان جي پڳ مٽ يار هئي.

جڏهن وري هو پنهنجي ڪنهن وڏيري اڳيان وڃي روئيندا ته هو ڪين اها مهرباني ڪندو جو خيروءَ ڏانهن چٺي لکي ڏيندو يا ڪنهن پنهنجي دلال کي ساڻ ڏيندو ۽ هو رعايتي اگهه تي پنهنجو ماڻهو ڇڏائي ويندا. هو خوش ته سندن ڪم ٿيو، اصل ۾ اها رقم انهيءَ ماڻهوءَ جي حيثيت موجب اڳ ۾ ئي ڪٽيل هوندي هئي.

خيرو پوليس جو وڏو مان ڪندو هو. جيڪڏهن ڪنهن اغوا سبب شهر ۾ هڙتال ٿيندي يا مٿيون عملدار واعدو ڪري ويهندو ته فلاڻي ڏينهن يا فلاڻي وقت تائين ٻانهن موٽائي آهي ته خيرو هن جي زبان کي پاڻي ضرور ڏيندو. رڳو نياپو آيو ناهي ۽ ماڻهو ڇٽو ناهي.

منهنجي اڳيان گناهن جي تصوير ننگي ٿي چڪي هئي. مظلومن مٿان ظلم ڪندڙ هارين، مزدورن، ابوجهن کي لٽيندڙ، هيسائيندڙ ۽ سندس رت وهائيندڙ ظالمن جو چهرو منهنجي اڳيان ڇٽو ٿي بيٺو. مون کي پنهنجو چهرو پوائتو لڳڻ لڳو هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مون پنهنجي طور هر ممڪن ڪوشش ڪئي ته ڪجهه ڳوناٺن کي پاڻ سان ملائي اعتماد ۾ وٺي ڪين پنهنجي سر مقابلي لاءِ تيار ڪريان. پر هڪ ماڻهو به اهڙو ڪو نه مليو جيڪو اها همٿ ڪري ها پوليس ۽ وڏيرن کان ايترو هيسيل هئا جو ڪنڌ مٿي ڪڻڻ کان به ڪيٻائي رهيا هئا.

ڪجهه پڙهيل ڇوڪرا هئا جن رڙيون ته ڪيون ٿي، پر وڙهڻ لاءِ تيار ڪو نه هئا. جنهن قوم کي پٺاڻ، ارغون، عرب ۽ انگريز هيسائي ڪو نه سگهيا هئا، هاڻي اها ئي قوم پنهنجي ماڻهن کان ڏڃي رهي هئي. هونئن به غيرن سان ته مقابلو ڪري سگهجي ٿو، پر پنهنجي گهر جي دشمن سان ڪير وڙهي سگهندو.

سوچي ورتم، وڏيڪ ڪنهن ڳوٺ کي اجڙڻ ڪو نه ڏيندس، ڪنهن بيوس انسان کي بيوسيءَ ۾ مارڻ جي اجازت ڪو نه ڏيندس. عورتن کي بيوه ۽ ٻارن کي يتيم ٿيڻ کان بچائڻ جي ڪوشش ڪندس. غريب ڳوناٺن کي پنهنجي پگهر جي پورهئي مان بچايل ڪمائيءَ کي ڪنهن رهزن جي هٿ چڙهڻ ڪونه ڏيندس.

مون فيصلو ڪري ورتو، مان موت ڏانهن وک وڌائي رهيو هوس، زندگيءَ کي بچائڻ لاءِ.

هن مهل تائين جيڪي به ڌاڙا هنيا ويا هئا. اهي سانجهيءَ ڌاري لڳا هئا ته جيئن فرار ٿيڻ ۾ سولائي ۽ ڪنهن کي چوريءَ ڏک هٿڻ کان بچاءُ ٿي سگهي. پر هاڻي ڌاڙي جو وقت اڌ رات مقرر ٿيو. مون کي خيروءَ جي انهيءَ ڪمهلي ڌاڙي تي دل ۾ ڪجهه ڪٿڪو پيدا ٿيو. منهنجي تجربي ۾ اهو ان وقت جو پهريون ڌاڙو هو.

سڄو ڳوٺ ننڊ ۾ هو. هن سمهڻ کان اڳ اِهو سوچيو ئي ڪو نه هوندو، ته سندن مٿان رات ڪهڙي قيامت ٽٽڻ واري آهي.

"اڄوڪي واردات ڏاڍي خطرناڪ آهي" قلندر بخش ڪن ۾ چيو "لڳي ٿو فوج ۽ پوليس سان مقابلو ٿيندو."

پوليس ۽ فوج سان مقابلو؟ سوچيم دل الائي ڇو ڌڙڪڻ لڳي، ٿي سگهي اڄوڪي رات منهنجي آخري رات ثابت ٿئي يا نئون سج نئين ڪهاڻي ڪٿي اڀري. مون وٽ ايتريون گوليون هيون جو اڪيلو ڇڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪلاڪن تائين لڳاتار مقابلو ڪري ٿي سگهيس.

اسان ڳوٺ جي هڪ پاسي کان ٿي ويٺاسين حملي جي تيارين ۾ ئي هئاسين تہ اوچتو سڄو ڳوٺ سرچ لائٽن ۾ وهنجي ويو. "پوليس!" سيٽي جي واتان هڪ ئي وقت آواز نڪتو ہي گهڙيءَ ڳوٺ مٿان گولين جي بارش ٿي وئي.

"سمجهن ٿا، اسان ڳوٺ اندر آهيون." خيروءَ چيو "اهڙو بيوقوف سمجهيو اٿائون" گولين ۽ بمن جو وسڪارو وڌندو ويو مون خيروءَ ڏانهن ڏٺو، هن مون کي ماٺ ڪري ويهڻ جو اشارو ڪيو.

"اسان مقابلو ڪنداسين" چيم

ٻئي لمحي، خيروءَ جي مشين گن جون گوليون هوا کي چيرينديون مٿي اڏرڻ لڳيون پويان ٻين ساٿين بہ هوائي فائرنگ شروع ڪري ڏني.

"ڇا ٿو پيو ڪرين خيرو" ڪيس چيم "هوائي فائرن مان ڪجهہ ڪو نہ ٿيندو."

"تون ماٺ ڪري ڏس" خيروءَ رهڙ ڏيندي چيو "ڪا ڳالهہ سمجهہ ۾ ايندي اٿي؟"

هڪ پاسي کان پوليس ۽ فوج تہ ٻئي پاسي کان ڌاڙيل وچ ۾ ڳوٺ وارا. نظر ڊوڙايم ڳوناٺا ويچارا، رڙيون ڪيڪون ڪندا، عورتون ۽ مرد، ٻار ڪِڇن ٿي ڪنيون مسجد ڏانهن ڊوڙندا ٿي ويا. ڪن کي مسجد تائين پهچڻ جي بہ ويسند ڪو نہ ملي.

هڪ پل ۾ منهنجي اکيان مردن، عورتن ۽ ٻارن جا ڦٿڪندڙ لاش نچڻ لڳا. هيءَ تہ سڌي سنئين نسل ڪشي هئي. سوچيم خيرو ان ۾ ايترو ئي حصيدار هو، جيترو هو هئا. منهنجي مٺ ڪلاشنڪوف مٿان ڪپي وئي ۽ ٻيءَ گهڙيءَ چرين جيئان خيروءَ ۽ سندس ساٿين مٿان گوليون وسائڻ شروع ڪيم. جڏهن منهنجو سهڪو بس ٿيو تہ ڏٺم، منهنجي اکيان خيروءَ ۽ سندس ويهن ساٿين جا لاشا پيا هئا. ساهہ روڪي، هڪ زوردار لت خيروءَ جي نڪ مٿان وهائي ڪڍيم ۽ پوءِ لڳاتار ڪيس لتون هڻندو رهيس پريان ڳوٺ وارن جون رڙيون اپ ڏاري جهڪيون ٿي وري اپري رهيون هيون ڪي ڦٿڪي سمهندا ٿي ويا تہ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪن جي زبان خوف کان گونگي ٿيندي وئي. ننڍن ٻارن، عورتن جون ڪوڪون منهنجيءَ غيرت لاءِ بي شرميءَ ۽ بزدليءَ جو ڏس هيون.

دير ئي ڪو نـہ ٿي جو هڪ برسٽ مسجد ۾ لڳو ماڻهن سان گڏ قرآن جا ٽڪرا بہ اڏرڻ لڳا. انهيءَ رڙين ۽ گولين ۾ آواز آيو.

"بس ڪريو. ڪو ڏاڙيل ڪونهي ماڻهو تا مرن اڙي بس ڪريو."

ٻي گهڙيءَ هڪ ٻئي پنيان برسٽ وسڻ شروع ٿيا واڪا ڪندڙ مرد مسجد جي ڏاڪڻ ۾ ٿي ڪري پيو مون مسجد ڏانهن ڊوڙ پاتي ۽ اوٽ وٺي پوليس ڏانهن گوليون وسائڻ شروع ڪيون. هو پنهنجي هٿڻ لڳا مان گوليون وسائيندو اڳتي وڌندو رهيس. گوليون منهنجي مٿان پکيون آهستي آهستي گوليون منهنجو جسم ڪاٽڻ لڳيون.

مان ساڻو ٿي چڪو هوس رت جو وهڻ تيز ٿيندو ويو. گولين ۽ بمن جو وسڪارو بند ٿيو تہ ماحول تي موت جي ماٺ ڇانئجي وئي. مان مسجد ڏانهن رڙهڻ لڳس. مسجد جي هيٺين ڏاڪي وٽ رت جو وڏو ڍُبو ڇميل هو. مان ڏاڪا چڙهندو مٿي سرڪندو ويس. دروازي تائين پهتس تہ وردي‌ءَ تي نظر پيم. هٿ لاهي ڏٺم تہ سندس جسم گرم لڳو. هو جيئرو هو مون پاڻ ۾ طاقت پيدا ڪندي سوچيو، مرندي مرندي هڪ مردود پيو بہ ماريون چو نہ وڃان. ڪلاشنڪوف سندس ڪڪ ۾ ڏٺي. ڪر ڪٺي سندس اکين ۾ موت جو پاڇو ڏسڻ چاهيم هن ڪنجهي ڪنڌ واريو تہ منهنجا هٿ ڪلاشنڪوف کان ڍرا ٿي ويا.

هو ايس پي لطفي هو.

"ماري ڇڏ" اڌ اکيون پٽي هن ٻٽڪو ڪيو.

مان ڍلو ٿي سندس پاسي ۾ پيس مون ۾ ساهہ هيو ڪٿان، اها تہ اندر ۾ نفرت جي باهہ هئي، جنهن هن تائين پهچڻ جي سگهہ پيدا ڪئي هئي.

"ايس پي، تون؟" مون ٻٽڪيو "هي سڀ ڏاڙيل ماريا ٿئي؟"

هن ڇچريل آواز ۾ وراڻيو "آپريشن جي ڪمان هاءِ ڪمان پاڻ ڪري رهيا آهن. مون کي تہ اها سڌ ئي ڪو نہ رهي تہ ڏاڙيلن ۽ قانون نافذ ڪندڙن ٻنهي جي باهہ ڳوٺ وارن مٿان آهي"

"مون کي پوءِ بہ ڪجهہ سمجهہ ۾ ڪو نہ آيو. آهستي آهستي هو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"همت ماري ويٺين ڇا؟" چيم "مان جي جيئرو رهيس ته وري وڙهندس ڌاڙيلن سان، پوليس سان، وڏيري سان. منهنجي ويڙهه جاري رهندي مون کي تون هر زماني ۾ انهيءَ ويڙهه ۾ رڌل ڏسندين."

"پوءِ به ڪجهه ڪو نه ٿيندو"، هن ٿڌو ساهه کنيو" جيستائين هي دوکي ۽ آڪڙ جو نظام نٿو بدلجي، تون ۽ مان، ڪيستائين هيئن اڪيلو وڙهندا رهنداسين."

"جي مان زنده رهيس ته وري ماستر ٿيندس،" ايس پيءَ چيو" جي استاد انقلابي ٿي پئي ته ڌاڙيل، پوليس، وڏيرو ۽ ڪامورو ائين ڏينهن ڏٺي جو ڌاڙا ڪو نه هڻن، مان استاد ٿيندس ۽ انقلابي شاگرد پيدا ڪندس هن پرندڙ ڪوري کي جنهن ۾ بيوس ۽ بي گناهه انسان پرندا تا رهن ڪو به اڪيلو ڪو نه وسائي سگهندو."

"جيستائين جهالت جي اٿل رهندي، تون ڪنهن ڪنهن کي ماريندو رهندس هڪ ڌاڙيل پويان پنج ٻيا ڌاڙيل پيدا ٿيندا. هڪ وڏيري پويان پنج ٻيا وڏيرا اڳتي سنيري ايندا. مان ڪنهن ڪنهن کي قسم ڏئي ايماندار آفيسر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندو رهندس." هو جوش ۾ هو.

"مان نئون نسل تيار ڪندس." هن چيو "نئون نوجوان نسل سندن ذهن ۾ سچائي ۽ اڳتي وڌڻ جي سوچ هوندي پوءِ مان اڪيلو ڪو نه رهندين پوءِ هر نوجوان ايس پي لطفي هوندو، بهادر هوندو ۽ شاهو هوندو. پوءِ اهي ڦورو، اِهي رت چوسيندڙ جورون، ڪنهن سان وڙهي ڪنهن سان وڙهنديون."

"ان وقت هي پنهنجو موت پاڻ مرندا پنهنجو رت پاڻ چوسيندا ۽ پنهنجي هٿن ۾ ڀالا کڻي پنهنجي ئي پيٽ ۾ ٽبيندا. ان وقت تون ۽ مان ته ڪو نه هونداسين پر هر نوجوان، امن ۽ پيار جو پيغام ۽ ڏاڍ ۽ کهمند لاءِ ڌمڪاءُ هوندو."

منهنجي هٿ مان ڪلاشنڪوف ڍري ٿي وئي. ان کي ڌرتيءَ تي رکي گوليون مٺ ۾ ڪري اچلائڻ لڳس ته چيائين.

"نه نه، اِها تنهنجي هٿن ۾ اڃ ڪان به وڌيڪ پختي جهليل هوندي نه ته منهنجو ڪم ڏاڍو ڏکيو ٿي پوندو. جيستائين تنهنجي هٿن ۾ اها نه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هوندي هي ظالم مون کي پنهنجو ڪم ڪرڻ ڪو نه ڏيندا ۽ پوءِ ايتري دير تي چڪي هوندي جو منهنجو ڪم اڌ ۾ رهجي ويندو."

"تون اِها ڪلاشنڪوف قابو جهل ڪين ان مهل تائين ان جي زور تي هيسايو اچ، جيستائين مان پنهنجو نوجوان نسل ڏاڍ ۽ ڌمڪاءِ خلاف تيار نه ٿو ڪري وٺان."

هو چوڻ لڳو "ظالم کي وٺي ڏبي ته واڳونءَ جيئان ڳهي ويندو منهنجي تعليم، تنهنجي ڪلاشنڪوف هنن لاءِ هميشهه جو موت آهي. متان تون پنهنجيءَ ان ڪلاشنڪوف کي قتو ڪري منهنجي انقلاب کي اڌ ۾ رولي وجهين."

گهٽي دير تي چڪي هئي لاشا ڦتڪي ڦتڪي ٺري چڪا هئا. موت جي ماٺ هر پل وڌندي ٿي رهي جي ڪٽي ڪو ساهه وارو بچيو به هو ته ساهه منجهائي ڇَپُ هٽي پيو هو انهيءَ سانت ۾ دهيل بُوٽن جو آواز آيو مون ڏندلين اکين سان ڏسڻ جي ڪئي ته متان به وڏا پاڇا نظر آيا.

"آپريشن- مبارڪ سر" ايس پي لطفيءَ جو آواز آيو ۽ پانهون ايپيون ڪندي چيائين "اچي هٿو هتڪڙي وڏو ڌاڙيل مان آهيان."

هو ڪيس ڏسڻ لڳا.

"هٿو هتڪڙي، مان ڌاڙيل آهيان" هن زور سان چيو "ڏسو نه تا هي سڀ ڌاڙيلن جا لاش آهن. ٻن سالن جي ٻار کان ويندي سٺ سالن جي پوڙهي تائين، سڀ ڌاڙيل ئي ته هئا. هي ٻارين ٻچين ڌاڙيل ئي ته هئا سر."

ايس پي جو آواز ڳورو ٿي روڻهارڪو ٿي ويو پر سختي پنهنجي جاءِ تي برقرار رهي.

"مان پوليس آفيسر ڪوڙ ٿو پيو ڳالهايان. ڇا اِهي عورتون، مرد ۽ ٻار سڀ ڌاڙيل نه هئا. مان به ڌاڙيل آهيان. توهان هتڪڙي هٿو."

"ايس - پي ايڏو جذباتي نه ٿيءُ." مون وچ ۾ چيو "تنهنجي ضرورت جيل کي نه پر نوجوان نسل کي آهي. هو تنهنجو انتظار ٿو پيو ڪري" ۽ منهنجو هٿ آهستي آهستي سرڪندو وڃي پنهنجي ڪلاشنڪوف تائين پهتو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ٢٧

ساڳيءَ پوليس ۽ فوج، جنهن جا مون ان وقت پنجاهه ماڻهو ماري وڌا هئا، مون کي اسپتال مان فرار ٿي وڃڻ جي پيشڪش ڪئي. پر مون سندن پيشڪش کي ٺڪرائي ڇڏيو. مون کي هڻ جي سهاري زندگي گذارڻ کان نفرت ٿي چڪي هئي. مون ان دنيا ۾ رهڻ ٿي چاهيو جنهن ۾ انسانن مٿان، حيوانن جي برتري نه هجي ۽ جنهن ۾ پوليس وڏيري ۽ ڏاڙيل جي ٽڪنڊي ۾ غريب عوام بيوس بڻيو موت جي ڏہڻ ۾ ڏبجندو نه وڃي.

ٿوري گهڻي زنده رهڻ جي خواهش ان وقت اڀري، جڏهن قاسيءَ جي خبر سان منهنجو اخبار ۾ فوٽو ڏسي زينت مون سان جيل ۾ ملڻ آئي.

”تون بهادر ناهين“، هن روئندي چيو ”تون الله اوڀايو آهين. تو کي ناحق ۾ ڦاسايو اٿائون مان قرآن تي چوندس، تون ڏاڙيل ۽ خوني هرگز ڪو نه آهين.“

ان وقت زينت جا ڳوڙها ڏسي ۽ اهو ڄاڻي ته چاچو بڻي ڏينهن ٿيندا گذاري ويو هو، ڏاڍو ڏک ٿيم. مان هن جو آخري سهارو ۽ آٿت هوس هاڻي هوءَ اڪيلي هئي. زنده رهڻ جي ٿوري خواهش جاڳي ته سهي پر مان پنهنجي خواهشن کي دٻائي وڃڻ جو عادي ٿي چڪو هوس. مون نٿي چاهيو، جنهن ٽڪنڊي کي ٽوڙڻ لاءِ مرحوم سردار وڙهندو رهيو ۽ جنهن جي ٽوڙڻ لاءِ مان قاسيءَ تي چڙهي رهيو هوس، ان ۾ ٿي مجبور ۽ ذليل زندگي گذاريان مان زنده رهي، زينت لاءِ ٿورو سهارو ته بڻبس، پر نئين نسل جي جرئت، همت ۽ غيرت جي راهه ۾ رنڊڪ اچي ويندي. منهنجي قاسي هن لاءِ اميد ۽ انقلاب جو نئون ڏس هوندو.

اکين ۾ ڳوڙها تري آيا اڪيلي زينت، اڪيلي ٿي رهي.

هوءَ روئيندي رهي ۽ نه ڄاڻان الائي ڇا ڇا چوندي رهي توڙ تائين منهنجو ڪيس لڙندي. وڏي کان وڏو وڪيل ڪندي پنهنجا ڳهه ڳهنا ڳاري به منهنجي پويان لڳائيندي ۽ ....

ملاقات جو وقت ختم ٿيو ته زينت روئيندي هلي وئي. روئيندي سڏڪندي مون به سيخن تي سر رکي مٺيون ڀيڪوڙي، اکيون بند ڪري ڇڏيون. منهنجي لاءِ زندگي ڪيڏي نه ڪوجهي، بدصورت ۽ ظالم شي هئي. مون انهيءَ زندگيءَ کي، جنهن مٿان هڪ بيهودي ٽڪنڊي جي برتري ۽ اهميت حاصل هئي نوڪر هٿي ڇڏي.

مون ان ٽڪنڊي کان هار ته ڪاڏي، پر ان جي برتري تسليم ڪو نه ڪئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# قبول ابڙو

---

سماجي مسئلن کي ڪهاڻيءَ يا ناول جي روپ ۾ پيش ڪرڻ ۽ منڍ کان آخر تائين تسلسل ۽ دلچسپيءَ کي برقرار رکڻ ۾ قبول ابڙو کي خاص مهارت حاصل آهي. لکڻين ۾ اجايو ڊيگهه، لفاظي ۽ بي تُڪي ڊائلاگ بازيءَ بجاءِ سادي سولي ٻوليءَ جي استعمال کيس پڙهندڙن وٽ ڪافي مقبول بڻائي ڇڏيو آهي. اهو ئي سبب آهي جو سندس هر ڪتاب ڇپجڻ کان بعد ٿورڙي عرصي اندر مارڪيٽ مان غائب ٿيو وڃي.... ١٩٧٤ع ۾ سندس ڪهاڻي ڪتاب "ءُ سنڌو وهندو رهيو" کي انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو ٻارن سال جو بهترين افسانوي ادب قرار ڏنو ويو.... سندس ڪهاڻين جيان ناول کي ٻـ ادبي حلقي ۾ ڪافي مقبوليت حاصل آهي. هن وقت تائين سندس ٽي ناول ڇپجي چڪا آهن ۽ "تڪندو" سندس چوٿون ناول آهي. جنهن بابت صرف ايترو چوڻ ئي ڪافي ٿيندو تہ... پڙهڻ شروع ڪبو تہ پورو ڪرڻ کان اڳ (اڌ ۾) ڇڏي ڏيڻ لاءِ دل راضي نـہ ٿيندي... ۽ جن ليکڪ جا هن کان اڳ ۾ ڇپيل ڪتاب نـہ پڙهيا هوندا، تن جو من، هن ناول پڙهڻ کان بعد سندس اڳ ڇپيل ڪتاب، پڙهڻ لاءِ ضرور ماندو ٿيندو.

**سُوهڻ سنڌي**

باقراڻي - لاڙڪاڻو سنڌ

١٥-١١-١٩٩٣ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](http://books.sindhsalamat.com)

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book